

سرمد کوسو
سِتوُن
پڑھُ
ساڃاھ
جُون

سِتون پڑھ ساچاھَ جُون

[مختلف کتابن تي رايا ۽ تبصرا]

سرمد کوسو



2021ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

BOOK NO:121

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب:	سِتون پڑھ ساجاھَ جُون
ليکڪ:	سرمد کوسو
موضوع:	مختلف ڪتابن تي رايا ۽ تبصرا
ڇاپو:	پهريون
سال/مهينو:	سيپٽمبر 2021ع
ٽائيٽل:	نعيم ديسوالي
لي آئوٽ:	زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ڇپائيندڙ:	مرڪ پبليڪيشن ڪراچي
ملهه:	400 رپيا

ڈجيٽل ايڈيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

Published By: Murk publication,
Room No: 305 3rd Floor Sabir Manzil 98
Behind Gul Plaza, Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
murtazalaghari64@gmail.com
cell:03005182494



اڻپنا

هي پيار جو پورهيو،
ڪتابن جي
اُنهن عاشقن جي نانءِ،
جيڪي نہ رڳو،
ڪتاب پڙهن ٿا،
پر ڪتاب پڙهي ڪڙهن بہ ٿا.

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران سرمد کوسي جي مختلف ڪتابن تي لکيل راين ۽ تبصرن جو مجموعو "**سِٽون پڙھ ساڃاھ جون**" اوھان اڳيان پيش آھي.

سرمد کوسو موجود سماج جو ماڻھو آھي، ھو ھلندڙ سياسي صورتِحال تي بہ گھري نظر رکي ٿو تہ، ملکي معاملا بہ ڄاڻ ۾ اٿس، بين الاقوامي معاملا بہ سمجھي ٿو تہ سنڌ جو ڪلچر بہ سمجھي ٿو. اُھو ئي سبب آھي جو سندس لکڻي اسان جي ماحول جي آھي. مختلف ڪتابن تي لکيل سندس تبصرا، تجزيا ۽ اپياس سھيڙي انھن کي ڪتابي صورت ڏني وئي آھي.

ھي ڪتاب **مُرڪ پبليڪيشن، ڪراچيءَ** پاران 2021ع ۾ ڇپايو ويو آھي. ٿورائتا آھيون مُرڪ پبليڪيشن جي سرواڻ مرتضيٰ لغاريءَ جا جنھن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو. مھربانيون سرمد کوسي جون جنھن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڈيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

- پبلشر نوٽ: مرتضيٰ لغاري 09
- مهاڳ: سرمد کوسي جي ساجاھ وندياڻ کي جَسُ
  محمد علي ٻناڻ 11
- ڪتابن سان پيار ڪندڙ منهنجو سرمد! عائشہ کوسو 17
- ليکڪ پاران: سرمد کوسو 19

مضمون

1. ٻارن لاءِ نئين دور جي شاعري 22
2. هڪ منفرد ناول 24
3. سماجي بيحسي جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻيون 29
4. نندڙو چنڊ_ هڪ پيارو ناول 31
5. سائنس فڪشن واريون ڪهاڻيون 35
6. وقت بيهي نٿو 39
7. چوڏاري چمڪات 44
8. سئو لفظ سئو ڪهاڻيون 47
9. مُند بنا موتيا 50
10. سامين سمر سُور 56
11. چونڊ شاهڪار ڪهاڻيون 59
12. منهنجي من اندر جون ڳالهيون 62
13. ڪتاب: دنيا کان اڳتي تي هڪ نظر 66
14. گلن ۾ گلابي شهنشاھ گُل 73
15. ڪوءِ ڳنڊيندڙ هوءِ (ڪهاڻيون) 81

16. ايڪيهين صديءَ جو ادب 84
17. شاھ سنڌ جو ساھ 89
18. ڪتاب: سنڌ شناسي جو مختصر جائزو 92
19. ڊسٽ بن 94
20. سنڌ جي ڏاھپ کان انترويو 97
21. قيد ڪشالا زندگي (آتم ڪٿا) 101
22. دل ڇھندڙ آتم ڪٿا (دارون ۽ کارون) 103
23. تاريخي ۽ ادبي حوالي سان ھڪ اھم ڪتاب 107
24. سنڌي سماج جا مختلف پاسا سمجھائيندڙ ڪتاب 112
25. ھمسَري جي چوٽين سالگرھ 117
26. قلم جي وارثن کي پيار مان پيٽا 119
27. ٽي ماھي مھراڻ (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ نمبر) 122
28. جان جيئان تان پاڙيان 126
29. سُپيريان جي ڳالھڙي (يارت جو سفرنامو) 132
30. عني ۽ مائو 136
31. انور پيرزادي جون ڪھاڻيون 138
32. محمد علي پناڻ جون ڪھاڻيون
سماج جي پرپور عڪاسي 140
33. ھڪ بھترين نقاد- جامي چانڊيو 144
34. ھنج نہ آيا ھيل 146
35. سنڌي سماج جي عڪاسي ڪندڙ بلاگز 154
36. جي تو اجا نہ جاتو 159
37. منل جسڪاٽي جو ڪتاب:برسات ۽ ٻوڏ 167
38. ابوبڪر شيخ جو نئون ڪتاب تاريخ کي مسافر 173

39. صبح ٹيندو	175
40. اندر مُلھہ امُلھہ	180
41. وبا کان چورايل پَل	188
42. ڪاغذي ڳالھيون تي تبصرو	191
43. ڪتاب تحفي ۾ ملي تہ ٻيو چا ڪپي؟	193
44. درد پاڻ ئي همدرد آهي	196
45. گامون جي ڳولھا	201
46. اندر ۾ لھي ويندڙ درد	202

پبلشر نوٽ:

نوجوان ليکڪ سرمد کوسو پنهنجي اسلوب جو منفرد تخليقڪار آهي، جيتوٽيڪ سندس ادب ۾ آمد کا گهٽي پراٽي نہ آهي، پر سندس سجاٽپ سگهاري آهي، ايئن ٻہ ناهي تہ هن ڪاغذ قلم ئي ڪالهہ هٿ ۾ کنيو هجي، هو ورهين کان مسلسل مطالعو ٻہ جاري رکي ٿو تہ لکندو ٻہ رهي ٿو، سندس لکڻ جي رفتار ۽ لکڻ جو معيار ڪيس نئين ٽهيءَ جي ليکڪن ۾ نرالو مقام بخشي ٿو، هو جهڙي ريت معصوم، نماٽو، ڪلٽو ملٽو، محبتي ماڻهو ۽ سنجيده شخصيت جو مالڪ آهي، اهڙي ريت سندس لکڻين جو انداز ٻہ نرالو آهي.

سرمد کوسو ٿوري وقت ۾ گهڻا ڪتاب لکي چڪو آهي، سندس بنيادي تعلق تعليم جي شعبي سان آهي، اهو ئي سبب آهي جو سندس پهريون ڪتاب تعليم جي موضوع تي "تِنين کي تعليم جي" جي نالي سان ڇپيو، جنهن بعد سندس ٻيو مضمونن تي آڌاريل ڪتاب "سڙيا مٽي سچ" مرڪ پبليڪيشن ڪراچيءَ طرفان ڪجهہ ئي وقت اڳ ڇپيو آهي.

سرمد کوسو موجود سماج جو ماڻهو آهي، هو هلندڙ سياسي صورتِحال تي ٻہ گهري نظر رکي ٿو تہ، ملکي معاملا ٻہ ڄاڻ ۾ اٽس، بين الاقوامي معاملا ٻہ سمجهي ٿو تہ، سندڙ جو ڪلچر ٻہ سمجهي ٿو، اُهو ئي سبب آهي جو سندس لکڻي اسان جي ماحول جي آهي. هن ٻيري مختلف ڪتابن تي لکيل سندس تبصرا، تجزيا ۽ اِيباس سهڙي انهن کي ڪتابي صورت ڏني وئي آهي، توڙي جو اُهي ليک وقت ٻہ وقت مختلف اخبارن توڙي رسالن ۾ ٻہ ڇپيا آهن، تہ ڪجهہ سوشل ميڊيا جي زينت ٻہ بڻيا آهن، پر انهن لکڻين کي ڪتابي صورت ۾ آڻي "سٹون پڑھ ساجاھ جون" جي نالي سان تاريخ جو حصو بڻايون ٿا.

مرڪ پبليڪيشن ڪراچيءَ طرفان سرمد کوسي جو ٻيو ڪتاب آڻڻ تي ادارو ٻہ خوش آهي تہ ليکڪ کي ٻہ سُرهائي آهي. اميد تہ پڙهندڙ ٻہ اسان جي ان سنگم کي اهميت ڏيندي پنهنجي قيمتي راءِ جو اظهار ضرور ڪندا.

مرتضيٰ لغاري

03005182494

مھاڳ

سرمد کوسي جي ساڃاھ وندیءَ کي جَسُ

ادب سماج جو آئينو ھوندو آھي. جنھن ۾ ان جو عڪس وقت ۽ تاريخ سان ڇڻو نظر ايندو آھي. ڇگايون ۽ برايون ٻئي ان ٻيڙي ۾ سوار ھوندیون آھن. جن جي روشنيءَ ۾ معيشت جا رستا متعين ڪيا ويندا آھن. جيڪي پستي ۽ بلنديءَ جي ميل جي پٽرن ڏانھن زماني جي ماٹھن جي نظرن جو مرڪز ٻڌبا آھن.

ائين سنڌ جي ادب جي تاريخ جو قديم زمانن کان موجوده وقت جي ڪيل سفر جو باريڪ بينيءَ سان جائزو وٺنداسين تہ، ھر دور جون سماجي حالتون اسان اڳيان عيان ٿي بيھنديون. جنھن جي تفصيل ۾ وڃڻ ۽ ڊگھي رستي کان ڪَٹُ ھٹي ۽ موڙ مَٹي اسان موجوده دور ۽ ان جي ويجھي ماضيءَ تي پنھنجي توجہ مرڪوز ڪري سنڌي ادب ۽ شاعريءَ کي اڄ جي سڃاڻ ادیب ۽ تجزيي نگار سرمد کوسي جي اکين واري سمجھ ۽ علمي اکير سان ترتيب ڏنل ھن ڪتاب کي اڻ ڏريو ٿي ڏسنداسين ۽ ان مان پروڙ جا پنڌ تلاش ڪنداسين، تہ خبر پوندي تہ اسانجي اديبن، شاعرن ۽ عالمن تاريخ جي ڇيٹي کي پنھنجي علم ۽ عقل جي طاقت سان اڳتي وڌائڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آھي.

ھي ڪتاب، جيڪو سرمد کوسي جي تازو ئي ڇپيل سنڌي ڪتابن تي مختلف وقتن تي محبت پائي مَنَ ۾ ڪيل تبصرن تي مشمل آھي، ان جي ھڪ ھڪ سِٹ ۽ ورق ورق ۾ ھن جي ذھين ھجڻ جو عڪس نمايان آھي. ھن ھي تبصرا آگر ڪتائي شھيدن جي لسٹ ۾ شامل ٹيڻ لاءِ نہ ڪيا آھن، پر ان ذميواريءَ کي پنھنجي

ذھن تي انتھائي سنجيدگيءَ سان سوار ڪري ڪيا آھن، تہ جيئن ھلندڙ وقت جي ماڻھن /پڙھندڙن آڏو اھا ڳالھ روز روشن ٿي ٻيھي تہ اسانجا قلمڪار ڪنھن بہ ريت دنيا جي قلمڪارن جي ست ڪان ھر حساب ۾ ڪٽ ۾ پوئتي ٻيئل نہ آھن.

اسانجي ادبي دنيا جي نئين متعارف ڪرايل رواج موجب تنقيد جا ڪجھ ڪتاب پڙھي، پاڻ کي "عقل ڪل" يا ڪوئي وانگر ھريڙ لھي "پساري" سمجھي جيئن ڪجھ فرد تعصب جي عينڪ پائي نئين سِرجيل ۾ سِرجندڙ ادب جي جھان کي خواريءَ جو ڪارو ٻٽائڻ جي مھم ۾ سندرا تاٽي ميدان ۾ لٽل آھن، سرمد کوسي انھن جيان مَکِ (جيڪا سڻن کاڌن ۾ شين کي بہ گند سمجھي انھن تي ويھڻ واري پنھنجي فطرت کان مجبور ھوندي آھي ۾ گندو ڪرڻ ھر صورت ۾ ضروري سمجھندي آھي) ٻڌجڻ بجاءَ پاڻ کي مَکو ٻٽائڻ جو فرض نيائڻ ضروري سمجھيو آھي، جيڪو فطري طور ماکيءَ جي ماناري کي ئي پنھنجو گھر ڪري ويھي حياتيءَ جي سفر کي پاڻ تہ سڪلائتو ٻٽائيندو آھي، پر ٻين کي بہ مناڻ جو فيض آڇڻ کان پري ٿي ٻيھڻ واري غفلت جو دڳ ڪڏھن بہ ناھي ونندو.

ڪتاب جي ترتيب موجب پھريون تبصرو "ٻارن لاءِ نئين دور جي شاعري" جي سِري سان پڙھڻ لاءِ ملي ٿو. جيڪو ياسر قاضيءَ جي ٻارن جي لاءِ ڪيل شاعريءَ جي ٽئين ڪتاب "لولو ڏنو ڪانوَ کي" تي آھي. جنھن جي شروعات سرمد کوسو ھنن لفظن سان ڪري ٿو تہ،"ٻار، جيڪي ھر قوم جو سرمايو ۾ معصوم مستقبل ھوندا آھن، انھن جي تربيت ايتري اھم ۾ حساس آھي، جيتري گلن جي آبياري ڪرڻ."

اڳتي ھو لکي ٿو تہ،"اسان وٽ جيڪو لکيو وڃي ٿو، ان ۾ وري ٻارن لاءِ يا ٻارن تي تمام گھٽ لکيو ٿو وڃي. جيڪا افسوس ۽ ڏک جي ڳالھ آھي."

ان ڏک ۽ افسوس جي اظھار مان ليکڪ پنھنجي روشن خياليءَ جو پھريون نقطو بيان ڪري ٿو ۽ ليکڪن جي ھڪ وڏي ڪيپ کي احساس ڏياري ٿو، تہ اھي پنھنجي قوم جي ان قيمتي سرمايي لاءِ وقت ڪڍن ۽ کين پنھنجي لکڻين جي صورت ۾ سندن معصوم ذھنن جي آبياري لازمي طور ڪن. جنھن سان نہ صرف ادب جي تاريخي تسلسل کي دوام حاصل ٿيندو، پر انھن ٻارن مان مستقبل جا وڏا اديب ۽ شاعر پيدا ٿيڻ جا امڪان پڻ روشن ٿيڻ اٽٽر بڻبا. ڇاڪاڻ جو اسانجا ٻارَ نڏڪائيءَ جو شڪار بڻيل آھن، جن ۾ نِجُ پِڄُ ادبي اوسر لاءِ ماضيءَ جيان نہ تہ غير سياسي "گلن جھڙا ٻارڙا" يا "ٻارن جي ٻاري" جھڙيون تنظيمون آھن، نہ سياسي پارٽين جون "سجاڳ ٻارڙا سنگت" ۽ "ساڻي ٻارڙا سنگت"

اھا ذميواري "سنڌي ادبي سنگت" ٻہ پاڻ تي ڪونہ پئي ڪٽي، نہ ڪا بي سماجي تنظيم. انڪري مستقبل جا اياز گل، ادل سومرا، مختيار ملڪ وغيرہ ڪيئن ۽ ڪھڙي طرح پيدا ٿيندا، اھو موجوده وقت جو ھڪ وڏو سوال آھي. جنھن جي جواب لاءِ اسان جي ساڃاھ وندن کي ضرور سنجيده ٿي سرگرمي اختيار ڪرڻ گھرجي.

موٽي اچون ٿا وري ٻہ ياسر قاضيءَ جي ڪتاب تي ڪيل تبصري تي، تہ ان ۾ سرمد کوسي ياسر قاضيءَ جي بي شاعريءَ سان گڏ انھن بن دعايہ شعرن جي خاص طور نيڪي ڪئي آھي، جن مان ھڪڙي "علم" لاءِ آھي تہ، "علم جو رستو ونائج اي خدا!" ۽ بي ماڻُ لاءِ تہ،" تنھنجو پاڇو سِرَ تي قائم رھي،

مامتا جو مرتبو دائم رهي..."

ٻيو تبصرو "هڪ منفرد ناول" جي عنوان سان اڪبر سومري جي لکيل ناول "ڪماڇ" تي ڪيل آهي. جنهن ۾ سرمد کوسي بيحد ئي خوبصورت انداز ۾ ناول مان ڪهاڻيءَ جي تسلسل واريون خاص سِٹون ڪٹي ۽ ڪيي ڪمال ڪاريگري ۽ ترتيب سان تبصري اندر سمائي ۽ پيش ڪري جن ماڻهن ناول نہ پڙهيو آهي، انهن کي ڏهن ئي آگرين جو زور ڏئي "ڄڻ ڪوزي ۾ سمنڊ کي بند ڪري" هرکايو آهي ۽ منجهن اها اڄ ڀرپور طريقي سان پيدا ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي تہ اهي ناول پڙهي پنهنجي تاس ضرور مِٹائن. ڇو تہ سنڌي ناولن جي جهانَ ۾ هي واقعي ٻہ هڪ اهم ۽ منفرد ناول آهي. جنهن کي پڙهڻ کانسواءِ اسانجي ناولن جي تاريخ جو مطالعو اڻپورو هوندو.

ٽيون تبصرو شميم مريءَ جي ڪهاڻين جي ڪتاب "ميران جوڳڻ" بابت آهي.

هن تبصري ۾ ليکڪ ڄاڻايو آهي تہ، شميم مريءَ جي ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين ۾ عورت جي ڪردار جا مختلف روپ پيش ڪيا ويا آهن. جن ۾ نہ صرف ان تي ٽيندڙ ظلمن کي وائکو ڪيو ويو آهي، پر احتجاج کي ٻہ رقم ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ جاگيرداري سماج جي اوٽاين تي نظر کي مرڪوز ڪندي ان کان نفرت جو اظهار ٻہ ڪيل آهي. ٻئي طرف عورت جو عورت مٹان ڪيل بي رحماڻو سلوڪ ٻہ منظر ۾ آڻي ۽ ان جي نندا ڪري ليکڪا پنهنجي روشن خياليءَ جي سوچ کي عيان ڪيو آهي.

انتهائي مختصر لفظن ۾ هن ڪتاب جو سرمد کوسي شميم مريءَ جي سمورين ڪهاڻين جو اهڙي منفرد انداز ۾ جائزو ورتو

آھي، جو پڑھندڙ ليکڪ جي قلمي سفر کان با آساني واقفيت حاصل ڪري ونيِ ٿو ۽ منجھس ان ڪتاب کي پڑھڻ جو ڃاھُ وڌي پيماني تي پيدا ٿئي ٿو.

"ننڍڙو چنڊ" نالي سان انور ابڙي جي ٻارن لاءِ لکيل ناول جو مفصل جائزو ونندي سرمد کوسي ڄاڻايو آھي، تہ ھن ناول ۾ ڄمڻ کان ويندي اسکول ۾ پڑھڻ تائين "عنيق" نالي ٻارڙي جي سوانح عمري لکي وئي آھي. جنھن ۾ ٻار جي تربيت تي خاص توجہ مرڪوز ڪئي وئي آھي ۽ ان جي ڪيل معصوم حرڪتن کان ويندي ڪيل سوالن ۽ اسکول ۾ تعليم پرائڻ تائين جي سموري ڪارگذاريءَ کي فوڪس ڪندي ڪيس سماجي، سائنسي، فطرت جي شھري ۽ ٻھراڙيءَ جي حسناڪين، ماڳن مڪانن، درياھ، درگاھن ۽ مھذب رَوَئِين جي اپنائڻ جو درس ڏنئي، جڏ تہ ھر اولادي ماڻھوءَ کي ھڪ اھڙو گس ڏيکاريو ويو آھي، تہ جيڪڏھن اھي پنھنجي ٻارڙن جي ذھني اوسر لاءِ ان تي پنھنجي شعور جي پيرن جي پنڌ کي لازمي ٻڌائيندا تہ يقينن انھن جو اولاد موجوده صديءَ جي تقاضائن موجب ھڪ بھتر انسان ٿي دنيا ۾ پنھنجو منفرد مقام حاصل ڪندو، پر ٻين لاءِ ٻہ مثال ٻڌجي نئين سماج جي اڏاوت جو خاص محرڪ ٻڌبو.

ان کان علاوه ھن ڪتاب ۾ سرمد کوسي "سائنس فڪشن واريون ڪھاڻيون"، "وقت بيھي نڏو"، "چوڏاري چمڪاٽ"، "سئو لفظ سئو ڪھاڻيون"، "مند بنا موتيا"، "سامين سمر سور"، "چوندِ شاھڪار ڪھاڻيون"، "منھنجي من اندر جون ڳالھيون"، "دنيا کان اڳتي"، "گلن ۾ گلابي شھنشاھ "گل"، "ڪوءِ ڳنڍيندڙ ھوءِ"، "ايڪيھين صديءَ جو ادب"، "سنڌ شناسي"، "ڊسٽ بن"، "سنڌ جي

ڏاھپ کان انترويو"، "قيد کشالا زندگي"، "دارون ۽ کارون"،"تاريخي ۽ ادبي حوالي سان اھم کتاب"، "سنڌي سماج جا مختلف پاسا سمجھائيندڙ کتاب"، "ھمسري جي چوٽين سالگرھ"، "قلم جي وارثن کي پيار مان پيٽا"، "مھراڻ (ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر)"، "جان جيئان تان پاڙيان"، "سپيريان جي ڳالھڙي"، "عني ۽ مائو"، "انور پيرزادي جون کھاٽيون"، "محمد علي ٽالپاڻ جون کھاٽيون"، "ھڪ بھترين نقاد" ۽ "ھنج نہ آيا ھيل" ۽ ڪجھ ٻين عنوانن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل اھم ڪتابن تي ھڪ انتھائي سڃاڻ پڙھندڙ جي حيثيت سان جيڪي تبصرا ڪيا آھن، سي اسانجي موجوده دور جي ادبي تاريخ جي نئين دري کولي وقت جي محققن ۽ نقادن کي پنھنجا ڪنڌ ۽ اکيون ڦيرائي، ان ۾ جھاتي پائي تمام ڳوڙھي ۽ چيڙھيالي نظر وجھي غور فڪر جي ڀرپور دعوت ڏين ٿا. جنھن لاءِ سندس جستجو ۽ ساجاھ وندیءَ کي جَسُ ڏيڻ واري فرض ادائگيءَ کان غفلت اختيار ڪرڻ سج کي ترِيءَ ھينان لکائڻ برابر پاسي ٿو.

محمد علي ٽالپاڻ

28 ڊسمبر 2020ع

ڪتابن سان پيار ڪندڙ منھنجو سرمد!

لکڻ جي شروعات ڪِڻان ڪريان، ڪھڙي ڪھڙي ڳالھ لِکان! ڇو تہ منھنجي پياري پُٽ لاءِ منھنجي دل ۾ ايتريون ڳالھيون آھن، جو بس لکندي ئي رھان... ھونئن ب جيڪو ماڻھو وڌيڪ ويجھو ۽ بيحد پيارو ھوندو آھي، اُنھي لاءِ پنھنجي احساسن جو اظھار ڪندي، اڪثر لفظ ساڻ ناھن ڏيندا، سو سرمد تي لکڻ لاءِ منھنجي ب ڪجھ اھڙي ئي ڪيفيت آھي.

مانيٽو مزاج رکندڙ، اڪثر اڪيلو ۽ الڳ ٿلڳ رھندڙ سرمد، مون کي خبر آھي تہ پنھنجي اندر ۾ ھڪ معصوم دِل رکي ٿو. بيحد حساس، حد کان وڌيڪ پيار ڏيندڙ ۽ جيڪڏھن ڪنھن بيرُخي ڪئي تہ پوءِ اُن سان ھميشہ لاءِ تعلق ختم ڪري ڇڏيندو ۽ اُنھي ماڻھو کي بغير ڪو ڏوراپو ڏيڻ جي خاموشي سان اُن کان پري ٿي ويندو آھي.

آءٌ جڏھن ب سندس ڪمري ۾ ويندي آھيان تہ سندس سامھون ڪو نہ ڪو ڪتاب رکيل ھوندو آھي، قلم ھن جي ھٿ ۾ ھوندو آھي ۽ نوٽ بڪ تي ڪجھ نہ ڪجھ پيو لِکندو آھي. گھر ۾ جڏھن ب ڪا ٽپال ايندي آھي تہ اُن ۾ اڪثر سرمد جي ئي ھوندي آھي، جنھن ۾ ڪتاب ۽ رسالا ھوندا آھن. ننڍي ھوندي کان ئي ڪيس ڪتابن سان بيحد پيار آھي. جڏھن ڪيس اسڪول جي خرچي ملندي ھُئي تہ ھي انھيءَ خرچي مان ڪتاب ۽ رسالا وٺندو ھو، جڏھن تہ اڪثر ٻار راندِيڪا وٺندا آھن پر ھِن کي ڪتاب خريد ڪري مزو ايندو ھو. سندس اِھو شوق ھر روز وڌندو رھي ٿو. ھاڻي جڏھن

پگھار ڪٽندو آھي تہ، پگھار مان بہ پنھنجي لاءِ ڪتاب ئي ونندو آھي.

مون وٽ جڏھن گھر ڪي عورتون مھمان ٿي ايندیون آھن تہ، حيرت مان پُڇنديون آھن: "ايترا ڪتاب ڪير ٿو پڙھي؟"

مون کي بيحد خوشي ٿيندي آھي، جڏھن آءٌ سرمد جا ڪتاب ناھي رکندي آھيان. ڪڏھن ڪڏھن حيرت ٿيندي اٿم تہ، ھِي اخبارن جو پُراڻيون ڪٽنگس، پُراڻا رسالا ۽ ڪتاب ڪيئن سنياليِ رکي ٿو ۽ ڪيس خبر ھوندي آھي تہ، ڪھڙو ڪتاب ڪٿي پيل آھي. ڪتابن جي ترتيب ڪيس سُڻي لڳندي آھي. سندس پڙھيل ڪتاب صاف سُٿرا، اڃا ۽ اُجرا ھوندا آھن، جيڪي سندس پيار جي گواھي ڏئي رھيا ھوندا آھن.

ھاڻي ڪجھ سالن کان سندس ڪتاب بہ ڇپجن پيا، جيڪا مون لاءِ ھڪ ماڻُ جي حيثيت ۾ فخر جي ڳالھ آھي جو منھنجو ٻَڇڙو علم ۽ ادب سان وابستہ آھي ۽ ڪيس پنھنجي ماٺھن ۽ مِٽي سان پيار آھي. سرمد جو ھي ڪتاب تہ وري خاص طور تي آھي ئي ڪتابن جي باري ۾! سو، انھيءَ ڪتاب تي بہ اڪر لکندي مون کي جيڪا خوشي ٿي رھي آھي، سا شايد ئي ڪير محسوس ڪري سگھي. منھنجي دعا آھي تہ منھنجو پُٽڙو سدائين سُکيو ھُجي.

آمين!

عائشہ کوسو

(سرمد جي اَمڙ سائنڀ)

10 جون، 2021ع

پنھنجي پاران

ارنيسٽ هيمنگوي چيو آهي تہ: "ڪتابن جھڙو ٻيو ڪو بہ وفادار دوست ناهي." ڪتاب ئي آهن، جيڪي ماڻھو جا سونھان ۽ رھنما ٻڌجن ٿا. اوھان ڪتابن جي مطالعي مان ئي پنھنجي ذھن کي وسعت ڏئي سگھو ٿا. ڪتابن جو مطالعو منھنجي روز جو معمول آهي. گذريل ڪجھ سالن کان مون پنھنجي مطالعي ۾ آيل ڪتابن مان ڪجھ ڪتابن تي، ھڪ پڙھندڙ جي حيثيت سان پنھنجا رايا ۽ تبصرا لکيا. جن مان کافي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ شايع ٿيا. جڏھن مون انھن سيني ننڍن وڏن مضمونن کي ھڪ ھنڌ سھيڑيو تہ ڪتاب جيترو مواد ٿي ويو.

اڄ انھي ڪتاب کي اوھان سڃڻن سامھون پيش ڪندي، خوشي جو احساس ٿي رھيو آهي. ھي کي تنقيدي رايا ناھن پر ھڪ ڪتابن سان پيار ڪندڙ شخص جي دل مان نڪرندڙ اپرا سيرا احساس آھن. جن کي محفوظ ڪرڻ ضروري ٿو سمجھان. ڪتاب خريد ڪرڻ، ڪتاب کي ڇُھڻ، زبان تي ڪتاب جي پني جي سواد کي محسوس ڪرڻ، ڪتابن جي خوشبوءِ جو لطف ونڻ، ڪتابن کي سُھڻي ترتيب ۾ لائبريري ۾ سنياليِ رکڻ ۽ مطالعي کانپوءِ ڪتابن تي بہ اکر لکڻ منھنجو پسنديده مشغلو رھيو آهي.

ھن ڪتاب ۾ موجود جن ڪتابن تي تبصرا لکيا اٿم، انھن مان اکثر مون خريد ڪيا ھئا ۽ ڪجھ دوستن تحفي طور ڏنا ھئا. مون انھن سيني تي لکڻ تمام ضروري سمجھيو. ڇو تہ منھنجي نظر ۾ ڪتابن جي تمام گھڻي اھميت آهي. ھن ڪتاب کي شايع ڪرائڻ جو وڏو مقصد بہ اھو ئي آهي تہ، ماڻھن ۾ ڪتابن جي اھميت ۽ انھن جي مطالعي کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. سو اميد آهي تہ، اسان جي ھي ننڍڙي ڪوشش اوھان کي ضرور وڻندي.

مون پنھنجي ھن ڪتاب لاءِ ھڪ ليک پنھنجي امڙ سائنڊ ڪان ٻہ لکرايو آھي. ڇو تہ اڄ مان جيڪو ٻہ اکر لکڻ ۽ پڙھڻ جي قابل ٿيو آھيان، اُنھي ۾ وڏو ڪردار انھي عظيم ھستي جو آھي. جيڪا ھر وقت منھنجي علم، عقل، فھم، صحت ۽ روزگار ۾ واڌ لاءِ دعائون ڪندي رھندي آھي. سو، مان پاڻ لاءِ اھو اعزاز ٿو سمجھان تہ منھنجي امڙ سائنڊ منھنجي ڪتاب تي لکيو آھي.

اڳ واري ڪتابن وانگر ھن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ۾ ٻہ منھنجي پياري پاڻ منصور منھنجي مدد ڪئي، سندس تمام گھڻي مھرباني. پٽائيءَ سائين جي شاعري مان ڪتاب جو خوبصورت نالو تجويز ڪرڻ تي مان پنھنجي پياري پاڻ ياسر قاضي جو ٻہ بيحد ٿورائتو آھيان.

ڪتاب جي مھاڳ لکڻ لاءِ سائين محمد علي پناڻ ۽ بئڪ ٽائٽل سِٽن لاءِ سرواڻ سنڌي صاحب جو ٻہ بيحد ٿورائتو آھيان، نور احمد جنجھي صاحب ۽ منوج ڪمار صاحب جن خلوص مان منھنجي ڪتاب تي پنھنجو رايو لکي ڏنو. انھن جا ٻہ لک قرب. ڪتاب جي خوبصورت ٽائٽل ناھڻ لاءِ نعيم ديسوالي ۽ ڪتاب جي شاندار ڇپائي لاءِ مرڪ پبليڪيشن جي دوستن جو ٻہ احسانمند آھيان.

انھيءَ اميد سان موڪلايان ٿو تہ پڙھندڙ منھنجي اڳ وارن ٻن ڪتابن وانگر منھنجي ھِن ٽئين ڪتاب کي ٻہ دل سان پڙھندا ۽ پنھنجي پيار سان نوازيندا.

سرمد کوسو

7 جولاءِ، 2021ع

سِتُون پڑھُ ساجاھَ جُون

.....

سِتُون پڑھُ ساجاھَ جُون، ڪَنزُ قُدُوري چڏِ،
وانءُ تنين جي سَڏِ، جَنين سانگُ نہ ساھَ جو.

(شاھ)

(سُر يمن ڪليان۔ داستان پنجون)

ٻارن لاءِ نئين دور جي شاعري

ٻار، جيڪي هر قوم جو سرمايو ۽ خوبصورت ۽ معصوم مستقبل هوندا آهن. انهن جي تربيت ايتري اهم ۽ حساس آهي جيتري گلن جي آبياري ڪرڻ. اسان وٽ جيڪو لکيو ٿو وڃي، ان ۾ وري ٻارن لاءِ يا ٻارن تي تمام گهٽ ٿو لکيو وڃي. جيڪا افسوس ۽ ڏک جي ڳالهه آهي. اسان کي هر وقت ٻاراڻي ادب جي ڪمي محسوس ٿيندي رهندي آهي. اهڙي کوٽ کي کنهن حد تائين پورو ڪرڻ لاءِ ڪجهه دوست ٻارن لاءِ لکي رهيا آهن، جن ۾ ياسر قاضي به هڪ آهي. ياسر جيڪو برادڪاسٽنگ جو وڏو نالو هئڻ سان گڏوگڏ شاعر به نرالو آ. ياسر هن وقت تائين ٻارن لاءِ ٽي شاعري جا ڪتاب لکيا آهن. جيڪا کافي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن. تازو سندس نئون ڪتاب لولو ڏنم ڪانوَ کي شايع ٿيو آهي، جنهن جي مهورت ٻالڪ ادبي ميلي حيدرآباد ۾ ٿي چڪي آهي. جنهن ۾ 36 نظم شامل آهن ۽ هر نظم ساڻ خوبصورت اسڪيچ ڏنل آهي، جيڪو به ياسر جو ناهيل آهي. ياسر جي ڪتابن جا ٽائٽل به تمام آرٽسٽڪ هوندا آهن. هن ڪتاب جو خوبصورت ٽائٽل فتاح هاليپوٽو جو ناهيل آهي. ڪتاب جو بيڪ ٽائٽل وينا شرنگي جو لکيل آهي. وينا، ياسر جي ڪتاب لاءِ لکي ٿي، "هن ڪتاب ۾ شامل نظم ۽ گيت، نه صرف ٻارن جي دنيا جو سير ڪرائن ٿا پر انهن جي پسند جا موضوع جهڙوڪ ماءِ پي، علم، ڪاڌ خوراڪ، ڌرتي ماتا وغيره کين چڱائي ۽ وطن جي حب طرف به مائل ڪن ٿا، نه صرف ايترو پر ياسر پنهنجن نظمن ۾ جانورن، جيون ۽ جيتن جي دنيا جو به سهڻو سير ڪرايو آهي."

ڪتاب جي ارپنا شام جي معصوم ۽ بي ڏوھ مري ويل 3 سالن جي ڪرد شامي ٻالڪ کي ٿيل آھي. ڪتاب جو مھاڳ نصير اعجاز جو لکيل آھي. ھن ڪتاب ۾ حمد، نعت، دعا، ماءِ پي تي نظمن سان گڏوگڏ شاھ صاحب ۽ سچل سائين تي ٻ نظم شامل آھن. ھن ڪتاب جي ھي ٻ خاص ڳالھ آھي، تہ ھن ۾ نظمن کي ٽن ڪيٽيگريز ۾ ظاھر ڪيو ويو آھي.

جن نظمن تي ھڪ استار لڳل آھي، اھي 2 سالن کان 7 سالن جي ٻارن لاءِ.

ٻن تارن وارا 7 سالن کان 13 سالن جي ٻارن لاءِ ۽ ٽن تارن وارا نظم 13 سالن کان 18 سالن جي ٻارن لاءِ آھن.

ياسر ٻارن کي دعا ٻ علم جي سيکاري ٿو،

"باعمل ڪر! ۽ سکڻ وارن مان ڪر!

علم جو رستو ونائج اي خدا!

وري ماءِ جي مامتا جو اظھار ڪجھ ھن ريت ڪري ٿو.

"تنھنجو پاڇو سر تي قائم رھي

مامتا جو مرتبو دائم رھي.

ابي جي محبت ۾ لکي ٿو،

" منو ڪيڏو آ بابا! نانءُ تنھنجو

پريو تو من جو خالي ٽانءُ منھنجو.

ياسر ٻارن کي ڪتابن جي اھميت سان ٻ روشناس ڪرائي ٿو،

"ڪتابن ساڻ سنگت اڇ! وڌايئون

وھيو ڇاڇا زماني ۾ پرائيون.

ھڪ منفرد ناول

ڪجھ سال پھرين امرتا نالي ادبي رسالي ۾ قسطوار ايندڙ ناول ڪماڻ جون ڪجھ قسطون پڙھيون ھيئم، جيڪو منفرد لڳو ھيئم. اھو ناول اڪبر سومري جو لکيل آھي. تازو ان ناول کي ڪتابي صورت ۾ ڏسي خوشي ٻہ ٿي ۽ دل چيو تہ ان ناول کي مڪمل پڙھي مزو ٻہ ونجي ۽ ان سان گڏوگڏ ناول تي ٻہ اکر لکجن.

ھي ناول ڪويتا پبليڪيشن پاران خوبصورت ٽائيٽل سان ڇپايو ويو آھي، ڪتاب جي بيڪ ٽائٽل تي ليکڪ بابت ويچار وندبيندي نامياروليکڪ عبدلقادر جوڻيجو لکي ٿو تہ

" اڪبر ۾ تخليقي ڏڃو شروع کان ئي موجود آھي. اڪبر سومري جھڙي ليکڪ کي ڪنھن جي ٻہ ٽپي جي ضرورت ناھي."

اڪبر سومرو واقعي ھڪ الڳ رنگ ڍنگ جو ليکڪ آھي، ان جو اندازو مون کي سندس ڪتاب "ڊسٽ بن" پڙھڻ سان ٿي ويو ھو.

اڪبر سومري ڪتاب جي ارپنا ۾ لکي ٿو تہ منھنجي لائيف پاٽنر مختيار اڪبر سومرو جي نالي, جنھن جي ساٿ بغير مان جيون جون سموريون منيون ۽ ڪڙيون گھڙيون گذارڻ لائق نہ ھجان ھا!

ڪماڻ جو تعارف ڪرائيندي اڪبر لکي ٿو تہ ڪماڻ راڳ جو ھڪ قسم آھي، جيڪو ننڍي ڪنڊ جي موسيقي جي ڏھن ننڍن مان ھڪ آھي. ھي راڳ ڪلاسيڪل استائلز ۾ ڳايو ويندو آھي پر ھن راڳ جو مزاج رومانٽڪ ھئڻ ڪري نيم ڪلاسيڪل ۽ ايجا ٻہ

هلڪين استائلز ۾ ڳايو ويندو آهي. اڪثر اندين فلمي گانا هن راڳ ۾ ڪمپوز ڪيل هوندا آهن. هن راڳ ڳائڻ جو وقت رات جو ٻيون پهر، جيڪڏهن نمري هجي تہ پهرين پهر ۾ ٻ ڳائي سگهجي ٿو. ڪجهہ راڳي شام جو وقت مناسب سمجهن ٿا. شاهہ سائين جي رسالي ۾ هڪ سر جو نالو ڪماچ (ڪنيات) آهي.

هي ناول نائن، اليون کان پوءِ جي دور ۾ لکيو ويو. 2001ع کان 2010ع تائين جي وقت، جڏهن NATO فورسز افغانستان ۽ عراق تي حملا پي ڪيا. ان وقت افغانستان جو طالبان سربراهہ ملان عمر، القائده جو باني اساما بن لادن ۽ عراق جو صدر صدام حسين جيئرا هئا، ناول ۾ بيان ڪيل منظرن، واقعن ۽ شخصيتن کي ان تناظر ۾ ڏسڻ کپي.

ناول کي 27 سب ٽائٽلز ڏنا ويا آهن ۽ انهن جا عنوان بہ خوبصورت آهن مثال طور: هتي جا واسي ڪو بہ عشق نٿا ڪن، زالن سان گڏ رهڻ خودڪشي برابر آهي، مچلي جل ڪي راني هي، چوڙو موري ڪلائيءِ نامارو ڪنڪروا، the city & Sex وغيره وغيره.....

هن ناول ۾ عماد نالي عاشق مزاج ۽ خوبصورت شخص جو مين ڪردار آهي جنهن جي شادي روميسا نالي خوبصورت عورت سان ٿيل آهي. جنهن مان هن کي هڪ ڏي ۽ هڪ پٽ جو اولاد آهي ۽ روميسا وري پريگننٽ آهي. عماد جنهن کي پاڙيسري سلمان جي زال عتيقا بہ وٹي ٿي تہ بي پاڙيسري شعيب جي ڏيءَ فائزا بہ وٹي ٿي. عماد شادي شدهہ هجڻ باوجود زارا نالي خوبصورت سندس پاڙيسري چوڪري سان بہ پيار ڪري ٿو ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ NGO ۾ ڪم ڪندڙ بيحد دلفريب چوڪري رابيعہ سان بہ سندس

افيئر آهي. انس نالي کڏڻ واري انداز وارو خوبصورت چوکرو ۽ انس جي دوست مونا بہ عماد جا گهرا دوست ۽ چاهيندڙ آهن. اهي آهن ناول جا خاص ڪردار جن جي چوڌاري ڪهاڻي ڦري ٿي ۽ ليکڪ نهايت ئي ڪاريگري سان انهن ڪردارن ذريعي اسان جي سماجي روين ۽ نفسيات ۽ معاشري جي عڪاسي ڪيئي آهي. وڌي ڪمال سان عماد جي زال ۽ محبوبائن ذريعي زندگي جي خوبصورتين ۽ تلخ تجربن جو اظهار ڪيو ويو آهي. اهڙن فردن ذريعي سماجي سوچ جي اٽل پٽل ڪئي ويئي جيڪو فليٽس ۾ زندگي گذارين ٿا ۽ هڪبئي سان ڪهڙو رويو رکن ٿا.

عماد جيڪو زال سان بہ بيحد پيار ڪري ٿو پر ان ساڳي وقت هو زارا ۽ رابيعہ سان بہ بيحد عشق ڪري ٿو، ان مان مرد جي بيوفا ۽ خودغرض فطرت کي خوب ظاهر ڪيو ويو آهي. وري زارا ۽ رابيعہ عماد کان عمر ۾ بہ ڪافي ننڍيون آهن ۽ کين خبر آهي تہ عماد شادي شدھ آهي، ان باوجود بہ هو عماد سان بيحد پيار ڪن ٿيون، انهيَ ذريعي ليکڪ عورت جي نفسيات ۽ عورت جي عورت سان دشمني ۽ ساڙ واري نفسيات کي اجاگر ڪيو آهي.

انسان ہئي جي جذبن سان کيئن کيڏي ٿو ان لاءِ اکبر، ناول جي هيرو کان چورائي ٿو تہ "هر ماڻهو ہئي ماڻهو جي جذبن سان کيڏي رهيو آهي! ڏينهن رات سڀ ڇٽا ڪوڙ پيا ڳالهائين. ڪورٽن، ڪچهرين ۾، اقتدار جي ايوانن ۾، مارکيٽن ۾، هوٽلن ۾، گهرن ۽ گهٽين ۾، اڪثر ماڻهو ڪوڙ جو سهارو وني پاڻ کي سچو ثابت پيا ڪن! سڀ رشتا ناتا هڪبئي جي اکين ۾ مرچ پيا وجهن ۽ سڀ ماڻهو پنهنجي لاءِ جيڪو بهتر سمجهن ٿا سو ڪن پيا."

دنيا جي بيحسي ۽ مٹي ذکر ڪيل وقت ۽ حالتن ۾ ماڻھن جي جذبن ۽ uncertainty کي اڪبر هن طرح بيان ڪري ٿو، "دنيا بي پناهي جي برف باري ۾ ٺڙڪي رهي آهي! ..... پناھ ڪٽي ۽ ڪانهي، ڪنهن ۽ جاءِ تي نہ! ڪنهن ۽ ملڪ ۽ ڏرتي تي ۽ نہ.....! پناھ جو رڳو دلبو آهي؛ هر ماڻھو جي هر وک موت طرف ڪڃي رهي آهي، ماڻھو سڃي عمر بي يقيني جي ڏبڻ ۾ گذاري ٿو ۽ نيٺ هڪ ڏينهن پاڻي ۽ گپ سندس قد کان وڌا ٿيو وڃن!....."

اڪثر شريف سڏائيندڙن جي نفسيات تي لکي ٿو ته "دنيا ۾ شريف ماڻھو ٿيڻ لاء گھٽ ۾ گھٽ ٽن شادين جي ضرورت پوي ٿي!..... اها بي ڳالھ آهي ته هر ماڻھو افورڊ ڪري نٿو سگھي! يا هر ماڻھو کي اھڙا موقعا نٿا ملن. ان ڪري هر ماڻھو کي شريف سمجھڻ بيوقوفي ٿيندو!."

زندگي لاءِ لکي ٿو ته "زندگي کوھ جي نار ۽ لوٽن جيان ماڻھو کي گھمائي ٿي پر اڪثر ان جو هر لمحو ماڻھو کي خوش رھڻ جا ٻيا ڪئين موقعا مهيا ڪندو ٿو رهي، پوءِ اهو ماڻھو جي مٽان آهي ته هو انهن لمحن کي ڪيئن ٿو پکڙي ۽ ان مان ساهس ونڻي."

ماڻھن جا ۽ مختلف قسم آهن " کي ماڻھو استرابيري جھڙا ٿيندا آهن، ڪي وري کجور جھڙا. ڪي ماکي جھڙا ۽ ڪي وري مکڻ جھڙا، ڪي ڪٽي لسي جھڙا ۽ ٽين؛ ڪي ماڻھو چاکليٽ جھڙا ٽين پر ڪي ماڻھو ٽوھ جھڙا ۽ ٿيندا آهن زهر..... ڳالھائين ۽ زهر اوڳاڃين.....!"

هن ناول جو هيرو عماد جڏهن پنهنجي محبوبا زارا جو موت ڏسي ٿو، ان وقت بيوسي جي عالم کي غضب جو چٽيو ويو آهي ۽ وري زخمن تي مرهم رکڻ لاءِ گذرندڙ وقت سان گڏ زارا کي وساري رابيعہ سان پيار ڪري ٿو تہ انسان جي خودغرضي ۽ فريبي نروار ٽيڪي ٿي...

سو هي ناول انسان جي جذبن ۽ احساسن جي عڪاسي ۽ دنيا جي مخصوص ملڪن ۾ ٽيندڙ دهشتگردي دوران جنم وٺندڙ نفسيات کي ظاهر ڪري ٿو. اهڙي قسم جو پرپور ناول اڪبر سومري جهڙو گهٽ پڙهيو ۽ اعليٰ مشاهدو رکندڙ ليکڪ ئي لکي سگهي ٿو. مان کيس خوبصورت ناول تي دلي مبارڪون ٻہ ڏيان ٿو ۽ انهن پڙهندڙن کي هي ناول Suggest ٿو ڪيان تہ جيڪي ناول سان ڇاھ رکن ٿا ۽ هو نہ رڳو هن کي پنهنجي لائبريري جو سونهن بڻائين پر پڙهي خوب مزو ٻہ وٺن.

**

سماجي بيحسي جي عڪاسي ڪندڙ ڪھاڻيون

اسان جي معاشري ۾ چوطرف بيپناھ ڪھاڻيون موجود آھن، ھر ڇھري، ھر منظر، ھر تصوير، ھر عڪس ۽ ھر سوچ ۾ ڪا نہ ڪا ڪھاڻي سمايل ھوندي آھي. معاشري جا حساس ماڻھو يئي سماجي وارتايئن ۾ لڪل ڪھاڻين کي ڳولي لھندا آھن. اھڙن ئي حساس ماڻھن ۾ شميم مري بہ شامل آھي، جيڪا سماج ۾ ٽيندڙ ناانصافين کي ڪھاڻين جو روپ ڏئي نہ رڳو انھن سماجي براين کي وائکو ڪري ٽي پر سندس ڪھاڻين ۾ انھن سماجي براين ۽ بي واجبين خلاف مختلف ڪردارن ذريعي پرپور احتجاج بہ ڪري ٽي. تازو ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران ميران جوڳڻ نالي شميم مري جي ڪھاڻين جو خوبصورت ڪتاب شايع ڪيو ويو آھي. ھن ڪتاب ۾ 43 شارٹ اسٽوريز شامل آھن. مختلف ڪھاڻين ذريعي ھن طبقاتي ۽ جاگيردار سماج جي اصليت کي ظاھر ڪيو ويو آھي ۽ انھي سماج ۾ خاص طور تي عورت کھڙي طرح مختلف اذيتن مان گذري ٽي، پرپور نموني ظاھر ڪيو ويو آھي. شميم جي ڪھاڻين ۾ پوتار جو بہ ذڪر آ جيڪو کھڙي طرح ڳوناٽي پرسڪون ماحول کي خراب ڪريو وينو آ، تہ يونيورسٽي جي رٽائر پروفيسر جو بہ ذڪر آ جيڪو ڪرسي کي چھٽل رھي ٿو. ھن جي ڪھاڻين ۾ سماج سڌارڪ جو بہ ذڪر آ تہ نام نھاد دانشورن جو بہ ذڪر آ تہ جيڪي پنھنجي اصليت ۾ ڪيڏا نہ ڪريل ۽ ھلڪا ماڻھو آھن. سندس ڪھاڻين ۾ عورت پاران عورت تي ٽيندڙ ظلم جي بہ پرپور عڪاسي ٽيل آھي. شميم جي ڪھاڻين ۾ رومانوي

انداز ۾ ملي ٿو ته براين جي نشاندهي ۾ بيباڪ انداز ۾ ملي ٿي. شميم هن کهاڻين ذريعي عورتاڻي ۽ مرداڻي نفسيات، پوڳنائن ۽ اڪيلائين جي بهترين احساس نگاري ڪئي آهي. هن کهاڻين ۾ انساني درد نظر اچي ٿو جيڪو شميم پڙهندڙ کان ۾ سهڻي نموني محسوس ڪرايو آهي.

شميم مري جي کهاڻين بابت ڪتاب جي بيڪ ٽائٽل تي نالياورو ليکڪ اخلاق انصاري لکي ٿو ته "شميم مري جا ڪردار انتهائي سگهارا ۽ سرڪش آهن. هن هر ڪردار جي نفسيات ۾ ان جي انا کي ڪٽي ۾ رد نه ڪيو آهي. شميم هڪ منفرد ۽ طاقتور کهاڻيڪاره آهي، جنهن کي پنهنجو ڏانءُ آهي. ڪيس ڪنهن سان پيٽڻ سندس سان ناانصافي ٿيندي".

هن ڪتاب جو مهاڳ نالياري کهاڻيڪار ضراب حيدر جو لکيل آهي. جنهن ۾ هو لکي ٿو ته "شميم مري ٿوري عرصي کان کهاڻيون لکڻ شروع ڪيون آهن ۽ هو پنهنجي هڪ مخصوص انداز سان لکڻ ڪري تيزي سان هڪ بيباڪ ۽ بولڊ کهاڻيڪارا طور ايري سامهون آئي آهي."

. هي ڪتاب کهاڻي سان چاھ رکندڙ پڙهندڙن جي لائبريري ۾ بهترين ۽ سهڻو اضافو ثابت ٿيندو.

**

ننڍڙو چنڊ_ھڪ پياروناول

سنڌي ادب ۾ هن وقت جيڪو ادب سرجي رهيو آهي، ان ۾ منهنجي خيال ۾ گهٽو حصو شاعري جو آهي ۽ ان کانپوءِ ڪهاڻيون ۽ لکجن پيون پر ناول، آتم ڪٿائون، سائنسي ۽ تحقيقي ڪم گهٽ لکجي ٿو. ان ۾ ۽ وري ڏسجي ته ٻارڙن جي لاءِ ته صفا نه هجڻ جي برابر لکيو ٿو وڃي. اهڙي ماحول ۾ ڪجھ اهڙا اديب ۽ آهن جيڪي وڏن لاءِ لکڻ سان گڏوگڏ ٻارڙن لاءِ ۽ لکندا رهندا آهن. انهن اديبن ۾ محترم انور ابڙي جو نالو نمايان آهي. انور ابڙي جون جڏهن ڪهاڻيون ٿيون پڙهجن ته هو رڳو ڪهاڻيڪار ٿو لڳي، شاعري ٿي پڙهجي ته مڪمل شاعر ٿو لڳي، ڪالم ۽ مضمون ٿا پڙهجن ته ڪالم نگار ۽ مضمونگار ٿو لڳي، ناول ٿو پڙهجي ته ناول نگار ٿو لڳي. اها خوبي گهٽ ليڪڪن ۾ آهي ۽ انهن سيني شين تي طبع آزمائي ڪري سگهن.

ٻارن لاءِ لکڻ واري روايت کي برقرار رکندي انور ابڙي ٻارن لاءِ "ننڍڙو چنڊ" نالي ناول لکيو آهي جيڪو ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد پاران تازو شايع ڪيو ويو آهي. هي ناول انور جي اڳ لکيل ناول 'ڀڳل راندیڪو' وانگر ٻارن توڙي وڏن لاءِ آهي پر هن ناول جو اهم ڪردار هڪ ٻارڙو آهي.

منهنجي خيال ۾ هي رڳو هڪ ناول ناهي پر هي هڪ پياري ٻار جي ٻالڪپڻ جي ڪهاڻي ۽ آهي ته سندس آتم ڪٿا جو حصو ۽ آهي. هي ناول سان گڏوگڏ هڪ ٻار جو سفرنامو ۽ آهي ته ڪيئن هو سهڻي سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان گهمي ٿو ۽ پوءِ

پنھنجي والد ۽ امڙ کان کيڏا نہ معصوم، پيارا ۽ لاجواب کندڙ سوال پڇي ٿو.

ھن ناول جو اھم ڪردار "عنيق" نالي ھڪ ڇھن سالن جو ٻارڙو آھي ۽ سرمد ۽ ڪونج نالي ڪردار سندس ابو ۽ امڙ آھن. جن سان ھو انگل آرا ڪري ٿو، معصوم سوال ٻہ ڪري ٿو ۽ معصوم حجتون ٻہ ڪري ٿو. عنيق، محترم انور ابڙي جو ننڍڙو آھي. جنھن جي ڪھاڻي لکي انور ھڪ عظيم، پيار ۽ پاڻھ کندڙ والد وارو احساس ڏيارو آھي.

ھن ناول ۾ ھڪ ٻار جي ڄمڻ کان وٺي ان جي اسڪول وڃڻ ۽ اسڪول جي شروعاتي ڏينھن ۾ ساڻس ٿيندڙ واقعن ۽ سندس معصوم ادائن جي ڪھاڻي کي ڇڪيو ويو آھي. ھي ناول پڙھڻ سان اھو احساس ٿہ ليڪڪ کي ٻارن ۽ انھن جي سھڻي ۽ بھتر تربيت جو ڪيڏو نہ اونو آھي.

جيئن ٿہ عنيق جو والد ڳوناڻي ماحول ۾ پيدا ٿي نوجوان ٿيو آھي ٿہ ھن کي اھو احساس شدت سان آھي ٿہ سندس اولاد شھر ۾ رھي ڪري ڳوناڻي زندگي وساري نہ ويھن. پنھنجي ڳوٺن ۽ سنڌ جي تاريخي ماڳن مڪانن سان پنھنجي ناتي کي مضبوط رکن. ان ڪري عنيق جو والد سرمد ۽ امڙ ڪونج، عنيق کي مھين جي ڏڙي کان وٺي ڪارونجھر جبل تائين گھمائين ۽ ھن کي سنڌ جي قديم ورثي بابت ڄاڻ ڏين ٿا. ڪيس منڇر ۽ ڪينجھر جو سير ڪرائي سنڌ جي ڏينڊن بابت ٻڌائين ٿا. مڪلي ۽ بادشاھي مسجد گھمائين ٿا.

ٻڌائي سائين جي روضي تي حاضري ڀري سنڌ جي حقيقي ۽ شعوري رھبر بابت ٻڌائين ٿا. ڪيس ڳوٺ جون ٻنيون ٻارا

گھمائين ٿا تہ جيئن سندس فطرت سان پيار اڃا بہ وڌي. ڳوٺ ۾ موجود جانور ڏسين ٿا ۽ انهن بابت ٻڌائين ٿا تہ جيئن هو جانورن سان پيار ڪري ۽ انهن جو خيال رکي.

عنيق کي ڳوٺ ۾ پنهنجي ڏاڏي ۽ ڏاڏي امان، پڦين، چاچين، چاچن، سئوٽن سان بہ ملائجي ٿو تہ جيئن ننڍپڻ کان کيس رشتن جو احساس هجي. انهن لاءِ عزت ۽ پيار هجي.

اسڪول ۾ بہ عنيق جي پنهنجي استاد سان اٽيچمينٽ کي ڏسيو ويو آهي تہ کيئن هڪ ٻار کي جڏهن اسڪول ۾ پيار ملي ٿو تہ هو کيئن نہ محنت ڪري پڙهي ٿو.

عنيق پنهنجي بابا سان رات جو تارن ڀري آسمان ڏينهن جڏهن سمهي ٿو تہ ان کان ڪهاڻيون ٻڌڻ جي فرمائش ڪري ٿو ۽ سندس والد اهو حڪم سمجهي کيس ڪهاڻيون ٻڌايئي ٿو.

عنيق ڪڏهن ڪڏهن اسڪول وڃڻ جي ناهي ڪندو تہ سرمد ڪونج کي چوندو آهي تہ خير آ هن تي سختي نہ ڪيو پاڻ خوشي سان ويندو. ان ذريعي پڙهندڙن کي اهو پيغام ڏنو ويو آهي تہ ڪڏهن بہ ٻارن تي سختي نہ ڪيو پر هن تي شفقت جو هٿ رکو ۽ پيار ڏيو.

هن ناول ۾ ٻارن ۾ جانورن ۽ پکين لاءِ پيار جو جذبو پيدا ڪرڻ جو بہ سبق ڏنو ويو آهي تہ عنيق سرمد کي چوي ٿو تہ مون کي طوطا وڻي ڏي تہ پجري بہ بند ڪيان. سرمد عنيق جي ڳالهہ مڃي ٿو تہ جيئن هو ناراض نہ ٿئي ۽ طوطا وڻي ڏيڻ کانپوءِ کيس سمجهائي ٿو تہ پٽ پکي آزاد سڻا لڳندا آهن ۽ پنجري ۾ بند سڻا نٿا لڳن. تڏهن سرمد عنيق کي چوي ٿو تہ تون پنهنجي هٿن

سان هنن کي آزاد ڪر ۽ اڏار تہ هي خوش ٿيندا ۽ پوءِ عنيق ائين يئي ڪري ٿو ۽ خوش ٿئي ٿو.

سرمد چاهي ٿو عنيق دنيا جون وڏ ۾ وڏ ٻوليون سکي پر اتي هو کيس پنهنجي سنڌي ٻولي جي اهميت بابت ٻڌائي ٿو ۽ سنڌي ثقافت سان ٻ روشناس ڪرائي ٿو. ان ذريعي دنيا جي سيني ٻولين لاءِ احترام سان گڏوگڏ پنهنجي ٻولي سان پيار جو ٻ احساس ڏياريو ويو آهي جيڪو خاص طور تي اڄ جي ٻارن لاءِ تمام ضروري آهي.

هن ناول جي هر هڪ ست ۽ لفظ مان هڪ والد جو پنهنجي پٽ لاءِ پيار نظر اچي ٿو ۽ اهو سبق ٻ ملي ٿو تہ هر ٻار اهم آهي ۽ بهتر تعليم، تربيت، پيار ۽ عزت ان جو حق آهي.

هن ناول جي هي ڳالهہ ٻ منفرد آهي تہ ان ۾ ٻار ۽ مختلف منظرن جون تصويرون الستريشنس جي شڪل ۾ ڏنيون ويون آهن جيڪي هن کي بيحد سهڻو بڻائين ٿيون. سو ناول سان شوق رکندڙ دوستن لاءِ هي هڪ سهڻو تحفو آهي.

هن سهڻي ناول جو مهاڳ نامياري ليکڪ الطاف شيخ لکيو آهي ۽ ڪتاب جو بيڪ ٽائٽل محمد علي ٻناڻ جو لکيل آهي. ناول بابت نامياري ليکڪ رئوف نظاماڻي جو رايو ٻ شامل ڪيو آهي.

**

سائنس فکشن واربون کھاڻيون

کھاڻيون اسان جي سماج جو عڪس هونديون آهن. کھاڻيڪار کھاڻين ذريعي سماج جي چڱائي، برائي، سڻائي خرابي، خوبصورتي، ڪلچر ۽ روايتن کي مختلف ڪردارن ذريعي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪندو آهي.

ڪجھ ليکڪن ۾ اها صلاحيت خوب هوندي آهي جو هو افسانوي انداز ۾ سماج جون تلخ حقيقتون پڙهندڙن تائين پهچائيندا آهن ته جيئن پڙهندڙ انهن کي بوريت بجاءِ وڌي تجسس ۽ دلچسپي سان پڙهي وڃن ۽ پڙهڻ کان پوءِ ڪجھ سوچڻ تي مجبور ضرور ٿين. نامياروکھاڻيڪار زيب سنڌي به انهن کھاڻيڪارن مان هڪ آهي جيڪي اسان جي سماج ۾ ٿيندڙ ظلمن تي تڙپي اٿن ٿا. مون زيب سنڌي جو کھاڻين جو تازو ڇپيل ڪتاب "آخري ماڻھو" پڙهي پورو ڪيو آهي ۽ دل چيو ته ٻين پڙهندڙن سان به ڪتاب جو تعارف وند ڪجي. هي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپايو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ 24 کھاڻيون شامل ڪيون ويون آهن. ڪتاب جو مهاڳ جامي چانڊيي لکيو آهي. ان ۾ جامي لکي ٿو ته "زيب سنڌي جو هي کھاڻين جو ڪتاب "آخري ماڻھو" به موضوعاتي ٻھڪڻائپ ۽ وسعت جي لحاظ کان سندس منفرد ڪتابن ۾ شمار ٿيندو."

ڪتاب جي بيڪ ٽائٽل تي نالياري ليکڪ نورالهديٰ شاھ لکي ٿي ته "مان جنهن زيب سنڌي کي سڃاڻيندي هيس، هي ته انهي کان گھڻو مختلف نڪتو. هو ڪڏهن ۽ ڪيئن اڄ جي دور ۾

ڪجھ اھڙي انداز سان داخل ٿي ويو، جو ھن تي نئين نسل جي ڪھاڻيڪار جو گمان ٿئي ٿو. زيب جا ڪردار اڄ جا ڪردار ٻڌجي چڪا آھن ۽ انھن ۾ جديد دور جو اضطراب نظر اچي ٿو. مان زيب جي ڪھاڻين ۾ آفاقيت جو ڦھلاءُ ڏسي سوچي رھي ھيس تہ انھن ڪھاڻين کي تہ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ گھرجي، ڇو تہ اھي ھر انھي ٻولي جون يئي ڪھاڻيون لڳندیون جنھن ۾ اھي ترجمو ڪيون وڃن".

ھن ڪتاب جون شروع واريون ٻئي ڪھاڻيون "ايڪتيھين ڊسمبر" ۽ "آخري ماڻھو" سائنس فڪشن واريون ڪھاڻيون آھن جنھن تي سنڌي ۾ شايد يئي ڪنھن لکيو ھجي. انھن ٻنھي ڪھاڻين ۾ اھو ڏسيو ويو آھي تہ انسان ڪيئن نہ احساسن کان خالي ٿي ويو آھي. دنيا کي فتح ڪرڻ ۽ لالچ جي صورت ۾ ھو دنيا جي سمورن انسانن کي ماريندي دير نٿو ڪري.

ايڪتيھين ڊسمبر ۽ آخري ماڻھو ڪھاڻي جو اھم ڪردار اھو سائنسدان آھي جيڪو ٿي مھاپاري جنگ ۾ سڄي دنيا جي ماڻھن کي مارڻ جو ڪمپيوٽر ۾ ھڪ پروگرام ٺاھي ٿو ۽ پوءِ ماڻھو ماري ڪيئن نہ ھو اڪيلو ۽ آخري ماڻھو ھجڻ جي خوف ۽ درد ۾ پاڻ کي بہ گولي ھڻي ماري ٿو ڇڏي. انھن ڪھاڻين ۾ اھو احساس ڏياريو ويو آھي تہ انسان ترقي جون منزلون تہ طي ڪري ويو آھي پر اڄ بہ لالچ جي ڪري ھو احساسن کان خالي ٿي سڄي دنيا جي انسانن کي ماريندي دير نٿو ڪري ۽ بيرحم ٿي ٿو پوي ۽ اھي بيرحمي ۽ ظلم جي انتھا اسان دنيا ۾ ھن وقت ڏسي رھيا آھيون.

کھاڻي "اوپر ۽ اولھ جا بگھڙ" ۾ ملڪن جي سپاھين جي کھاڻي آھي جنھن ۾ اھو احساس ڏياريو ويو آھي تہ نفرتن جي بنياد تي ڪجھ شاطر ماڻھن زمين کي ورھائي ملڪن جو سرحدون ناھي انسانن کي ھڪبئي کان جدا ڪري خاردار تارن ذريعي نفرتون پکيڙي ڇڏيون آھن.

ھن ڪتاب جي ھر کھاڻي جاندار ۽ دلچسپ آھي. ھنن کھاڻين ۾ موھن جي دڙي جي تباھي ۽ لاوارثي جو درد بہ شامل آھي تہ ان پوڙھي پيءُ جو درد بہ شامل آھي جيڪو پٽ کي روزگار ڏيارڻ لاءِ خودڪشي ڪري ٿو تہ جيئن فوتي ڪوٽا تي سندس پٽ کي رکيو وڃي. ادبي ڪانفرنسن جو بہ ذڪر آھي جن ۾ ادب گھٽ ۽ ڏيکاءَ وڌيڪ ھوندو آھي. حال اھو آھي جو سچل کي بہ سندس نالي تي ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ ويھڻ نٽو ڏنو وڃي ۽ ھال مان ٻاھر ڪڍيو ٿو وڃي.

ھن ڪتاب ۾ "وجود جو ورھاڱو" نالي کھاڻي جو اھم ڪردار ھڪ ٻڌڙي ۽ بيحد سگھاري باوقار عورت آھي جيڪا کھاڻي جي آخر ۾ پاڻ تي ٿيندڙ ظلم تي چئي ٿي ڏي تہ "مان سنڌ آھيان ۽ مان پنھنجي وجود جو ورھاڱو ڪڏھن بہ قبول نہ ڪندیس!"

منھنجي خيال ۾ ھن ڪتاب جي ھر کھاڻي اسان جي سماجي بيحسي، تاريخي ورثي کان لاتعلقي، بيروزگاري، ناانصافي ۽ درد ڪٿا آھي جنھن ۾ ماڻھو کي ماڻھو ماري پيو. وڌيڪ پڙھندڙ پاڻ پڙھي سوچين ۽ سمجھن تہ آخر اسان جي سماج ۾ ھي سماجي بحران ڇو پيدا ٿيو آھي. مون نوٽ ڪيو آھي تہ زيب صاحب جي کھاڻين جو محور سنڌ آھي. جنھن ۾ ھو سنڌ جي

درد تي فڪرمند بہ آھي ۽ پراميد بہ آھي تہ ھن ظلم جو انت ٿيندو ۽ نيٺ تہ روشني ٿيندي.

ھن سھڻي ڪتاب ۾ گل محمد عمراڻي، تاج بلوچ، امداد حسيني ۽ رحمت ماجوڻي جا ڪمينٽس بہ شامل آھن.

**

وقت بيهي نٽو

وقت جيڪو ويڑ کان بہ تکو، بيرحم ۽ ڪنهن جو انتظار نہ ڪندڙ آهي. زندگي بہ وقت سان گڏ سفر ڪندي ٿي رهي ۽ پاڻ سان گڏ انيڪ ڏک، سک، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون ڪٽندي ٿي هلي. انهي گذرندڙ وقت سان زندگي پنهنجا روپ بہ مٽائيندي ٿي رهي. وقت سان گڏ گذرندڙ زندگي جي انهن رنگن ۽ ادائن کي نالياري ليکڪ ۽ شاعر محمد علي پناڻ طويل نظم جي صورت ۾ لکي انساني احساسن جي شاندار ترجماني ڪئي آهي.

وقت بيهي نٽو "جي عنوان سان محمد علي پناڻ جي انهي طويل نظم کي ڪتابي شڪل ۾ ڪونج اڪيڈمي ڪراچي پاران شايع ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جي خصوصيت اها آهي تہ هن ۾ وقت بيهي نٽو جي ٽائٽل سان هڪ ئي طويل نظم آهي، جيڪو شاعر جي مختلف مشاهدن، احساسن ۽ امنگن کي ظاهر ڪري ٿو. جيڪو يقينن ڪيترين ئي حساس دلين جي ترجماني ڪري ٿو.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ بابت انور ابڙي ۽ مختيار سمي جا رايا بہ شامل آهن. انور ابڙو لکي ٿو تہ "اهو شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڊرامي نگار، جيڪو پنهنجي زندگي جو وڏو وقت سفر ۾ رهيو هجي ۽ جنهن جي وڏي تخليقي صلاحيت اها بہ هجي تہ هو جڏهن چاهي تہ مختصر ترين بہ لکي سگهي (هن اهڙا تجربا هڪ طويل نظم جي گهاڙيتي ۾ ناول مسافتون ياد جون لکڻ ۽ مختصر ڪهاڻي لکڻ ۾ بہ ڪيا آهن) تہ اهو جڏهن طويل نظم وقت بيهي نٽو لکي ٿو تہ، پلي تہ هو وقت کي بيهاري نہ سگهي، پر هو

پڑھندڙ کي ضرور بيهاري، اهو نظم پڙهڻ تي ضرور مجبور ڪندو ۽ پڙھندڙ پوءِ وقت جي سفر ۾ هليو ويندو.“

ڪتاب جي مهاڳ ۾ نالیوارو ليکڪ اخلاق انصاري لکي ٿو ته ”ڪائنات ته هميشہ وڌندي ٿي رهي ۽ ڌرتي تي جيئن پوءِ تيئن ترقي تيز کان تيز ٿيندي پئي وڃي. رودِ رستا، سواريون هوندي سوندي ۽ ملاقاتون مهل سان نہ ٿين. اها سڪ نہ هجي. ڪائنات ۾ پکي ۽ پريشان هجن. ڪو وڻ نہ ٽڻ. بٽڻ ڊبائڻ سان دنيا سان دنيا ۾ ٿيندڙ لقاءَ ان مهل ساڃَئي ”ٽائيم تي ئي ڏسجن. پر ماڻهو سڀ هوندي ۽ هر هنڌ اڪيلو. سڀ ڪجھ هوندي ۽ ڪجھ نہ آهي.ڪجھ نہ آهي.

هن ڪتاب جي هر هڪ سٽ ۾ زندگي جي ڪهاڻي سمايل آهي. وقت واقعي ڪنهن جي ۽ نٿو ميجي، ان جو اظهار هنن سٽن ۾ ڏسو.

انتظاريون ڏئي،
بيقراريون ڏئي،
لڙڪ موتي ڪري،
ٿهڪ ٽاندا ڪري،
رڻ رت سان رگي،
ڪين ڪنهنجي ميجي،
وقت بيهي نٿو....
وقت بيهي نٿو....

پياري پرين سان ملي هڪ ٿي وججي، ۽ وارو تصور ئي ختم ٿي وجي.

غم گھٹو آ پرين،

ڪم گھٽو آ پرين،
ھٿ ھٿ ۾ تہ ڏي،
ڇا خبر موت ٽئي،
ھڪ دفعو پاڻ ۾،
ھڪ ٽي ٽا وڃون،
وقت بيھي نٿو....
وقت بيھي نٿو...

جدا ٽيڻ جو فيصلو ڪو آسان تہ ناھي ھوندو، ھي تہ زندگي جو تمام ڏکيو مرحلو ھوندو آھي، محمد علي صاحب ان کي ڪجھ ھن طرح بيان ٿو ڪري.

فيصلو آ وڏو،
ٽورو سوچڻ تہ ڏي،
نيڪ آ ڏار ٽا،
پاڻ ٻيئي ٽيون،
پنڌ ھيڪل پرين،
پير ڪيئن پوءِ ڪندا؟،
وقت بيھي نٿو....
وقت بيھي نٿو....

ماکي جي مک مان محنت، محبت ۽ ميناڄ جو جذبو سکجي ۽ ان کي زندگي جو حصو بٹائجي...

ماکي مک سندي،
رس گلڙن منجھان،
ڏس، ڪٽي چپ سان،
پوءِ مانار کي،

ساري سنسار کي،
ڪيئن منو ٿي ڪري،
وقت بيهي نٿو....
وقت بيهي نٿو....
وقت اڳيان انسان صفا بيوس آهي، ڪجھ هن طرح،
کيل پتليون اسان،
جنھن جا ڏاڳا سندس،
ھٿ ۾ ٿا رھن،
ٿو چوي ٿا ڪلون،
ڏک ڏئي، لڙڪ ٽي،
ڳلن تي ٿا ڪرون،
وقت بيهي نٿو....
وقت بيهي نٿو....
اسان جي ديس ۾ پاڻي ۾ ڪارو ٿي ويو آهي، جيڪو پاڻي پي وقت سان گڏ زندگي ۾ گزرندي ٿي وڃي ۽ ڏاڍي سوڙھي ٿيندي پئي وڃي... پر اسان جي سرڪار جي ڪن تي جون ۾ ڪانءِ ٿي سري...
جر ڪارو ٿيو،
زھر ٿا پيا پيئون،
گند ڪچري مٽان،
زندگين جو سفر،
ڪونہ سرڪار کي،
تر پي ڪو جھيو،
وقت بيهي نٿو.....
وقت بيهي نٿو....

هر شخص جي چهري مٿان چهرو چڙهيل آ، انسان جي بهروپيت نہ پر ڪيترن ئي روپن جو ذڪر آهي. اسپتالن جي خراب صورتحال جو بہ ذڪر آهي تہ اهي ڪيئن ڪوس گهرن ۾ تبديل ٿي ويون آهن.

ان کان علاوھ ليکڪ هن طويل نظم ۾ پٽائي سائين، شيخ ايازَ، ڪامريڊ سوپي، رزاق مهر، ڪيهر شوڪت سميت پنهنجي ڪافي پيارن تخليقڪارن کي بہ سهڻي انداز ۾ ياد ڪيو آهي.

ان سان گڏوگڏ انور ابڙي، زيب سنڌي، اعجاز منگي، بدر ابڙي، اخلاق انصاري، ايازَ گل، امداد حسيني، بادل جمالي ۽ ٻين دوستن سان بہ پيار وندڀل آهي.

هن ڪتاب ضرور پڙهندڙن جي دلين ۾ جاءِ ناهيندو.

**

"چوڌاري چمڪاٽ"

انسان جو ڪتابن جھڙو بھترين دوست ڪو ٻيو ٿي ئي نٿو سگھي. انسان جي شخصيت ناھٽ ۾ ڪتابن جو وڏو ڪردار ھوندو آھي. شخصيت جي اوسر ٻالڪڻ کان ئي ٿيندي آھي. ان ڪري اھو ضروري آھي تہ ٻارن کي ڪتابن ڏانھن مائل ڪجي ۽ کين ڪتاب دوست بڻائجي. ان ڪري اھو بہ ضروري آھي تہ ٻارن لاءِ لکجي. اڄ جي ٽيڪنالاجي جي دور ۾ ٻار موبائل فون ۾ ڪير ضروري شيون ڏسڻ ۾ وقت ضايع ڪري ٿو، اتي ٻار کي ڪتاب جي اھميت بابت ٻڌايئجي ۽ ان کي چيئجي تہ ھو روز ڪجھ وقت ڪتابن جي مطالعي کي ضرور ڏي.

ڏاڍي افسوس سان لکڻو ٿو پوي تہ اسان جي پرنٽ ميڊيا کان ويندي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي ٻارن لاءِ ڪو بہ خاطر خواھ ۽ معياري مواد نہ شايع ڪيو ٿو وڃي ۽ نہ وري نشر ڪيو ٿو وڃي. پر ساڳي وقت سنڌ جا ڪجھ اديب جيڪي ٻاراڻي ادب جي اھميت کي سمجھن ٿا ۽ کين خبر آھي تہ ٻارن جي تربيت ۾ ڪتابن جو ڪيڏو وڏو ڪردار آھي، سي مسلسل ٻارڙن لاءِ لکندا رھن ٿا. انھن ۾ نامياري ليکڪ انور ابڙي جو نالو نمايان آھي. وقت بہ وقت انور جو ٻارن لاء ڪتاب ايندو رھي ٿو. انور جي حساس طبيعت ۽ اندر جو ٻار کانئس سدائين ٻارن لاءِ لکرائيندو رھي ٿو. ھونئن بہ ٻارن لاءِ لکڻ معنيٰ ايندڙ نسلن لاءِ لکڻ آھي.

تازو پوپٽ پبلشنگ ھائوس خيرپور پاران سندس ٻاراڻين تقريرن ۽ خاکن تي مشتمل ڪتاب "چوڌاري چمڪاٽ" ڇپجي پڌرو ٿيو آھي. ھن ڪتاب ۾ اٺ تقريرون ۽ ٽي خاڪا شامل آھن،

جيڪي ليکڪ سنڌ مدرسي جي شاگردن کي مختلف موقعن تي لکي ڏنا هئا. هن خوبصورت ڪتاب جي ٻئڪ ٽائٽل تي ليکڪ بابت نامياروادیب ۽ استاد مختيار سمون لکي ٿو ته " انور ابڙو هڪ روايتي ليکڪ نہ، پر سنجيده ادیب ۽ انسان آهي. جيڪو خاص طور ٻارن جي اندر ۾ پنهنجي لکڻين ذريعي پنهنجي ڏرتي جي شاندار تاريخ ۽ ورثي سان محبت، والدين جي اميدن تي پورو لهڻ، پڙهي ڪامل ٿي قوم، ملڪ ۽ بنا فرق جي دکي انسانيت جي خدمت ڪرڻ جو جذبو پئدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو." هن ڪتاب ڇپائڻ جي بنيادي مقصد بابت ليکڪ پاڻ لکي ٿو ته "مون هي تقريرون ۽ خاڪا اهو سوچي ٻه ٻارن کي لکي ڏنا هئا، جيئن کو ڊرامي جو اسڪرپٽ لکندو آهي ۽ اداڪار ان تي پرفارم ڪندا آهن يا کو شاعر شاعري ڪندو آهي ۽ فنڪار اها ڳائيندا آهن. ان طرح هي تقريرون ۽ خاڪا شايع ڪرائڻ جو بنيادي مقصد ٻه اهو يئي آهي ته جيئن سنڌ جا شاگرد تقرير جي فن ۽ خاڪن جي ويجهو اچن، انهن کي سمجهن ۽ انهن مان کو اتساھ، کو سبق حاصل ڪري پنهنجي پنهنجي اسکول ۾راهڙيون تقريبون منعقد ڪن ته جيئن هن قسم جون صحتمند سرگرميون سنڌ جي، خاص طور تعليمي ادارن ۾ عروج ماڻين. ڇاڪاڻ جو نصابي سرگرمين سان گڏ ههڙين هم نصابي سرگرمين ۾ حصو ونڻ سان ٻه ٻارن جي وڏي تعليم ۽ تربيت ٿيئي ٿي." انور ابڙي جي ٻارن لاءِ لکيل هن تقريرن ۽ خاڪن ۾ اسان جي تاريخ، قومي ڪردارن ۽ معاشرتي حالتن جو ذڪر نظر اچي ٿو. هي کي عام تقريرون ناهن پر هنن ذريعي ٻارن جي تربيت ٿئي ٿي. هي عام لفاظي سان ڀرپور تقريرون ناهن پر هنن تقريرن ۾ تمام ڪارائتا ۽ مقصد ڀريا سبق

سمايل آھن. سندس لکيل تقريرن ۾ ٻارن کي اھو درس ڏنو ٿو وڃي تہ پڙھي لکي غريبن جا پرجھلا ٿيو ۽ انسان دوست بڻجو. فرض شناس ۽ محنتي انسان بڻجو. ھن ڪتاب جو مھاڳ نالیواري شاعر ۽ ٻاراڻي ادب جي ٻہ وڏي نالي ادل سومري جو لکيل آھي. مھاڳ ۾ ادل سومرو لکي ٿو تہ "انور ابڙي جا اھي شاعراڻا احساس، اداري جي اھميت کي اجاگر ڪن ٿا. ڪتاب ۾ شامل خاڪن جو موضوع ٻہ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت آھي." ھن ڪتاب ۾ ھڪ خاڪو "سبق اوندھ" جي نالي سان ٻہ شايع ٿيل آھي جنھن ۾ سنڌ جي خاص طور تي ٻھراڙين جي اڃوکي تعليمي صورتحال تي تنقيد ڪئي وئي آھي جيڪا حقيقت جي عڪاسي ڪري ٿي تہ اسان تعليمي حوالي سان ڪيترو پوئتي آھيون. منھنجي خيال ۾ ھن ڪتاب ۾ ايا ڪجھ وڌيڪ خاڪا ۽ تقريرون شامل ڪيون وڃن ھا تہ بھتر ھو جيڪي مختلف شخصيتن يا ڏينھن جي حوالي سان ھجن ھا. ان باوجود ٻہ ھي ڪتاب ٻارڙن ۽ استادن لاءِ تمام بھترين ڪتاب آھي. جيڪو ڪين مختلف تقريرون ۽ خاڪا تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪندو. ان ڪري اھو ضروري آھي تہ ھي ڪتاب سنڌ جي ھر اسڪول ۾ ٻارن جي ھٿن تائين پھچي.

**

سئو لفظ سئو کھاڻيون

"سئو لفظ سئو کھاڻيون" نامياري ليکڪ محمد علي ٻناڻ جي کھاڻين جو مجموعو آھي جيڪو تازو پيڪاڪ پبلشرز پاران شايع ڪيو ويو آھي. ھن ڪتاب جي منفرد ھجڻ جو ھڪ سبب اھو بہ آھي تہ ھن ڪتاب ۾ جيڪي ھڪ سئو کھاڻيون موجود آھن انھن مان ھر کھاڻي ھڪ سئو لفظن تي مشتمل آھي.

سنڌي ادب ۾ ھن وقت محمد علي ٻناڻ صاحب ھڪ تہ مسلسل لکندو رھي ٿو ۽ ٻيو وري ادب جي ھر صنف تي طبع آزمائي ڪندو رھي ٿو. جنھن ۾ سندس کھاڻيون، ناول، ڊراما ۽ شاعري اچي وڃي ٿي. ھي ڪتاب بہ سندس حساسيت ۽ سماج ۾ ٿيندڙ تبديلين تي گھري نظر جو ثبوت آھي.

مون جڏھن ھي ڪتاب پڙھڻ شروع ڪيو تہ مون کي ھن ڪتاب ۾ موجود مني شارٽ اسٽوريز اسان جي سماج جو ايڪس ري محسوس ٿيون جن ۾ خاص طور تي اسان جي سماج ۾ ٿيندڙ براين ۽ ڪُڌين رسمن کي نہ رڳو پڙھندڙن اڳيان وائکو ڪيو ويو آھي، پر انھن براين کي ننديو بہ ويو آھي.

ھي کھاڻيون اسان جي سماجي درد جون کھاڻيون آھن ۽ جيڪي اسان سيني جي چوڌاري ڪنھن نہ ڪنھن روپ ۾ موجود آھن پر محمد علي ٻناڻ جھڙا ماڻھو انھن کي شدت سان محسوس ڪري، لفظن جو روپ ڏين ٿا. مان سمجھان ٿو انھن دردن کي لفظن جو روپ ڏيڻ بہ تہ انھن سورن خلاف احتجاج آھي جيڪو يقينن تاريخ جي ورقن ۾ رڪارڊ تي رھندو.

هن ڪتاب جي فليپ تي نامياري ڪهاڻيڪار بادل جمالي ۽ زرار پيرزادي جا ليکڪ ۽ سندس ڪهاڻين بابت رايا ڏنل آهن.

ڪتاب جي بئڪ ٽائٽل ڪور تي امر لغاري ليکڪ بابت لکي ٿو ته "محمد علي ٻناڻ جي سڃاڻپ اسان وٽ ترقي پسند ليکڪ جي آهي. هو پنهنجين لکڻين ذريعي سماج جي اوڻاين ۾ ڦاٽل ڪپڑن يا ٻڳل رودِ جيئن چتيون هڏ نڦو گهري پر سماج جو ذهين فرد هجڻ جي ناتي سماجي روڳن جو علاج تجويز ڪري ان کي تبديل ڪرڻ گهري ٿو. سندس فليش اسٽوريز پڻ پنهنجن موضوعن ۽ جوهر ۾ مزاحمتي آهن."

هن ڪتاب ۾ موجود ڪهاڻين ۾ اسان جي حڪمرانن جي لالچ ۽ لوپ کي به طنزيا انداز ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي، ته پيٽرول جا اڳهه وڌڻ ڪري ٽرانسپورٽرز پاران مسافرن سان ٽيندڙ ويڌن کي به ڏاڍي ڏکاري انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

سماج ۾ سهپ جو مادو ختم ٿي وڃڻ کي به "هوا جو رخ" نالي ڪهاڻي ذريعي ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي، ته ڪيئن اسان جا ماڻهو نندي ننديِ ڳالهه تي هڪبئي تي بندوقن جا فائر ڪندي به نڏا ڍڃن ۽ ڪيبائين.

اسان جي سنڌ اجا تائين به جرڳن جهڙي ڪڌي رسم جي ور چڙهيل آهي ۽ انهن جرڳن جي ڪري تمام گهڻيون جانيون ضايع ٿيون آهن ۽ ڪيترين ئي زندگين جو جيئڻ عذاب ٿي پيو آهي. ان کي به ليکڪ ڪهاڻي جو حصو بڻايو آهي.

"جنازو" نالي ڪهاڻي ۾ بن ڀائرن جي پاڻ ۾ ملڪيت تي ويڑهه ڏسي وئي آهي، جيڪا سندن پيءَ پڻيان ڇڏي ويو آهي ۽ مرڻ کانپوءِ سندس پٽ لالچ ۾ اچي لاش کي به لاوارث ڪري ڇڏين ٿا ۽

ان کي دفنائڻ وارو کو ب ناهي. هي کهاڻي انسان جي بيحس ٿي وڃڻ ۽ جانورن کان ب بدتر ٿي وڃڻ جو احساس ڏياري ٿي.

هنن کهاڻين ۾ جڳاڙي پي ايڇ ڊي اسڪالز جو ب ذکر آهي ت جڳاڙي اديبن ۽ شاعرن جو ب ذکر آهي جن کي رڳو "واھ واھ" ٻڌڻ جي بيماري لڳل آهي.

هنن کهاڻين ۾ نياڻين کي وکرو ڪرڻ يا وري ٻُڌين سان پرٽائڻ واري مدي خارج ۽ بيڪار روايت کي ب نندیو ويو آهي. کهاڻين ۾ فيس بڪ جو ب ذکر آهي، ت هاف فرائي ٿيڻ جو ب ذکر آهي. بيروزگاري جو درد ب آهي، ت وٽن جي وڃجي وڃڻ ۽ ماحول جي گندگي جو ب ذکر آهي.

هن ڪتاب جو مهاڳ اختر جانوري جو لکيل آهي. ان ۾ هُو لکي ٿو ت " محمد علي ٻناڻ جون مڙئي کهاڻيون سماج جي دائمي رسندڙ ناسورن ۽ چڪندڙ ڏٽن بابت ئي آهن، جن جو ڃاڻي واڻي سعيو ڪري کو علاج نڪو ڪيو وجي ت جيئن خلق ٻئي لوڙي ۽ پيڙجي."

هي کهاڻيون، کهاڻين سان چاھ رکڻندڙ پڙهندڙن کي ضرور پڙھڻ گهرجن ۽ هن خوبصورت ڪتاب کي پنهنجي لائبريري جو حصو بڻائڻ گهرجي.

**

مُند بنا موتيا

شاعر سماج جو اھو فرد ھوندو آھي، جنھن ۾ احساسن ۽ جذبن کي محسوس ڪرڻ جي صلاحيت، ڪنھن عام ماڻھو کان وڌيڪ ھوندي آھي. ان ڪري اھا ڳالھ واضح آھي تہ شاعر سماج جا حساس فرد آھن، جيڪي پنھنجي اندر جي اڌمن سميت سماج جي سورن ۽ دردن کي بہ جھونگارين ٿا. جنھن سان ھڪ تہ سماجي براين توڙي سڻاين جي نشاندھي ٿئي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ عام خلق کي سوچڻ لاءِ بہ گھٽو ڪجھ ملي ٿو. منھنجي نظر ۾ ھڪ سڻو شاعر ھڪ سماجي سائنسدان وانگر آھي، جنھن جو سماج جي نبض تي ھٿ ھوندو آھي. ھو پنھنجي صلاحيتن ذريعي سماجي سوچ ۾ وڌي اٽل پٽل آڻي سگھي ٿو.

سنڌي شاعري ڏاڍي پاڳوند رھي آھي، جو ھن کي تمام سڻا شاعر مليا آھن. جن جا ٻول ماڻھن جي جذبن کي گرمائيندا ۽ ساھن کي مھڪائيندا رھندا آھن. ھن وقت بہ سنڌ ۾ شاعري تمام گھٽي پئي لکجي پر منھنجي ذاتي راءِ اھا آھي تہ ان شاعري ۾ اڪثريت اھڙي شاعري جي آھي، جنھن ۾ رڳو لفاظي ملي ٿي ۽ خيالن جي گھرائي بلڪل بہ ناھي. ان جو ھڪ سبب شاعرن ۾ مطالعي ۽ مشاھدي جي ڪوٽ بہ آھي. ان باوجود بہ سنڌ ۾ ڪجھ اھڙا شاعر آھن، جن کي پڑھي نہ رڳو دل کي سڪون ملي ٿو پر دماغ کي سوچڻ لاءِ بہ گھٽو ڪجھ ملي ٿو. انھن ڪجھ شاعرن ۾ سرواڻ سنڌي بہ آھي، جنھن جو تازو شايع ٿيل شاعري جو مجموعو "مند بنا موتيا" ھن وقت منھنجي ھٿن آھي. سرواڻ جي پھرين شاعري جي مجموعي "ھنج نہ آيا ھيل" وانگر ھي شاعري جو

مجموعو پڑھڻ کان پوءِ تمام گھڻي خوشي ٿي ٿيئي تہ شاعري ايڏي خوبصورت ٿيندي آھي.

سرواڻ جي ھن ڪتاب جو نالو جيڏو پلو آھي، ايڏو وري نسٽ يونيورسٽي پريس اسلام آباد وارن شايع ٻہ سھڻو ڪيو آھي.

ھن مجموعي ۾ غزل وايون، دوھا، نظم، گيت ۽ ان سان گڏ روپلو ڪولھي تي منظوم ڊرامو ٻہ شامل آھي.

ھن ڪتاب جو مھاڳ نالياري شاعر سرمد چانڊيو جو لکيل آھي، جنھن ۾ ھو لکي ٿو تہ "سرواڻ جو ڪوتا ناٽڪ روپلو ڪولھي ھڪ انمول ناٽڪ آھي. ھولي جي گيت سان ناٽڪ شروع ٿيئي ٿو. شاعر جا خوبصورت ٻول آھن. شيخ ايار جي شاھڪار اوپيرائن ڪانپوءِ امر نموني پيش ڪرڻ ھر ڪنھن جي وس جي ڳالھ ناھي ۽ ائين صرف اھو تخليقڪار ئي ڪري سگھي ٿو. جنھن وٽ فن، فڪر ۽ ذات ڏھوڻي ھجي. سرواڻ امر اوپيرا لکي پنھنجو ڪلاس ٻڌائي ڇڏيو آھي."

شاعر پاران ۾ سرواڻ ڪيڏي نہ بي باڪي سان ھي خوبصورت ۽ سچي ڳالھ لکي ٿو تہ "آئون سرواڻ آھيان ۽ پنھنجي ان سڃاڻپ سان پنھنجي دور جو شاعر رھڻ پسند ڪندس ۽ آئون جيڪڏھن سرواڻ رھي پنھنجي سڃاڻپ برقرار نٿو رکي سگھان تہ پوءِ مونکي ٻين جي جتي ۾ پير وجھي سفر ڪرڻ جي ڪا ٻہ ضرورت نہ آھي ۽ پوءِ اسان کي پنھنجي اڳ وارن شاعرن تي گذارو ڪرڻ گھرجي، جيڪي پنھنجي دور ۾ تخليقي ۽ معياري ڪم ڪري ويا آھن ۽ انھن کي ٻہ ان ثاني واري لڙھي ۾ پروئي سندن ڪم تي منڍيئڙو نہ پائڻ گھرجي."

سرواڻ جي غزلن جا ڪجھ بند ھتي لکان ٿو، جنھن مان سندس خيال جي اڏام جي پروڙ ڪري سگھجي ٿي.

اڏامون ٿا ھوائين ۾، پتنگ وانگر جليا آھيون،
چوين ھا تون اشارن ۾، اوھان جي پر وسايون ھا.

پنھنجي مٽي سان پيار جو اظھار ڪيڏو نہ وٽندڙ آھي

مون کي مٽي جي خوشبوءِ، ساھن ۾ سانڍڻي آ،
مون کي پلي نہ ڳايو، پنھنجي مٽي تہ ڳايو.

حساس شاعرن وٽ پنھنجي وطن سان محبت جو جذبو بہ بي انتھا ھوندو آھي. سرواڻ جي اھڙن احساسن کي ھنن سٽن ۾ محسوس ڪري سگھجي ٿو

لال لھو جا قطرا ڪرندا راھ مٽي،
ءِ ھي سنڌڙي توتان سرڙو وارينديون.

يا وري ھي بند

رت ۾ ريٽا ڳيرو ھوندا سولين تي،
ڏسندي سون مياڻ رڳو ڪجھ رھنداسين

يا وري ھڪ غزل جو ھي بند

سنڌڙي کي سرواڻ کپن ٿا جيڪي جنگ ڪرڻ لاءِ نڪرن
پنھنجا حق ڦٻايا ويندا آمر ھٿ اصول جيئان.

سرواڻ جو رومانٽڪ انداز پڙھي ڏسو ڪيڏو نہ دلفريب آھي.

سانوري کولي چڳون آرس ڀڳي،
ءِ گھٽا ٻوڙيون گھڙيون سپ ننڊ جون.

سرواڻ جي گيتن جو بہ پنھنجو حسن آھي، جنھن ۾ ڏرتي سان پيار جي ڏيءَ کي نصيحت بہ ڪري ٿو ءِ دعا بہ ڪري ٿو.

جھڙي ڏرتي سونھن سراپا تھڙو ئي آڪاس،

جھڙا پنھنجا ڳوٺ اجايل تھڙو ئي بنواس،
ھا پر ڳالھ اھا ئي رھندي جنھن ۾ آ وشواس،
شال رھئي احساس او ڏيئڙي! شال رھئي احساس.
سنڌ ۾ تعليم جي تباھي ۽ اسڪولن جي افسوسناڪ صورتحال بہ شاعر جي سوچن جو حصو آھي ڪجھ ھن طرح
دنيا جي نقشي تي آھيون، توٽي جو ڪاڪول جيئان،
ھا پر اندران اجڙيل آھيون، سنڌڙي جي اسڪول جيئان.
پنھنجي محبوب کي ڏوراپي جو انداز ڏسو
اسان کان وڇوڙو وساريو نہ ٿيو،
اوھان کان تہ ڳوڙھو بہ ھاريو نہ ٿيو.
۽ وري پيڃتاءَ جو احساس ڪجھ ھن طرح
سڃي راھ طوفان ڪاري گھٽا
سکي جي چڱن کي سنواريو نہ ٿيو.
ماڊہ پرست دنيا ۾ جدت جي نالي ۾ ڪيڏو نہ ڪلور ڪيو ويو آھي، ان تي سرواڻ لکي ٿو تہ
بک ساڃي ڏک پي ساڃيا قديم،
بس رڳو دنيا جديد ٿي ويئي.
سنڌ جيڪا امن جو آشيانو رھي آھي ان ۾ بہ انتھاپسندي وڌندي وڃي ٿي.
ڇا ٿيو ھي اوچتو سنڌڙي اندر،
سوچ ماٺھن جي يزيد ٿي ويئي.
ھڪ وائي ۾ سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٺ بارشن جي نہ پوڻ ۽ اڄ جي درد جو احساس ھن طرح بيان ڪري ٿو
ھيل نہ آيون بارشون،

ماڪ بہ ڪاڏي مات،
اڄ اسان جي ڪاڻ ويئي!!
ٻئي وايئي ۾ پيٽ ٻکايل ٻارن جي معصوميت ۽ ڇاتيون سڪل ماءَ جي بيوسي جي ڪٿا پڙھي ڏسو.
پيٽ ٻکايل ٻارڙا تڄ بنا ڇاتيون
رت اياڻي آيئڙي!!
عقل جي انڌن لاءِ بہ سبق آھي
انڌن اڇي شھر مان
آئينا ورتا.
اک نہ ورتي روشني!!

اھڙي طرح ھن ڪتاب ۾ نظمن وارو پاڻو بہ شاندار آھي جنھن ۾ سرواڻ جي بي باڪي وارو انداز نمايان آھي. ھن وقت دشمن کي للڪاري ۽ نھايت يئي بھادري سان شايد ڪو لکندو ھجي جيئن سرواڻ لکي ٿو.

مان سندس نظم مان ديس جي درد، اسان جي ناداني ۽ پوتار جي حرامخوري جي عڪاسي ڪندڙ ڪجھ سٽون مثال لاءِ ڏيان ٿو. اھي پڙھي اندازو لڳايو تہ سرواڻ جيڏو نہ ڪمال ڪيو آھي.

سورج چڙھندي ڪجھ سپاھي،
تاريخي بستي کي ڌاھي،
مزدور کي گار ڏين ٿا،
گولين جا آواز اڇن ٿا،
لاوارث انسان ٿين ٿا،
۽ پوءِ وقت وري ٿو جنھن پل،

ساڃيا پنھنجا بوٽ ڪٽن ٿا،
پاڻ ۾ تن ڪي ٻک وجھون ٿا،
بابا! بابا! سائين ڇئون ٿا!!!

روپلي ڪولھي واري منظوم ناٽڪ ۾ روپلي ۽ سندس ساٿين جي سرڪشي ھن طرح بيان ٿو ڪري

اونچي ڳاٽ اونچي ڳاٽ!
پاڻ اچون ٿا ڦاھي گھاٽ!

اھڙي طرح ھي شاعري جو ھي ھڪ ڀرپور مجموعو آھي جنھن ۾ وطن ۽ محبوب جي سونھن ۽ ماڻن جو ذڪر آھي ته ديس جي دردن جي ۽ عڪاسي آھي. بڪايل ٻارن ۽ بيوس امڙين جون آھون ۽ دانھون ۽ آھن. مدي خارج رواجن کان بغاوت ۽ آھي ته دشمن کي للڪار ۽ آھي.

مان اھڙي شاندار ڪتاب تي شاعر کي واڌايون ۽ ڏيان ٿو ۽ اھا اميد ۽ ڪريان ٿو ته سرواڻ جو ھي مجموعو پڙھندڙن ۾ ڀرپور موٽ ماڻيندو جنھن جو شاعر حقدار ۽ آھي.

**

سامين سمر سُور

محترم محمد علي ٻناڻ جو تازو ڇپيل ڪتاب "سامين سمر سُور" جيڪو هڪ مِني ٽي وي ڊراما سيريل آهي، جيئن ئي منهنجي هٿن تائين پهتو تہ مون کي سنڌي ڊرامي جي اوج وارو زمانو ياد اچي ويو. جڏهن بليڪ اينڊ وائيٽ ٽي وي تي سڃو ڳوٽ گڏ ٿي وڏي چاھ سان ڊرامو ڏسندو هو ۽ ان ڊرامي جي هفتي ۾ هڪ ئي قسط نشر ٿيندي هئي. ان وقت ڪيڏا نہ شاهڪار ڊراما نشر ٿيندا هيئا، جيڪي سنڌي سماج جي حقيقي عڪاسي ڪندا هيئا. هي ڪتاب پڙهڻ سان مون کي سنڌ جا اهي نامياراڪ اديب بہ ذهن تي تري آيا، جن ان وقت تمام شاندار ڊراما لکيا جن ۾ علي بابا، رزاق مهر، شميرالحيدري، قمر شهباز ۽ انهن سان گڏوگڏ امرجليل، عبدالقادر جوٽيجو، حفيظ ڪنہر، رحمت الله ماجوڻي شامل آهن. ان وقت منظور قريشي، فيض ٻگهيو ۽ محمد بخش سميجي جهڙا پروڊيوسر ڊراما پروڊيوز ڪندا هئا. ڇا تہ زمانو هو....

سو محمد علي صاحب جو هي ڪتاب اهي سموريون يادون تازيون ڪري ويو آهي. هن ڊرامي ذريعي ليکڪ وڏي ڪاريگري سان اسان جي سماج جي ڪيترن ئي پاسن کي ڇُهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن ۾ غربت، لالچ، بيروزگاري، ناانصافي، رشوت، وڏيرا شاهي، جهالت جهڙن مرضن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيئي آهي. وڏي ڳالهہ تہ ڊرامي جي پيڃاڻي وري بہ سچ جي فتح سان ٿئي ٿي.

هن ڊرامي جا اهم ڪردار رمو جوڳي ۽ ليمون فقير آهن. جڏهن ته هن ڊرامي جا ٻيا ڪردار نوري (ليمي فقير جي زال)، ڪاتو (رمو جوڳي جي زال)، سجني (رمو جوڳي جي ماڻُ)، ٻہ ٻار (رمو جوڳي جا)، وڏيرو امام بخش، ڪمدار نورل، سردار جوڳي، پوليس جمعدار، ٻہ سپاهي ۽ ڪجھ ماڻھو آهن.

هي ڊرامو پنجن قسطن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ اهو ڏسيو ويو آهي ته هڪ جوڳي جنهن جي گذرسفر جو واحد ذريعو هڪ نانگ آهي. سو هڪ موالي چوري ڪري ٿو وڃي ۽ اهو نانگ چوري ٽيڻ سان جوڳي بيچين ۽ بيروزگار ٿي ٿو پوي. اهو نانگ وري هڪ موالي ٿو چوري ڪري جيڪو پڻ بيروزگار آهي ۽ ڪيس نشي خريد ڪرڻ جا جڏهن ڪٽان پيئسا نٽا ملن ته هو پئسن جي لالچ ۾ جوڳي جو نانگ چوري ڪري ٿو جيڪو پوءِ سندس مٽي جو سور ٻڌجي پوي ٿو. موالي جي زال موالي کي سمجهائيندي رهي ٿي ته چوري کيل نانگ واپس ڪر پر هو پنهنجي زال جي ڳالھ نٽو مڃي. جيئن اسان جي سماج ۾ روايتي طور تي ٽيندو آهي ته عورت کيڏي ٻہ سني ڳالھ ڪري پر ان جي ناهي ٻڌڻي. سو موالي ٻہ ائين ڪري ٿو.

چوري واپس ڪرائڻ لاءِ جوڳي جڏهن وڏيري وٽ ٿو وڃي ته وڏيرو روايتي فيصلو ڪندي موالي کي بيقصور قرار ٿو ڏي ۽ جوڳي کي انصاف نٽو ملي. پوليس ٻہ کيس تڏهن انصاف ڏياري ٿي جڏهن هو ان کي رشوت ڏي ٿو.

هن ڊرامي جي هڪ نرالي ڳالھ اها ٻہ آهي ته هن ۾ جوڳي انهن جي پنهنجي ٻولي ۾ هڪٻئي سان مخاطب ٿين ٿا. جيڪا ٻولي پڑهندڙ کي ڪافي مزو ڏي ٿي. ڊرامو پڑهندي توهان کي

ايئين محسوس ٿيندو تہ جڻ توھان ڊرامو سامھون ڏسي رھيا آھيو. جيئن تہ ھي ھڪ پنجن ڏينھن جي مني ڊراما سيريل آھي جيڪا ايجا ٽيليڪاسٽ ناھي ٽيل پر ھي ڪتاب ڇپجڻ کانپوءِ يقينن کو پروڊيوسر ھن کي ٽيليڪاسٽ ڪندو.

اسان وٽ ڊرامن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي روايت تمام گھٽ آھي. پر اتي اھو سوال بہ جنم وٺي ٿو تہ اڃڪلھ اسان وٽ ڊرامو رڳو ڏاڙيلن جي ويڙھ، ڪاروڪاري ۽ سس ننھن جي جھيڙي تائين محدود ٿي ويو. تہ اھو ڊرامو ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جھڙو يئي ناھي ۽ ٻيو تہ اڄ جا اڪثر ڊراما لکندڙ کي اديب يا ليکڪ ناھن جو اھڙا ڊراما لکن. اتي محمد علي ٻناڻ جھڙا ليکڪ وري بہ ھن قسم جي شاندار ڪوشش ڪري سنڌي ڊرامي کي نواڻ بخشين ٿا.

ڪجھ سال اڳ طارق عالم ابڙي صاحب جي بہ يادگار ڊرامن کي چنڊ رھين ٿو دور جي نالي سان ڪتابي شڪل ڏيئي شايع ڪرايو ويو آھي جيڪا ھڪ بھترين ڪوشش آھي. ان سان ڊرامي سان ڇاھ رکندڙ ماڻھن کي سنو مواد ملي ٿو وڃي ۽ اھي ڊراما تاريخ جو حصو ٿي ٿا وڃن. جن جا ڪردار اسان جي سماج ۾ ئي موجود آھن. سو محمد علي ٻناڻ بہ ان نرالي ڪم کي اڳتي وڌايو آھي.

**

چونڊ شاھکار کھاڻيون

ادب جي دنيا ۾ ترجمي جي وڏي اھميت رھي آھي. ڪنھن ٻ ٻولي کي ٻي ٻولي ۾ بھتر طريقي سان ترجمو ڪرڻ جو مطلب اھو آھي جو ترجمو ڪندڙ ٻنھي ٻولين ۾ سڻي ڄاڻ رکندو ھجي، جو اھا لکڻي پڙھندڙ کي ترجمو ٿيل نہ بلڪ اصل ان ٻولي جي ئي لکڻي لڳي.

سنڌي ادب ڪافي سڻا ترجما ٿيندا رھيا آھن پر پوءِ سڻي ۽ معياري ادب جي ترجمي جي سنڌي ۾ ڪوڙ محسوس ٿيندي رھي آھي.

محترم جھانگير عباسي سنڌي ادب جو اھو خدمتگار آھي، جيڪو مختلف وقتن تي معياري ادب کي سنڌي ۾ نھايت سھڻي نموني ترجمو ڪري پيش ڪندو رھي ٿو. منھنجي مطالعي مان ھن وقت سندس ترجمو ڪيل ڪھاڻين جو مجموعو گذريو آھي جيڪو سندس اڃ ترجمو ڪيل ٻن ٻين ڪتابن وانگر شاندار آھي.

سندس ترجمو ڪيل نھايت سھڻين ڪھاڻين کي مارئي اڪيڈمي "چونڊ شاھکار ڪھاڻيون" جي نالي سان شايع ڪرايو آھي. ھن خوبصورت ڪتاب ۾ ڪل تيرھن ڪھاڻيون شامل آھن. جيڪي مختلف وقتن تي مختلف ٻولين ۾ لکيون ويون. جن کي پڙھڻ سان اھو محسوس ٿو ٿئي تہ اھي ھن وقت جي عڪاسي ۽ منظرنگاري ڪندڙ ڪھاڻيون آھن. ھنن ڪھاڻين ۾ ھندي ترڪي مصري اردو مرائي پنجابي ۽ ملياميںم جون ڪھاڻيون شامل آھن جن کي عباسي صاحب ترجمو ڪري ھڪ ھنڌ گڏ ڪري سھڻي

ڪتاب جي صورت ۾ پڙھندڙن آڏو پيش ڪري تمام پلو ڪم ڪيو آھي.

ھن ڪتاب جي پبلشر نوٽ ۾ سڪندر ملاح صاحب لکي ٿو تہ "سنڌي ٻولي جي ھن عظيم سنڌيڪار ٻئي ادب جي معياري لکڻين کي انتھائي سھڻي انداز ۾ سنڌي لفظن جو ويس پھرائي سنڌي ادب ۾ ترجمي جي اھميت ۾ اضافو ڪيو آھي. ترجمو ڪرڻ وارا تخليقڪار پنھنجي مشاھدي مان چون ٿا تہ "ترجمي ڪرڻ جو عمل ٻيھر تخليق ڪرڻ برابر آھي." تنھن ڪري مترجم کي ٻي ٻولي جي فطرت، مزاج ۽ ان جي ادبي سيڃاڻ جي واقفيت ھجڻ گھرجي ۽ اھي سڀ خوبيون سائين جھانگير عباسي جي تحرير ۾ موجود آھن."

مترجم پاران ۾ جھانگير لکي ٿو تہ "ڪھاڻي لکڻ ۾ جڏھن ڊرائپ ايندي آھي تہ وري اھڙين ڪيترين ئي پڙھيل شاندار ڪھاڻين جا ڪردار ذھن جي ڪينواس تي ڪر موڙي جاڳي پوندا آھن، جيڪي سڀ جو سڀ ترجمو ڪرڻ تي دل چوندي آھي."

ڪتاب جي فليپ تي ليکڪ بابت رضوان گل ۽ رياضت ٻرڙي جا ڪمينٽ ڏنل آھن ۽ ھن ڪتاب جو مھاڳ نالياري ليکڪ ۽ مترجم نواز خان زئور لکيو آھي. مھاڳ ۾ لکي ٿو تہ "جھانگير عباسي جو ترجمو ڪيل ھي ڪتاب "چوندِ شاھڪار ڪھاڻيون" ڏاڍو اھم ڪتاب ثابت ٿيندو. گڏوگڏ ھن ڪتاب سان ھڪڙي مترجم طور سندس سڃاڻپ وڌيڪ پڪي پختي ۽ مضبوط ٿيندي. سنو ڪم ھميشہ ياد رھندو آھي ۽ ڪرڻ واري جا گڻ ڳائبا آھن. سو آئون پانيان ٿو تہ جھانگير جي ھن ڪم کي ھميشہ ياد رکيو ويندو."

ڪتاب جو بيڪ ٽائٽل راز شر صاحب جو لکيل آھي. جنھن ۾ ھو لکي ٿو تہ "جھانگير عباسي بنيادي طور تي اردو جو پروفيسر آھي، اردو توڙي سنڌي تي ڪيس وڏي مھارت حاصل آھي. سنڌ ۾ اڻا تمام گھٽ ماڻھو ھوندا جيڪي ٻئي زبانون بامحاورا ڳالھائي ۽ لکي سگھندا ھوندا."

ھن ڪتاب ۾ شامل ڪھاڻين جا ليکڪ پنھنجي پنھنجي ٻولي جا تمام وڏا ۽ مشھور ليکڪ آھن جن ۾ ترڪي جو نجيب فاضل، مصر جو نجيب محفوظ، مراٹي جو مدھوش منگيش ڪرنڪ ۽ شريمتي سانيا، اردو جي ڪرشن چندر ۽ گلزار کان علاوہ ٻيا ڪجھ ليکڪ ۽ ھندي جو منشي پريم چند بہ شامل آھي. اھي سمورا ليکڪ پنھنجي فن جا ماھر ۽ تمام گھڻا پسند ڪيا ويندڙ ليکڪ آھن. مترجم ھڪ ٻيو بہ پلو ڪم ڪيو آھي جو ھر ڪھاڻي کان پھرين ان جي ليکڪ جو تعارف ڏنو آھي. ان سان ھن ڪتاب جي خوبصورتي ۾ ويتر اضافو ٿي ٿو وڃي.

**

منھنجي من اندر جون ڳالھيون

علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب اسان کي ڪيڏي نہ شاندار نصيحت ڪئي آھي تہ "اسان مان ھر ھڪ فرد کي زندگي جي ڪھاڻي کي لکڻ گھرجي. جيڪا وڏو ادبي سرمايو ثابت ٿيندي." واقعي اھا حقيقت آھي، ھر ماڻھو پنھنجي پنھنجي مزاج ۽ طبيعت ۾ منفرد ۽ مختلف آھي، جيڪڏھن ھو پنھنجي روزمرھ جي زندگي بابت سچي دل سان لکي ٿو تہ سندس اھا ڪٿا تاريخ جو حصو ٿي وڃي ٿي. جنھن مان ڪافي ماڻھن کي نوان گس ۽ پيچرا ملي سگھن ٿا.

مختلف ماڻھن جون آتم ڪٿائون، مون لاءِ دلچسپي جو سبب ھونديون آھن. انھن مان بہ وڌيڪ اھي ڪٿائون وٽندیون اٿم، جن ۾ ليکڪ وڏي سچائي ۽ بيباڪي سان حقيقتن تان پردا ڪڍندي، پنھنجو پاڻ کي بہ بخش نہ ڪيو ھجي. اھڙين آتم ڪٿائن مان ھڪ ڪٿا گذريل ڪجھ ڏينھن کان منھنجي مطالعي ھيٺ رھي، اھا آھي استاد منل حيدري چانديي جي آتم ڪٿا، منھنجي من اندر جون ڳالھيون. جنھن کي اڄ پڙھي مڪمل ڪيم ۽ سوچيم تہ دوستن سان بہ اکر شيئر ڪريان.

استاد حيدري چانديي سان جڏھن بہ ملبو آھي تہ سندس ھر لفظ، ھر اَدا ۽ ھر عمل ۾ محبت ئي سمايل ھوندي آھي. ڳالھ ڳالھ تي وڏا ٽھڪ ڏيندڙ ۽ ٻٽائي جا بيت ٻڌائيندڙ ھن زندگي سان ڀرپور شخص جي آتم ڪٿا بہ ٽھڪن، لڙکن، پيڙائن، محبتن، حوصلي ۽ جذبي سان ٽمٽار آھي. جنھن ۾ ھن نہ رڳو پير پرستي کي نندیو

آھي پر ان خلاف سندس جدوجھد جا قصا ٻہ بيان ڪيا اٿس. جتي ھن جي شادي ٻہ پاڻ کان تمام ننڍي عمر جي ڇوڪري سان ٿئي ٿي تہ ان تي ٻہ ھي پنھنجي مائٽن سان احتجاج ڪري ٿو تہ توھان ھي ڪھڙو ظلم ڪيو آھي ۽ ان واقعي تحت سنڌ جي اڪثر ٻھراڙين ۾ ٽيندڙ ننڍي عمر جي شادين ۽ ٻي جوڙ شادين کي ننڍي ٿو. ھي بھادر مڙس پنھنجي نوڪري دوران پنھنجي بالا آفيسرن کي سچ چوڻ کان ٻہ نٿو ڪيٻائي.

ھن کي تہ ورھاگي کانپوء ھتان ھليو ويندڙ اھو گھورڙيو ٻہ نٿو وسري جنھن کان ڪيس سندس ڏاڏي پڳڙا ونڊي ڏيندي ھئي، ان کي ياد ڪندي ھي اڌول شخص روئي ٿو پوي. پاڻ ورھاگي جي ڏک جو اظھار ڪندي لکي ٿو تہ " اڄ ٻہ ساڻھي سان گڏ چند چھري واري نرڙ تي تلڪ جو ڳاڙھو نشان لڳل ڪانياڻي ڏسندو آھيان، تہ مون کي پنھنجو پراڻو وقت ياد اچي ويندو آھي، جڏھن اسان جا ھم قوم سنڌي ھندو سنڌ ۾ رھندا ھئا ۽ شاھ سائين جو ھي بيت دل تي تري ايندو آھي تہ:

بيکارِيءَ کي بَر ۾، ويو ڪَيف چڙھي،
ڳالھيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙھا پيس ڳڙي،
ڪا جا انگ اڙي، جيئن ڇٽا فٽ ڇڙي پيا."

حيدري سائين، پيشي جي لحاظ کان استاد رھيو آھي، پنھنجي سروس دوران ھن سنڌ جي مختلف اسڪولن ۾ پڙھايو. سندس ڪٿا جو تقريبن وڏو حصو سندس سروس دوران پيش ايندڙ واقعن تي مشتمل آھي، جيڪي پڙھي ماڻھو ٽھڪن ۾ ٻڏي ٿو وڃي. ھي ايڏو باضمير استاد آھي، جو ھڪ وقت ڪنھن شاگرد کي سبق ڪچو ھجڻ ڪري مار ڏئي وينو، جنھن جو پوء کيس شديد

ڏک ٽيو ۽ پاڻ ان شاگرد کان معافي ورتائين. پاڻ لکي ٿو ته پنجاھ سال ان ڳالھ کي گذري ويا آھن پر مون کان اڄ ٻه اھو واقعو نٿو وسري ته مون شاگرد کي مار ڏني. اڄ ٻه پنھنجي پاڻ سان اندر ۾ جٹ ڪندو آھيان ته مون ھي ڪيڏو وڏو ڏوھ ڪيو. اڄ ٻه جڏھن ساڻس ملجي ٿو يا ننڍڙن ٻارن سان ورتاء ڏسجي ٿو ته اھو ڏاڍي پيار ۽ پاڻھ وارو آھي. پاڻ کان ننڍن سان جڏھن ھي سنڌي ٽوپي پھريل شخص منھنجا ٻڇا چئي مخاطب ٽيندو ته سچ پچ محبتن جو امين لڳندو آھي.

ھي محبتي ماڻھو پنھنجي اولاد سان ٻه بيپناھ پيار ڪري ٿو، ان حوالي سان ھڪ واقعو لکي ٿو ته سندس ننڍڙي نياڻي سورٹ جيڪا شديد بيمار ٽيٹ کان پوء ھي جھان ڇڏي ٽي وڃي ته ھي روئي سندس لاش سان مخاطب ٿو ٿئي ته منھنجا ٻڇا مون کي معاف ڪجان، مان غربت ھجٹ ڪري تنھنجو سنو علاج ٻه نه ڪرائي سگھيس."

پنھنجي مزاج ۾ حسن پرست ۽ عاشقانه مزاج رکندڙ استاد حيدري پنھنجي پيار جي سلسلن، اندر جي اڌمن کي ٻه وڏي بيباکي ۽ وٹندڙ انداز ۾ بيان ٿو ڪري. جيڪي پڑھندڙن ۾ دلچسپي پيدا ڪن ٹا.

سندس ڪٹا سنڌ جي ان وقت جي خوشحاڪ دور جي تاريخ جو ھڪ حصو آھي. جڏھن اوطاقون آباد ھيون ۽ عام ماڻھو ٻه خوشحال ھو. افسوس جو اڄ جو عام سنڌي اتي لپ لاءِ ٻه پريشان ۽ بيوس آھي.

ايلسا پبليڪشن پاران چپايل ھن آتم ڪٹا جو مھاڳ علي نواز آريسر لکيو آھي. جنھن ۾ ھو لکي ٿو ته "استاد حيدري

پنھنجي مزاح طبيعت جا بہ ڪيترائي داستان ڇڻيا آھن، جيڪي دلچسپ ته آھن ئي آھن، پر انھن ڳالھين کي پڙھندي ھڪڙي اھا ڳالھ به سمجھ ۾ اچي ٿي ته اڄ کان ٽيھارو سال اڳ واري سنڌ سھپ ۽ رواداري واري سنڌ ھُئي، اڄ جي دور ۾ ڪير ٿو اھڙا يوگ چرچا برداشت ڪري!"

استاد حيدري سندس ڪٿا ۾ سائين جي ايم سيد ۽ عبدلواحد آريسر سان سندس دوستي ۽ نيازمندي کي ڏاڍي پياري انداز ۾ بيان ڪيو آھي. سندس ڪٿا جا اھي باب بہ پڙھڻ وٽان آھن.

استاد حيدري کي شابس آھي جو پاڻ ھن ڄمار ۾ بہ لکڻ پڙھڻ جي ڪم ۾ مصروف رھي ٿو ۽ دوستن لاءِ سندس دل جا در ھر وقت کليل رھن ٿا ۽ پاڻ وڏا ياڪر پائي، کين چميون ڏئي پٽائي جي بيتن سان سندن آجيان ڪري ٿو.

ھي ڪٿا پڙھڻ کان پوء مون کي شدت سان اھو احساس ٿو ٿئي تہ اسان جي چوڌاري ڪيڏا نہ وڏا ماڻھو لکل ھيرن جي صورت ۾ موجود آھن جن جو اسان کي قدر ڪرڻ گھرجي ۽ سندن روشن خيالي ۽ فڪر کي عام ڪجي. اسان کي قدر سدائين ماڻھو جي مرڻ کان پوءِ ٿيندو آھي. سندس حياتي ۾ ڪيس گھربل عزت ۽ پيار ناھيون ڏيندا. جيڪا ڏاڍي افسوس ۽ ڏک جي ڳالھ آھي.

سنڌ ۾ يقينن اھڙيون ڪوڙ ھستيون موجود آھن، جيڪي جيڪڏھن پنھنجي آتم ڪٿا لکن تہ قوم تي سندن اھو وڏو احسان ھوندو. ڇو تہ سندن ڪھاڻيون ڪيترن ئي ماڻھن لاءِ اتساھ ۽ علم جو سبب بڻجي سگھن ٿيون.

**

ڪتاب: "دنيا ڪان اڳتي" تي ھڪ نظر

جيئن ھر شخص ڪھاڻي آ، تيئن ھر ھڪ لمحو، ھر ھڪ درد، ھر ھڪ ٺھڪ، ھر ھڪ خوشي، ھر ھڪ غمي، ھر ھڪ معصوميت، ھر ھڪ ادا، ھر ھڪ اميد، ھر ھڪ آھ، ھر ھڪ دانھن سميت دنيا جي ھر ونھوار ۾ ڪا نہ ڪا ڪھاڻي سمايل آھي. عام ماڻھو شايد انھن لڪل ڪھاڻين کي محسوس نہ ڪري سگھي پر ھڪ حساس ليکڪ دنيا جي ھر ھڪ لمحي کي حساسيت سان نہ رڳو محسوس ڪري ٿو پر ان کي لفظن جو روپ ڏئي پڙھندڙن تائين پھچائي ٿو. منھنجي سامھون ھڪ اھڙو ڪتاب آھي، جنھن جو ليکڪ بہ اھو ھنر خوب ڄاڻي ٿو تہ اسان جي آسپاس موجود ڪھاڻين کي ڪيئن محفوظ ڪجي تہ جيئن اھي عام پڙھندڙن سان گڏوگڏ وس وارين ڏرين تائين بہ پھچن تہ جيئن من ڪو دردن جو درمان ٿئي.

سو اھو ڪتاب آھي " دنيا ڪان اڳتي"، جيڪو ڪھاڻين جو مجموعو آھي ۽ ان جو ليکڪ نالياورو ڪھاڻيڪار محمد علي ٻڌاڻ صاحب آھي. محمد علي ٻڌاڻ جون ڪھاڻيون ھر ھفتي ڪاوش اخبار ۾ ڇپبيون رھن ٿيون، جيڪي اسان جي سماج جي ڪرنٽ افيئرز جي ترجماني ڪن ٿيون. اھي ڪھاڻيون پڙھڻ سان اسان پنھنجي سماجي جوڙجڪ کي ڏاڍي سٺي نموني سمجھي سگھون ٿا. ھن ڪھاڻين ۾ تڪليفون ڀوڳيندڙ عورتن جو بہ ذڪر آھي تہ بيروزگاري ۽ بک جو بہ ذڪر آھي. نوجوانن جو بہ ذڪر آھي تہ اسان جي تعليمي نظام جو بہ ذڪر آھي، وڏڙن جو بہ ذڪر آھي تہ

ننڍڙن جو بہ ذکر آھي. مريضن جو بہ ذکر آھي تہ ڊاڪٽرن جو بہ ذکر آھي. محمد علي صاحب رڳو اھا سورن جي پچار نٽو ڪري پر ھو تہ انھن دردن جي درمان جا حل بہ ٻڌائي ٿو جيڪو سندس فن کي چار چند لڳائي ٿو ڇڏي.

ھن ڪتاب ۾ ٽوٽل 66 مختصر ڪھاڻيون شامل آھن، جيڪي فليش فڪشن واري ڪٹيگري ۾ اچن ٿيون. ھن ڪتاب ۾ "بابي جو نالو" جي عنوان سان ھڪ ڪھاڻي ۾ ليکڪ وڏي ڪمال سان اسان جي ھن سماجي سوچ جي عڪاسي ڪئي آھي تہ ڪيئن اسان جو عام ماڻھو پٽ کي ئي اولاد سمجھي ٿو ۽ نياڻي جي ھن وٽ ڪا اھميت ناھي. پٽ پيدا ڪرڻ جي خواھش ۾ ھو ٻار تي ٻار پيدا ڪري ھڪ تہ آدمشماري وڌائي ۽ وسيلن تي بوجھ ٿي، سڄي سماجي سرشتي کي لوڏي ٿو ڇڏي ۽ ٻئي پاسي پاڻ بہ ان قابل ناھي جو ايترن ٻارن جو رڳو پيٽ پالي سگھي. ڪھاڻي ۾ ھڪ عورت بي عورت کي طعنو ڏيندي چوي ٿي تہ "جي گھٽ ٻار ڄڻيو ھا، تہ ھيئن ھيڏي تڪليف ۾ نہ ھجو ھا پيٽ، ٻئي زال مڙس کيڏي ھلاکي ٿا ڪيو، مڙسھن کي برياني تہ توکي سيبي جو ڪم، بہ روپيا اچن بہ ٿا، پوءِ بہ قصو پوئتي آ. اسان وانگر بہ ٻار ڄڻيو ھا، تہ ڏکي ۾ بہ ايڏا ڏک نہ ملنوَ ھا...."

"بس ادي، جيڪو مقدر ۾. رات تہ اجا مڙسالوءِ چوي پيو تہ بس رڳو باقي ھڪڙو پٽڙو ڄڻي ڏي تہ بابي جو نالو رکانس!....

حڪومتي نااھلي ان حد کي اچي پھتي آھي جو ھاڻي قبرستانن تي بہ قبضا شروع ٿي ويا آھن. "سي سي ڪيمرائون" ڪھاڻي ۾ محمد علي صاحب لکي ٿو تہ "حڪومت سجاڳ آ سائين، ننڍ ۾ اسان آھيون. خبر تڏھن ٿي پئي، جڏھن ڪو مري ٿو،

تہ مقامن ۾ وڃي ڏسجي ٿو تہ قبضا ئي قبضا. قبر کونہ. پوءِ ڏوکر ڏئي جڳاڙ سڳاڙ ڪري قبر حاصل ٿي ڪجي نہ تہ رڳو ان مان ميت ڪڍي ليبارٽين ۽ عاملن وٽ ائين پڳڙن مٽ تي ڪپايا وجن ٿا، پوءِ قبر بہ تين وال ڪئي وجي ٿي.“

تبديلي سرڪار جي پيڪين کي بہ ” آڏو آڏو ٽر....“ ڪھاڻي ۾ ھن طرح وائکو ڪيو اٿس. ”اڙي ادا، مون کي ان جي خبر آ. اخبار پلي نہ پڙھندو ھجان پر ٽي وي ڏسندو آھيان. انھي جنھن خان جي تون ڳالھہ پيو ڪرين نہ، اھو نعرو تہ تبديلي جو ھٽي ٿو پر منڊ کان ونڊي ڏسين نٿو تہ ڪم ۽ پرڪار سئو فيصد ساڳيا ئي ٿس. ماڻھو بہ پاڻ سان اھڙ ڪنيا ٿئين، جن جا پير سدائين ڊسڙ ۾. يعني پيٽ ۾ ھنود ڪاسائي جي ڪڏ ۽ ارادا عوام جي نڙي تي ننھن ڏيڻ جا!“

”وات ۾ ڏپ“ ڪھاڻي محنت ۾ عظمت وارو درس ڏي ٿي. جنھن ۾ ھڪ شخص ھڪ فقير کي پنڻ بجاءِ محنت مزدوري جو چوي ٿو ۽ ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائي سندن ۽ قوم جو مستقبل سنوارڻ جي تلقين ڪري ٿو.

”پنھنجو گھر“ ڪھاڻي ۾ بہ وڏو پيغام سمايل آھي خاص طور تي انھن عورتن لاءِ جيڪي ٿوري ٿوري ڳالھہ تي ڪاوڙجي پنھنجو گھر ڇڏي پنھنجي مائٽن، خاص طور تي پائرن جي گھر ھليون ويندیون آھن.

”وٽ وھندي کي.....!“ ڪھاڻي ۾ انھن ڊاڪٽرن جو قصو آھي جيڪي خسيس ذاتي مفادن ڪري مختلف ڪمپنين کان

مراعتون ونڻي ۽ پوءِ غير معياري دوائون لکي ماڻھن جون حياتيون برباد ڪن ٿا.

"ون ويلنگ" ڪھاڻي تہ ڏاڍي شاندار آ جنھن ۾ ھڪ بزرگ ڪجھ نوجوانن کي ون ويلنگ ڪرڻ کان روڪي ٿو ۽ کين سمجھائي ٿو تہ بابا ڏاھا ٿيو، بائيڪ تي ون ويلنگ ڪرڻ سان توھان جي جان کي خطرو آھي. پر نوجوان نٿا مڃن ۽ نيٺ مستي ۾ پنھنجي حياتي وڃائي ويھن ٿا.

"پيٽ ۾ سور" ڪھاڻي ان ٻڌڙي عورت جي آ، جيڪا غربت ڪري پنھنجي ٻارڙي کي ڇولا نٿي ونڻي ڏئي سگھي تہ "ڇولا پيٽ ۾ سور وجھندا ھن بابا، نہ کائبا ھِن...."

"وارث" نالي ڪھاڻي ۾ ان ٻار جي درد کي بيان ڪيو ويو آھي جنھن جا ماڻُ پي الڳ ٿي ٿا وڃن ۽ اھو ٻار ان ڪشمش ۾ قاسي ٿو پوي تہ ھو ڪنھن سان گڏ رھي. ماڻُ سان يا پيءُ سان.....

ھن ڪھاڻين ۾ ليکڪ "ڪارو ڪاري" واري ڪڌي عمل کي بہ نندينديِ نظر اچي ٿو، جيڪا جھلڪ اسان کي، "سڪ سان نہ سمھنداسون"..... ڪھاڻي ۾ نظر اچي ٿي.

پوليس ڪھڙي طرح رشوت جي بازار گرم ڪري ماڻھن جي زندگي زھر ڪري ٿي، اھو سور ليکڪ، ڪھاڻي "جڏھن پوليس ٿھي نہ " ۾ سلي ٿو.

عزت نالي ڪھاڻي ۾ ان عورت جي درد جي عڪاسي ٿيل آھي جنھن ماني پچائڻ ۾ ٿوري دير ڪئي تہ ان تان سندس ڏير ڪيس مارڪٽ ڪري ٿو.

"ڏسجان بينو" ڪھاڻي ۾ ٽچ اسڪرين موبائيل ۽ ووٽ ونڊ وارن يارن جو قصو ڪجھ ھن طرح بيان ٿو ڪري" مون کي

بہ لڳي ٿو تہ باھ وڏندي. هي سپ جا سپ اڳوڻا وزير ڪبير ڪنهن بہ صورت ۾ سازگاري سان هيلوڪي اليڪشن مهم ڪو نہ هلائي سگھندا. ڇو تہ نوجوان اکيون ڦوٽاريون ٽڇ اسڪرين موبائيلن کي بندوقون بڻايون بينا آهن....."

هتي اسڪولن تي بہ قبضا ٿيو وڃن. ان بابت ليکڪ "ڏاڍو ڪاتو" ڪهاڻي ۾ لکي ٿو تہ تعليمي ايمرجنسي هوندي بہ هڪ صوبيدار اسڪول مان هيڊ ماستر ۽ ٻارن کي ڪڍي اسڪول خالي ڪرائي ٿو ڇڏي.

هنن ڪهاڻين ۾ پوتار جي ظلمن جي بہ مذمت ڪئي وئي آهي جيڪو ترقياتي ڪمن لاءِ ايندڙ سمورا پئسا کائي ٿو وڃي ۽ اوگرائي بہ نٿو ڏي.

خانگي اسڪولن ۾ سنڌي نٽي پڑھائجي، ان ڏوھ کي بہ محمد علي صاحب پنهنجي قلم ذريعي قلم بند ڪري ٿو. انهن ويگنن جو بہ ذڪر ڪري ٿو جنهن ۾ گئس جا سلينڈر لڳل آهن. جيڪي ڪنهن بہ کان گھٽ ناهن ۽ پوءِ اهي بہ ڪيڏي نہ بيدردي سان ڦاٽن ٿا ۽ ڪيترن ئي خاندانن کي تباھ ڪن ٿا.

سو، اهڙي طرح هن ڪتاب ۾ موجود سموريون ڪهاڻيون پڑھڻ جهڙيون آهن. جيڪي يقينن حساس ماڻهن کي پنهنجي دل جي ڳالھ لڳنديون. هن ڪتاب جي فليپ تي ليکڪ بابت غلام نبي مغل صاحب لکي ٿو تہ "محمد علي ٻناڻ پنهنجي تخليقي صلاحيتن سان پاڻ کي ادب جي دنيا ۾ بلندين ڏانهن وڻي وڃي رهيو آهي ۽ سنڌي ادب ۽ پڑھندڙن ۾ هڪ خاص جڳھ جوڙي رهيو آهي."

ليک بابت رضوان گل صاحب لکي ٿو ته "پروفيسر محمد علي پناڻ کي مون هميشہ هڪ متحرڪ انسان طور ڏٺو آهي. هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊراما نگار، ڪالم نگار طور مڙني ذميوارين سان نيائڻ ڪا گهٽ ڳالهہ نہ آهي. ان سان گڏ ٻٽائي سان عشق پڻ سندس سرشت ۾ شامل آهي." هن ڪتاب بابت ڄام جمالي صاحب جو انگريزي ۾ لکيل شاندار تبصرو بہ هن ڪتاب جو حصو آهي. جڏهن ته هن خوبصورت ڪتاب جو مهاڳ نالياري ليکڪ زيب سنڌي صاحب جو لکيل آهي. پاڻ لکي ٿو ته "محمد علي پناڻ جي ڪهاڻين ۾ ڪٿي بہ هروپرو جي لفاظي موجود ناهي. هن عام ماڻهن جي مسئلن کي عام فهم ۽ بيحد اثرائتي سادي انداز سان پيش ڪيو آهي، جيڪا سندس تحرير جي خاص خوبي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل سندس مختصر ڪهاڻيون فليش فڪشن جي زمري ۾ اچن ٿيون ۽ اهي اهڙا عڪس ڏيڪارين ٿيون، جو ڪٿي ڪٿي اکيون آليون ٿي وڃن ٿيون."

پنهنجي پاران ۾ ليکڪ لکي ٿو ته "هفتيوار ڪهاڻين لکڻ جو هي سلسلو هن ڪتاب تائين پل ڪنهن کي چٽين جو ڪيل لڳندو هجي پر مون لاءِ اهو پوڳنائن جا تيزابي درمر ڪٽي آيو آهي. جنهن ۾ پاڻ کي اڇلي هڪ ڪهاڻي کي انهن مان ڪڍي پئي آيس، ته بي لاء تن ۾ وري پاڻ کي ساڳي طرح اڇلڻو پي پيو."

ڪتاب ۾ ابراهيم ڪرل ۽ انور ابڙي صاحب جا رايا بہ شامل آهن. انور ابڙو صاحب لکي ٿو ته "هي ڪتاب اڃوڪي سنڌ جي تخليقي انداز ۾ لکيل سوشل استدي بہ آهي، جيڪا انهن ماڻهن کي بلڪل بہ ڇرڪائيندڙ لڳندي، جيڪي خاص طور وڏن شهرن ۾ رهن ٿا."

منهنجي خيال ۾ هي ڪتاب سنڌي ڪهاڻين خاص طور تي مختصر ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ هڪ بهترين اضافو ثابت ٿيندو.

گلن ۾ گلابي شهنشاھ "گُل"

شاعري انساني جذبن جي اظهار جو هڪ اثرائتو انداز آهي. شاعر سماج جو تمام حساس طبقو هوندو آهي، جيڪو پنهنجي اندر ۾ هلندڙ جنگ ۽ سندس چوڌاري ٿيندڙ مختلف وارتائن، خوشين، ڏکن، کاميابين، ناکامين، سونهن، سندرتا، سچ ۽ سورهيائي جي احساسن ۽ جذبن کي لفظن جي خوبصورت مالها ۾ پوئي، پنهنجي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪندو آهي. شاعري اها چترڪاري آهي، جيڪا پاڻ ڳالهائي ٿي.

اڄ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جِي سينڌ سنواريندڙ سُهٽي شاعرَ، دانشور، عالم، صحافيءَ، مُترجم، سچل جي شارحَ، ٻارن جي ليکڪ ۽ ڪالم نويس، مقصُودگل جو69 يون جنم ڏينهن آهي ۽ مُنهنجي سامهون هن وقت سندس شاعري جو اهڙو ئي هڪ خوبصورت ڪتاب آهي، جنهن کي وري وري پڙهڻ تي دل ٿي چوي. جنهن ڪتاب ۾ اهي سمورا حسين احساس سمايل آهن. جيڪي ڪنهن ٻ شخص جي ضمير کي جاڳائڻ لاءِ ڪافي آهن. اهو ڪتاب آهي "اڪڙيون نيل ڪنول"، جيڪو سائين مقصُود گُل جي زندگيءَ ۾ چپيل انهن جو آخري ڪتاب آهي. مون جنهن وقت هي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو تہ ان وقت ئي منهنجي دل چيو تہ هن ڪتاب تي هڪ عام پڙهندڙ جي حيثيت ۾ ٻ اکر ضرُور لکندس. جيڪي هن وقت توهان سان وندڀان پيو:

سنڌي ادبي بوردِ پاران شايع ڪرايل هن ڪتاب جي ارپنا شاعر، پنهنجي امڙ ماءُ ۽ ڌرتي ماءُ جي نانءِ ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾

حمد، نعت، غزل، رباعيون، پنجڪڙا، دوها، ڏيڍوٽا ۽ ترائيل شامل آهن. مقصود صاحب جي هن ڪتاب ۾ مُون کي سندس ٻولي جو خوبصورت استعمال ڏاڍو وٽيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ قومي جذبو، انسانيت، محبوب جي سونهن، سڪ ۽ سوڀيا، حساسيت، قرباني جو جذبو، هلندڙ سياسي صورتحال، سماجي براين کي نندڻ ۽ انهن جي مذمت ڪرڻ، پنهنجي ٻوليءَ سان پيار، فطري خوبصورتيءَ جو اظهار، انسانيت ۽ رواداريءَ جو درس ۽ ڏرتيءَ سان پيار وارا موضوع نمايان آهن.

مقصود سائينءَ جي شاعريءَ مان ڪجھ مثال مان هتي پيش ڪريان ٿو، جن مان سندس ڏات جي گھرائيءَ جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو.

ڏرتي سان محبت جو سندس انداز ڪيڏو نہ شاندار آهي:

ڏرتي سڏي تہ دم نہ ڪجي دوست دير ڪا،
سَوَ سِرَ سِسيُون هجن تہ سي وَر وَر پيُون وارجن.

يا وري هن طرح:

”درد دلبر جو بہ آ پر درد ڏرتيءَ جو وڏو“

ڏرتيءَ جي ڏُکن ۽ سُورن تي سندس اندر مان آواز ٿو اچي تہ:

ڏرتيءَ جا ڏُک دل ۾، اکيُون آبوکيون،
دوزخ ۽ درياءَ ڪنيون ٿو ساڻ وتان.

پرينءَ کي بہ سنڌ جي نقشي سان پيڻي ٿو:

آ پڌرو پرين جيئن نقشي ۾ سنڌ،
سندس لوڏ آ مون لکن ۾ لڌي.

يا وري هن طرح:

چمي "گل" کٹي ٿو اکين تي رکان،
اھو پيار ڏرتي، ڏرم دوستو.

سنڌ سان سندس محبّت ان حد تائين آھي، جو ھر سوپيا جي "سِين" کي چُمي ٿو:

آ سنڌ، سونھن، سچَ ۽ سُرھاڻ جو قسم،
ھر سوپيا جو "سين" سِڻُن تي چُمان پيو.

ڏرتي جي ويريءَ سان نفرت بہ وڏي بيباکيءَ سان ڪُليل ريت ڪري ٿو:

ڏرتيءَ ويريءَ ساڻ رھان، پر ڪيئن رھان!
دشمن سان گڏ گھارڻ ڏاڍو اوکو ڪم.

سندس سموري سجاڻپ جو محور سنڌ امڙ آھي:

تنھنجي نالي ۽ حوالي جي ڪري،
ٿا سيئي مون کي سجاڻن سنڌڙي!

سياست جي نالي ۾ ٿيندڙ نڱيءَ کي بہ ھن طرح بيان ٿو ڪري:

ڪنھن کي پنھنجو ليڊر سمجھون،
ڪنھن کي ڪيئن اڱواڻ ڪيون!

پڳ وارا پڳدار گھٽا، پر نانگُ لڪل ھو پڳَ پڳَ ۾
نام نھاد ليڈرن جي ڪيل تباھين جو ذڪر سندس ھنن سٽن ۾ ڏسو:

اقتداري اؤجَ جا ماڻيا مزا پئي ليڈرن،
بي خطا، مظلوم ماڻھو قوم جا ڪُسندا رھيا.

سندس ھي سٽون بہ ليڈرن کي واھ جو وائکو ٿيون ڪن:

نڪري آ تون خول انا مان سنڌي ليڊر! هاڻ،
بيني آ سنڌ ڇوڙائي تي، ان جو سُور سڃاڻ!

هن ملڪ ۾ حڪومتون ڪيئن ٿيون نهن، انهيءَ ظلم کي سندس هڪ غزل جو هڪ بند بيان ٿو ڪري:

ڊش انٽينا تي آمريڪا چئنل پئي بلائي،
تڏهن هتي تبديل سياسي چهرا ٿيندا آهن.

اسان جي پيرن هيڻان ڏرتي ڪسڪڻ تي هي بيحد حساس ۽ پيارو ماڻهو روئي ٿو پوي ۽ ان سان گڏوگڏ اسان جي اکُهور نند ۾ ستل ضمير کي جاڳائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري:

پنهنجي پاڙَي ۾ بہ ڇو رستو نہ ٿو مون کان ليي،
اوپرن کان پنهنجي گهر جو دڳ پُڇائي روئبو.

سندس هي شعرُ طبقاتي سماج کي آئينو ٿو ڏيکاري، جيڪو پڙهي اهو احساس شدّت سان ٿو ٿئي تہ ڪيڏي نہ بي رحميءَ سان اميرن جا بنگلا ۽ محلات غريبن جي حصي جي اُسَ ۽ چاندوکي چورائي، روشنيءَ کي ياڳا ڪري ويا آهن:

روشني ياڳا نہ ڪريو، اُس هجي يا چاندني،
سڄَّ چنڊ جو هي سڃڻ سهڪار سهڻو ٿو لڳي.

محبوبَ جي سڪَ جي عڪاسي سندس هنن خوبصورت سٽن ۾ ڏسو:

ها پرم سڪ جو رکي سودو ڪيم،
سمنڊَ کي سوڙهو ڪري قطرو ڪيم.

پرينءَ جي اچڻ جو پيغام هن طرح ٿو ملي:

سالن کان پوءِ وري آ برکا، بهار آئي،
تنهنجي اچڻ جون ڳالهيون ڪنَ ۾ هوا ڪري ٿِي.

۽ وري اُنَ پرينءَ جي ديدار لاءِ تہ چنڊ بہ دعائون پيو گُهري:

چنڊُ وڻ جِي ٻانهن تي کاڏي رکِي،
ٿُنهنجَي درشن جون دعائون ٿو گهرَي.

پرينءَ جِي سونهن جي ڪري نہ رُڳو انسان جو اندر مهڪي ٿو پوي پر ماڻهوءَ کي سمُورو سنسار ٻہ سهڻو ٿو لڳي:

سُونهن تنهنجيءَ جي ڪري سنسار سهڻو ٿو لڳي،
تنهنجي ٻانهن جو ڳچيءَ ۾ هارُ سُهڻو ٿو لڳي.

مقصود سائينءَ جو هي رومانوي پنجڪڙو ٻہ ڪمال جو آهي:

تنهنجي زلفن ۾ لڪِي آ رات رات
تنهنجي ڳلڙن مان صبح جاڳي اُٿيو
تنهنجي مرڪ ساڻ سج اُيرِي پيو
ڪئي شفق تنهنجي چپن مان هات هات
تنهنجي زلفن ۾ لڪي آ رات رات.

سندس هڪ بيحد رومانٽڪ غزل (جيڪو ماسٽر ولیءَ ۽ سڃڻ سنڌيءَ جي آوازن ۾ ڏار ڏار ڳايل آهي) جا ڪجهہ بند توهان پاڻ پڙهي ڏسو:

تنهنجي ڳلن تي ماڪَ جو مرڪِي بکي پئي،
قطرا پگهر جا ڄڻ تہ گُلن تي چمان پيو
تنهنجَي لبن جي ساک پريَ لاک پيار سان،
لالي شفق جي ڄڻ تہ گُلن تي چمان پيو
پاڪرَ سان تنهنجي منهنجو معطر وجود ٿيو،
خوشبوءِ تنهنجِي، پنهنجي لگّن تي چمان پيو.

جُدائيءَ جي لمحن کي ٻہ ڪيڏي نہ پُرسوز انداز ۾ بيان ڪيو اٿس:

توکان ڏُور گذارڻ ڏاڍو اوکو ڪم
پاڻ ئي پاڻ کي مارڻ ڏاڍو اوکو ڪم

تنھنجِي ياد کان جھلجي ڪيئن ٻلا دل ڪي؟
وھندڙ وِيرَ بيھارڻ ڏاڍو اوکو ڪم
مھربان آيا اکين ۾ رات ھڪڙي ويا رھِي
پر سموري زندگي دل ۾ سَدا وسندا رھيا
نينھن ۾ ڪا نئين نرتڪي ٿي نچي،
ياد ڪنھن جي اندر ۾ اڇِي ٿي نچي
ياد تنھنجي جي سھارَي زندگي گھاريُون پيا
آسَ جا ڏيئا اکين جي آب سان ٻاريُون پيا
اسان جي زندگِي تو ساڻ ئي زندگي آ جانان!
سوا تنھنجي اسان وٽ ڪا نہ آئي ڪا خوشي جانان!

ماءُ جي مامتا جو مظھر ھي ستون پڙھو:

ٻچو ماءُ ڇاتيءَ تي ٻانھُون وريلَ،
پِئي ٻاجَھ آ ٻارڙي سان ٻِکِي.

اڇڪلھ جي وڌيلَ مذھبِي انتھا پسنديءَ کي بہ ڪيڏي پرپور انداز ۾ ننديو اٽيائون:

مذھب جيڪو ٻارَي ٻِينا نفرت وارو مڇ،
انسانيّتَ ساڻ اجھايُون آڇَ انھيءَ کي اڇ!

چوڌارِي پکڙيل وحشتن، لالچن ۽ انساني بيقدرين ۽ بيحسين جي عڪاسي ھي ستون ڪيڏي نہ سُھٽي نمُوني ٽيون ڪن:

ڪيڏو وحشي ماڻھو ٽِي پيو، ڪيڏِي آ ڏُکَ ڏوڙَ
لالچ لوڙھ لُڇايا ماڻھو رانگڻ رتُ ولوڙَ
انسانن کي گھوگِھڻَ وارو ڪيئن سڏيان انسانُ
ڏرتيءَ تي اپمانُ ڏسي آ حيرت ۾ ٻِگوان.

انھن مثالن مان توھان پاڻ اندازو لڳائي سگھو ٿا تہ مقصود گل صاحب جِي شاعري ڪيڏي نہ رنگ ۾رِي آھي. سو جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو تہ ھي سمورو ڪتاب وري وري پڙھڻ جھڙو آھي. ھن سُھڻي ڪتابَ جو تفصيلي ۽ بيحد علمي مھاڳ بہ سنڌ جي ھڪ بيحد پياري ۽ ڪمال جي شاعر سائين مير محمّد پيرزادَي صاحب جو لکيل آھي. افسوس جو ھي ٻئي پيارا شخص ھاڻي ھن دنيا ۾ ناھن رھيا.

ھن ڪتاب ۾ موجود شاعري ڪافي فنڪارن پنھنجي حسين آوازن ۾ ڳائي بہ آھي. خاص طور تي مقصود سائينءَ جي گڏريل ٻن ورسين جي موقعي تي جنسار سمي، ذوالفقار عليءَ ۽ مظھر حسين ڏاڍيُون خوبصورت ڪمپوزيشنز تيار ڪري پيش ڪيون آھن. جيڪي يقيناً گل صاحب جي شاعريءَ کي گھٽن ۽ عام ماڻھن تائين پھچائڻ جو سبب بڻيُون. ھونئن بہ جڏھن ڪا شاعري سُرن جو روپ ڌاري ٿي تہ وڌيڪ امر ٿي وڃي ٿي.

مقصود گل جھڙن ماڻھن جي سوچ ۽ فڪر کي عام ڪرڻ جي ضرورت آھي ڇو تہ ھنن ڏرتيءَ جي عاشقن محبتن، امن، رواداري، پيارَ ۽ انسانيت جو پيغام ڏنو آھي.

مان يقين سان چوان ٿو تہ ھي ڪتاب فڪري ۽ گھرائيءَ واري شاعريءَ سان ڀاھ رکندڙ دوستن لاءِ ھڪ تمام خوبصورت تحفو آھي. مقصُودگل جي فڪر جي لاٽ مٿس تحقيق ۽ سندس ترجمن جي صُورت ۾ اڃا وڌيڪ روشن ٿيندي ۽ ايندڙ وقت کي واسيندي رھندي ۽ "گُل" جي تخليقي ھُبڪارَ پنھنجن پڑھندڙن ۽ پيار ڪندڙن ۾ خوشبُوءِ جو خيرُ وندِيندي رھندِي.

گلن ۾ گُلابي شهنشاهه "گُل"،
وندَي خيرُ خُوشبُو جي خيراتَ جو.

ڪوءِ ڪُنڊيندڙ هوءِ
(ڪهاڻيون)

اها واقعي حقيقت آهي تہ هر شخص ڪهاڻي آ، هر شخص جي چوڌاري انيڪ ڪهاڻيون گهُمنديون ڦِرنديون رهن ٿيون. هر شخص پنهنجي اندر ۾ موجود ڪهاڻين سميت سماج ۾ موجود ڪهاڻين بابت سوچڻ ۽ ٻُڌائڻ بغير رهي نٿو سگهي. ڪهاڻيون سماجي اٽل پٽل جون عڪاس هونديون آهن. سو انهن ماڻهن ۾ بہ وري ليڪڪ طبقو وڌيڪ حساس هجڻ ڪري انهن درد ڪٿائن، پيڙائن توڙي خوبصورت احساسن کي لفظن جو روپ ڏئي تاريخ جو حصو بڻائي ٿا ڇڏين. مون هن وقت هڪ اهڙو ئي ڪهاڻين جو ڪتاب پڙهي مڪمل ڪيو آهي، جنهن جو ليڪڪ بہ بيحد حساس آهي. ڇو تہ اهو سڀ ڪجهہ سندس ڪهاڻين پڙهڻ سان محسوس ڪري سگهجي ٿو. مان دوستن سان هن وقت هوش محمد پٽي جي لکيل ڪهاڻين جو ذڪر ڪرڻ ٿو چاهيان. جيڪي "ڪوءِ ڪُنڊيندڙ هوءِ" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ مُرڪ پبليڪيشن پاران شايع ڪيون ويون آهن. هن ڪتاب ۾ ڪُل 17 ڪهاڻيون موجود آهن. جيڪي پڙهڻ سان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ليڪڪ کي سنڌ سان عشق آهي. هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي قديم ماڳن، سنڌ جي شينهن درياءَ، سنڌ جي سياست، سنڌ جي شهرن، سنڌ جي ڳوٺن، سنڌ جي وسيلن ۽ سنڌ جي يونيورسٽين سميت مختلف موضوعن جو ذڪر ڪري ٿو، جن جو محور سنڌ آهي.

ھن ڪتاب ۾ "مُوڙو" نالي سان موجود ڪھاڻي ۾ بظاھر تہ يونيورسٽيءَ ۾ پڙھندڙ شاگردن جي پيار جو ذڪر ملي ٿو پر ليڪڪ ھن ڪھاڻي ذريعي يونيورسٽين جي ماحول، نوجوانن جي نفسيات ۽ شاگرد سياست جو بہ ذڪر ڪري ويو آھي.

ڪتاب جي ٽائٽل ڪھاڻي ۾ ليڪڪ انھن دوستن کي ڏوراپو ڏيندي نظر اچي ٿو جن جي سياست جو نظريو بہ ھڪ، سندن ٻولي ۽ ڪلچر بہ ھڪ ۽ سندن رھبر بہ ھڪ ھجڻ باوجود بہ ھو الڳ الڳ ڇو آھن؟ جيڪو ھڪ وڏو سوال آھي.

"امن جو خواب" ڪھاڻي ۾ اھو ذڪر ملي ٿو تہ ڪھڙي طرح انسانن ۾ نفرتون پکيڙي، ويڇا وڌائي سندن وچ ۾ سرحدون وڇايون ويون آھن.

"پنھنجو ديش اوپرا ماڻھو" ڪھاڻي ۾ اسان کي احساس ڏياريو ويو آھي تہ اسان جا شھر ڪھڙي طرح اسان لاءِ اوپرا ٿيندا وڃن ۽ اسان پنھنجي ڌرتي تان ڏڪاربا پيا وڃون.

"دادلو درياھ" ڪھاڻي سنڌو جي درد ڪٿا آھي. جيڪا پڙھڻ سان اھو احساس شدت سان جنم وٺي ٿو تہ اسان جي سنڌو کي سُڪائي اسان جي زندگي تنگ ڪئي وئي آھي. جنھن سان اسان معيشت سميت سڀ ڪجھ تباھ ٿي ويو آھي.

ھن ڪتاب ۾ ڪامريڊن جو بہ ذڪر ملي ٿو جيڪي سڪڻ نعرن پويان پنھنجيون عمريون لٽائي ٿا ڇڏين.

ڪتاب ۾ "مھين جي ماڻھو" جو بہ ذڪر ملي ٿو تہ معصوم ٻار جي معصوم خواھشن جو بہ ذڪر ملي ٿو. سنڌ جي شھرن جي ڳالھہ آھي تہ سنڌ جي ڳوٺن جي پچار بہ نج عوامي انداز ۾ ملي ٿي.

ليکڪ بابت راين ۾ فليپس تي عباس ڪوريجي ۽ شبير لاکي جا رايا شامل آهن. ڊاڪٽر تهمينہ مفتي جو رايو بہ شامل آهي.

ليکڪ بابت نامياري ليکڪ پير عبيد راشدي جو "هوش ڪر هنجهڙا يار" جي عنوان سان بہ هڪ بهترين ليک هن ڪتاب جو حصو آهي. جنهن ۾ راشدي صاحب لکي ٿو تہ "هوش محمد پٽي ڄامشوري ۾ پڙهيو، هن جي من ۾ ڪنهن جي ذلف جي خوشبوءِ آهي يا ڄامشوري جي پٽرن جهڙي پراسرايت پر علي بابا جي ڳالهہ وانگر ڪيس مضبوط ۽ ارڏو ٽيڪو پوندو."

ڪتاب جو بئڪ ٽائٽل منظور ڪوهيار جو لکيل آهي. جڏهن تہ هن ڪتاب جو مهاڳ نالياري اديب مدد علي سنڌي جو لکيل آهي. جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ "هن ڪتاب جون سموريون ڪهاڻيون مختلف موضوعن تي آهن. ليکڪ جي پنهنجي ذاتي آبزرويشن جو مثال آهن. انهن ڪهاڻين کي پڙهندي محسوس ٿئي ٿو تہ اسان جا نوجوان ڪهاڻيڪار جيڪڏهن لکڻ سان گڏ مطالعي کي بہ جاري رکندا ايندا تہ ايندڙ مستقبل ۾ سنڌي ڪهاڻي جو عروج اڃا بہ وڌندو. شابس هجي سنڌ جي نوجوان ڪهاڻيڪارن کي جيڪي دل سان لکن بہ پيا ۽ نور نچوئين ٿا ۽ پنهنجي هڙان وڙان ڏيو پنهنجا ڪتاب بہ ڇپرائين ٿا. اهڙو مثال ٻين ٻولين ۾ تمام گهٽ آهي. هن جذبي جي جيتري تعريف ڪجي اها گهٽ آهي."

**

ايڪيهين صديءَ جو ادب

مون، جڏهن ب انور ابڙي جي ڪا ب لکڻي پڙهي آهي، تڏهن، مون ان لکڻي ۾ پيار، احترام، شفقت ۽ چڱائي جو احساس ئي محسوس ڪيو آهي. اهي سڀ احساس، لکڻين سان گڏوگڏ، انور صاحب جي مزاج جو ب حصو آهن. هن سال، مارچ مهيني ۾ پيڪاڪ پرنٽرس پاران، انور ابڙي جو ڪتاب "اڪيهين صديءَ جو ادب" شايع ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ تقريبن گزريل ويهن سالن دوران سنڌي ۾ شايع ٿيل مختلف ڪتابن مان هڪ سئو ڪتابن بابت مختلف ليک، هن ڪتاب جو حصو آهي. جنهن ۾ هن ڪتاب جي ليکڪ پاران انهن مختلف ڪتابن تي لکيل مهاڳ، اپياس، تبصرا، رايا، فليپ نوٽس ۽ بئڪ ٽائٽل نوٽس شامل آهن. جنهن ۾ شاعري، ڪهاڻين، سفر ناما، ناول، آتم ڪٿائون، سهيڙيل ڪتاب، ترجمو ڪيل ڪتاب ۽ تحقيقي ڪتاب شامل آهن. مون کي هي ڪتاب، هڪ اهڙو باغيچو لڳو، جنهن ۾ هر قسم جو گل موجود آهي. مان، ذاتي طور تي ان خيال جو آهيان تہ هر ڪتاب اهميت وارو آهي، جنهن مان اسان کي سکڻ لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ضرور ملي ٿو. سو، مون جڏهن هي ڪتاب پڙهيو تہ هن ۾ موجود، هڪ سئو ڪتابن مان ڏهہ ڪتاب، منهنجا ب اڳ ۾ پڙهيل هئا، جن بابت وري پڙهي، مون انهن ڪتابن جي خوشبوءِ کي وري محسوس ڪيو. سو، هي ڪتاب، ڪتابن سان پيار ڪندڙن لاءِ هڪ بهترين تحفي کان گهٽ ناهي.

هن ڪتاب ۾ موجود ليک جڏهن پڙهجن ٿا تہ ان مان، مون کي اهو محسوس ٿيو تہ ليکڪ، پاڻ کان سينئرس لاءِ جڏهن لکي ٿو تہ ان ۾ احترام ۽ عقيدت وارو احساس نمايان نظر اچي ٿو، وري جڏهن پاڻ کان جونئيرس لاءِ لکي ٿو تہ ان ۾ شفقت ۽ پيار وارو احساس نمايان نظر اچي ٿو. وري جڏهن پنهنجي هم عمرن لاءِ لکي ٿو تہ ان ۾ بہ عزت وارو احساس، محسوس ڪري سگهجي ٿو.

هي ڪتاب پڙهي، مختلف پڙهندڙ اهو بہ چئي سگهن ٿا تہ هن ڪتاب ۾ موجود لکڻين ۾ ڪٿي ڪنهن تي ڪا بہ تنقيد ناهي ڪئي وئي، ڪا بہ خامي ظاهر ناهي ڪئي وئي. سو، ان حوالي سان، مان اهو چئي سگهان ٿو تہ هر ماڻهو مختلف آهي، ڪو سڀ ڳالهہ جي تلاش ۾ هوندو آهي ڪو وري بري ڳالهہ جي تلاش ۾ هوندو آهي. ڪو ماڻهو اهڙو هوندو آهي، جو هو ننڍڙي پر مثبت ڪوشش کي تمام گهڻو ساراهي، سامهون واري جو حوصلو وڌائيندو آهي. ساڳي وقت ڪو ماڻهو، اهڙو هوندو آهي، جو هو ان چڱائي جي واکاڻ بجاءِ، رڳو خاميون ڪيڏ ۾ پورو هوندو آهي. خير، هن ڪتاب جو ليکڪ بہ انهن ٿورن ماڻهن منجهان آهي، جن وٽ پيار ۽ احترام سواءِ ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي. هونئن بہ هن سماج ۾ اهڙي قسم جي ماڻهن جي تمام گهڻي ڪوٽ ٿيندي پئي وڃي. سو، هي ليک جڏهن پڙهجن ٿا تہ اهو ئي محسوس ٿئي ٿو تہ ليکڪ هنن سيني ليکڪن، سندن ڪتابن ۽ سندن پورهئيي جي تمام گهڻي عزت ڪري ٿو ۽ ڪيس انهن سيني سان پيار آهي.

ڪجهہ، اهڙن جذبن جو اظهار، هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ نالياري ليکڪ نصير مرزا صاحب، ڪجهہ هن طرح ڪري ٿو.

"اسان رڳو ھڪ پيرو ئي 'جي' سگھون ٿا.. جيڪڏھن انھي زندگي کي، اسان 'جي' نٿا سگھون تہ پوءِ بابا، سپ ڪجھ وڃائجي ئي ويندو... تہ ڇا سپ ڪجھ وڃائجي وڃڻ جي خوف کان... پنھنجي ھر تحرير کي انور سھيڙيندو رھي ٿو."

پبلشر نوٽ ۾ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو صاحب، ھن ڪتاب بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ "سياست، علم، ادب، ٻولي، ڊرامن، شاعري وغيره تي تحقيق ڪندڙ عالمن شاعرن، ايم فل ڪندڙ شاگردن لاءِ ھي اٽلي قيمتي مواد ڪنو ڪيو ويو آھي. اوھان ڪنھن بہ ڪتاب جو پيش لفظ، مھاڳ، اپياس پڙھو، دل پئي گھرندي تہ ڃاڻايل ڪتاب ھٿ ڪري وري مڪمل طور پڙھجي ۽ ان تخليقڪار کي دل جي گھراين سان تحسين پيش ڪجي. پنھنجي عالمن، اديبن، شاعرن کي ياد رکڻ جو اھو ناياب نسخو آھي."

ھن ڪتاب ۾ موجود مختلف ليک پڙھجن ٿا تہ ھڪ ئي وقت اسان تاريخ، تحقيق، شاعري، ڪھاڻين، ناولن، سفر نامن، آتم ڪٿائن ۽ سھيڙيل ڪتابن جو سرور محسوس ڪندي نظر اچون ٿا. دل چوي ٿي تہ اھي ڪتاب پڙھجن. ھي ڪتاب پڙھي، ڪتابن سان پيار ويتر وڌي ٿو وڃي.

ھنن ڪتابن تي لکندي، ليکڪ تمام گھريون ۽ دل ۾ لھي ويندڙ ڳالھيون لکي ويو آھي. جيڪي پنھنجي جوھر ۾ وڏي اھميت واريون آھن. منھنجي دل چوي ٿي تہ ھن ڪتاب ۾ موجود انھن مختلف لکڻين مان ڪجھ ڪجھ سٽون ھتي وندِ ڪريان تہ جيئن اسان انھن ڳالھين جو مزو وٺي سگھون.

انور پيرزادي جي ڪتاب "ڀٽائي" جي مھاڳ ۾ ليکڪ لکي ٿو تہ "انور پيرزادو صاحب ڀٽائي سائين جي شاعري، فلسفي،

عشق، سندس پرين، سندس ٻولي، سنڌ جي اينٿروپولاجي، سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ سنڌ جي پراڻي ۽ نئين دور بابت سندن شاعري جي اهميت بيان ڪري ڪين " سنڌ جو سياسي ۽ ثقافتي وحدت الوجود ۽ سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاع " قرار ڏيئي، سندن سوچ جا جيڪي سچ بيان ڪري ٿو، انهن ۾ انور صاحب جي عقيدت ۽ عشق شامل هوندي ب، انهن ۾ هن جو منطق ۽ عقلي ۽ علمي دليل شامل آهن."

گل حسن ڪلمتي جي سفر نامي "برف جو دوزخ" ۾ لکي ٿو ت "اڃوڪي سنڌ ۾ ڪجھ اڻڄا عاشق موجود آهن، جن کي هر وقت سنڌ جي ڳولا هوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجي سنڌ ڳولينديڳولينديڏاڍو پري ب نڪري ويندا آهن."

محمد علي پناڻ جي ڪتاب "ڀگو آرس اکڙين" ۾ لکي ٿو ت "سنڌي شاعري جا ت پنهنجا تيور ۽ پنهنجو حسن آهي. ان جي اڻڄاڻ سڃاڻپ کي ڪنهن خاص تشريح جي ضرورت ان ڪري ب ڪانهي جو اڻڄاڻ شاعري بس پڙهبي يا ٻڌبي آهي، ۽ پوءِ اها پاڻمرادو پڙهندڙن يا ٻڌندڙن کي پنهنجي پاڪر ۾ پکوڙي انهن جي ڳلن تي چميون ڏيندي، انهن جي مئل جذبن کي جيئاريندي، انهن کي جرئت سان جيئڻ جو اتساھ ڏيندي ۽ جي صحيح سمجھندي ت انهن کي "ھڻ پالا وڙھ پاڪرين" جي صلاح ب ڏيندي آهي."

سائين بخش رند جي ڪھاڻين جي ڪتاب، "ڪارو پاڻي" ۾ لکي ٿو ت "سنڌي اخبارن جو صحافي ٻين جون ت وڌيون خبرون ناهيندو آهي، پر جڏهن پاڻ مري ويندو آهي ت اڪثر سنگل ڪالم جي خبر بڻجي ويندو اهي. اڻڄاڻن ڪارڪنن جي درد جو اوجاڳو ڪا اخبار شايع ناهي ڪندي."

مرلي ڏر جي ڪتاب، "اکڙيون ڏيلا من گھايل" ۾ لکي ٿو تہ "سنڌ جو ھر ماڻھو ڏاڍو حساس اھي، پر شاعر تہ فطري طور تي ان کان وڌيڪ حساس ٿئي ٿو."

غوث پيرزادي جي ڪتاب "چيڪي متي" ۾ شھري ۽ ڳوناٽي زندگي بابت ايڏي نہ دل چھنڊڙ ڳالھ لکي اٿس. "صنعتي ۽ شھري زندگي ۾ رشتا ۽ سماجي لاڳاپا اھي ناھن رھندا، جيڪي زرعي سماج ۾ جنم ونندا آھن، تنھن ڪري اسان کي ٻنھي سماجن ۾ جنم ورتل رشتا ۽ سماجي لاڳاپا ٻن انتھائن تي بينل ملن ٿا. غوث جي شاعري ۾ پڻ اھڙي ٽڪراءُ جا اولڙا محسوس ٿين ٿا پر جيڪڏھن شھري زندگي بيوفائي جي نقاب ۾ اوڙھيل آھي تہ ڇا ان کي تياڳي ڇڏجي؟ نہ، اھڙي زندگي ۾ ڳوناٽي سڃائي کي جيئاريندي ٻہ جيئڻ گھرجي، پنھنجا سماجي ۽ ثقافتي قدر سنياليو رکڻ کپن ۽ ڳوناٽي محبت کي ٻہ ساڻ کٽي ھلجي."

انھي ساڳي ڪتاب بابت لکندي لکي ٿو تہ "اسان جي نوجوانن کي محروميون ۽ ڏک ورثي ۾ ملندا پيا اچن، پر ھو پوءِ ٻہ جيئن پيا ۽ پيار کي سلامت رکندا پيا اچن، کين زندگي سان پيار ٻہ آھي، پر ھو پنھنجي پيار کي جيڪا ٻولي ڏين ٿا، اھا اندر جي دنيا ۾ واکا پيدا ڪري ٿي ڇڏي."

سو، اھڙي طرح ھن ڪتاب ۾ الاھي دل چھنڊڙ ۽ ساھ ۾ سانڍڻ جھڙيون ڳالھيون موجود آھن. ھي ڪتاب پڙھندي سنڌ جي تمام وڏن ماڻھن جي ياد ٻہ تازي ٿي وڃي. جنھن ۾ انور پيرزادو، سوپو گيانچنداڻي، شمشيرالحيدري، مقصود گل، رزاق مھر ۽ ٻيا ڪافي نالا شامل آھن.

مان، ھڪ عام پڑھندڙ ۽ ڪتابن سان پيار ڪندڙ جي حيثيت ۾ انور ابڙي صاحب جي هن محنت کي سارهايان ٿو ۽ کين هن محنت جون مبارڪون ٿو ڏيان. منهنجي خيال ۾ هن قسم جا ڪتاب، عام ماڻهن ۾ ڪتاب پڙهڻ، انهن مان پِرائڻ، انهن کي سنيالڻ ۽ انهن تي ڪجھ نہ ڪجھ لکڻ جي سڌي روايت کي عام ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

**

شاھ سنڌ جو ساھ

استاد حيدري جي ڪمال جي شخصيت جو ھڪ وڻندڙ ۽ سگھارو پاسو ھي ب آھي جو پاڻ مسلسل لکندو رھي ٿو. ھي شخص جھڙي طرح وڏيون گھريون ۽ فڪر انگيز ڳالھيون دلچسپ انداز ۾ ڪري ٿو، تھڙو عوامي ۽ عام فھم انداز سندس لکڻين ۾ ب نظر اچي ٿو.

مون ھن وقت حيدري سائين جو ڪتاب، "شاھ سنڌ جو ساھ" پڙھي مڪمل ڪيو آھي. جنھن جو موضوع لطيفيات آھي. جڏھن ت ليڪڪ ان موضوع تي ٻيا ب شاندار ڪتاب لکي چڪو آھي. ان کان اڳ مون سندس آتم ڪٿا "ڳالھيون من اندر جون" پڙھي ھئي، جنھن جو ب پنھنجو رس ۽ چس آھي.

ھن ڪتاب ۾ حيدري سائين، شاھ صاحب جي مختلف سُرن تي مضمون لکيا آھن، اُنھن کي شامل ڪيو ويو آھي. اھي سيئي مضمون پڙھي مون کي اھو احساس ٿيو ت ليڪڪ ڪيڏي نہ سُھٽي نموني شاھ صاحب جي سُرن جي تشريح اڄ جي پسمنظر ۾ ڪئي آھي. ھو شاھ صاحب جي سُرن جي وضاحت ڪندي اڄ جي سماجي حالت کي ب پڙھندڙن اڳيان پيش ڪندو پيو وڃي. سندس مضمونن مان اھا ڳالھ ب واضح ٿي لڳي ت پاڻ شاھ صاحب کي ھڪ رھبر، سماجي سونھون ۽ انقلابي شاعر ۽ مفڪر طور پيش پيو ڪري. اھا ڳالھ ب سندس مضمونن جي سونھن ۾ اضافو ٿي ڪري.

هي ڪتاب پڙهندڙن ۾ اهو احساس ٻرپور نموني پيدا ڪري ٿو تہ شاھ صاحب جي شاعري کي پڙهي ۽ ان کي پنهنجي عملي زندگي جو حصو پڻ بڻائجي. اڄ جي نوجوانن کي خاص طور تي هي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي. لطيف جي پيغام کي عام ماڻهو تائين پهچائڻ ۾ هي ڪتاب مددگار طور ثابت ٿي سگهي ٿو. جو تہ هن ڪتاب ۾ ليکڪ هڪ عوامي ۽ عام فهم انداز ۾ شاھ صاحب جي فڪر کي سمجهائڻ جي ننڍڙي پر سهڻي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن تي کيس جس هجي.

سنجها پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ڪيل هن ڪتاب جو پبلشر نوٽ نواز آريسر ۽ مهاڳ علي ارشد چانڊئي لکيو آهي. جڏهن تہ ڪتاب تي تاثر پروفيسر ادريس جتوئي لکيو آهي.

**

ڪتاب: "سنڌ شناسي" جو مختصر جائزو

مون جڏھن پھريون ڀيرو ايم ايڇ پنھور صاحب جي آتم ڪٿا پڙھي ھئي تہ ان وقت کان مون کي پنھور صاحب جي شخصيت وڻي ٿي. رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ۽ لڇمڻ ڪومل صاحب جي آتم ڪٿائن کان پوءِ جيڪڏھن مون کي ڪا آتم ڪٿا بيحد وڻي ھئي تہ سا ايم ايڇ پنھور صاحب جي آھي. جنھن جو سنڌي ترجمو ڇپيل آھي جيڪو سائين حاڪم علي شاھ بخاري صاحب ڪيو آھي.

ڪجھ ڏينھن اڳ سندس شاندار ڪتاب "سنڌ شناسي" جو مطالعو مڪمل ڪيم. ھن ڪتاب ۾ سنڌ جي بي لوث خدمتگار، زرعي ماھر ۽ تاريخدان محترم ايم ايڇ پنھور جون سنڌ جي تاريخ، قديم آثار، جاگرافي، سماجيات، سياست، اقتصاديات، زراعت، آبپاشي، ماحوليات، ادب، مشھور شخصيتن جا پروفائلز ۽ سندن يادگار تقريرون سميت ٻيون ناياب لکڻيون شامل آھن. جيڪي پڙھڻ کان پوءِ سنڌ کي تاريخي طور سمجھڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ گڏوگڏ سنڌ سان پيار جو احساس ٻہ وڌي ٿو.

سنڌ جو ناميارو ليکڪ ۽ استاد محترم غلام محمد لاکو صاحب ھن ڪتاب جو مرتب آھي. جنھن ايم ايڇ پنھور صاحب جي سنڌ جي موضوع تي لکيل مختلف لکڻين کي ڏاڍي پيار سان سھيڙي پڙھندڙن تائين پھچايو آھي. ھن ڪتاب ۾ موجود ڪافي لکڻين جو ترجمو ٻہ غلام محمد لاکي صاحب ڪيو آھي. جڏھن تہ ڪجھ لکڻين جو ترجمو سائين عطامحمد پنيري صاحب ڪيو آھي.

هن ڪتاب کي ڇهن پاڻن ۾ ورهايو ويو آهي جنهن جي آخري پاڻي ۾ ايم ايڇ پنهور صاحب جا چار يادگار انٽرويو ڏنا ويا آهن. جن ۾ هو پڇيل سوالن جا وڏي بيباڪي سان جواب ڏيندي ۽ سنڌ جي مختلف سياسي ۽ ادبي شخصيتن بابت پنهنجو واضح موقف ڏيندي نظر اچي ٿو.

ان کان علاوه هن ڪتاب ۾ ايم ايڇ پنهور جا مختلف ڪتابن لاءِ لکيل مهاڳ ۽ تبصرا به شامل آهن جن جو موضوع به سنڌ آهي.

هن ڪتاب جو تفصيلي مهاڳ به غلام محمد لاکي صاحب جو لکيل آهي. هي تاريخي ڪتاب پيڪاڪ پبلشرز ڪراچي پاران شايع ڪيو ويو آهي.

**

دِست بن

ڪجھ ڏينھن اڳ منھنجي مُحسن غلام نبي سومرو، مونکي ھڪ ڪتاب موڪليو. جيڪو ڪتاب اھڙين تہ خوبصورت لکڻين سان پريل آھي جو ھڪ ئي ساھي ۾ پڙھي پورو ڪيومانس. ڪتاب جو نالو روايتي نالن کان ھٽيل آھي ۽ جنھن ۾ ليک بہ روايتن کان ھٽيل ۽ اعليٰ قسم جا آھن ۽ ھن ڪتاب جو ليکڪ بہ روايتي ليکڪ ناھي. ڪتاب جو نالو آھي.

"دِست بن" ۽ ھن جو ليکڪ آھي محترم اڪبر سومرو.

اڪبر سومرو جيڪو وڏي مھارت سان پنھنجي لکڻين ۾ انگريزي جا لفظ استعمال ڪندو آھي. ان جو ھي ڪتاب يادگيرين، مقالن ۽ تقريرن تي مشتمل آھي، جيڪي ھن مختلف جڳھن تي پيش ڪيون آھن. اڪبر سومرو جنھن جي لاءِ عبدالقادر جوٽيجي چيو آھي تہ "اسان جا ڪيترائي دوست ڪجھ شعر، ڪھاڻيون يا ڪجھ جذباتي مضمون لکڻ کان پوءِ ٻي ڪنھن فيلڊ کي چارمنگ ڏسي ھليا ويندا آھن يا تہ وري ادبي يا ثقافتي ميڙ رچائي يا رَچيل ميڙن ۾ شرڪت ڪري پنھنجي شڪل ڏيکارڻ واري ڏنڊي ۾ لڳي ويندا آھن. استيجن تان رڳو شڪل جنم ونندي آھي ۽ ادب جنم نہ ونندو آھي. ادب تہ ماڻھن ۾ رُلڻ ۽ ڏکا ڪائڻ کان پوءِ ڪنڌ ۾ ويھي تخليق ڪبو آھي. اسان جو دوست اڪبر سومرو انھي شڪل ڏيکارڻ واري بيماري کان بچيل آھي ۽ ادب جي اصل بيماري ۾ ورتل آھي. ھو عقل کل بٽجي ٻين کي سيکارڻ جي بدران پاڻ ٻين کان سکڻ جي چکر ۾ رھندو آھي. اڪبر سومري کي ڪنھن بہ ٽُپي جي ضرورت نہ آھي".

هن ڪتاب ۾ ليکڪ "سنڌ جي تهذيب ۽ سرحدون" ڪَچونءَ جي پُڻي تي رکيل دنيا، "دل پڑوسی ہے مگر میرا طرفدار نہیں".

مونکي ماءِ مجاز جا اکين ۾ انبور" "ڪيسو ڦلن جي بارش" جهڙن خوبصورت 42 ٽاپڪس جي هيٺ مختلف موضوعن تي لکيو آهي. هي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ليکڪ جي انگريزي ڪتابن جا حوالا ڏين واري عادت مون کي زبردست لڳي. ان سان هڪ ته ليکڪ جو وسيع مطالعو ظاهر ٿئي ٿو ۽ ٻيو ته اسان جهڙن گهٽ علم وارن ماڻهن کي اهي ڪتاب پڙهڻ لاءِ اتساهه ملي ٿو ۽ انهن ڪتابن جا نالا به اسان جي سامهون اچي ٿا وڃن.

هن ڪتاب ۾ هڪ هنڌ اڪبر لکي ٿو: "ليکڪ" ۽ "عورت" ٻنهي جي طبيعت ۽ عادتن ۾ هڪجهڙائي هوندي آهي، ٻنهي ۾ تخليق جا خزانا لڪِل هوندا آهن. عورت کي پيار ڪرڻ وارو مرد ۽ ليکڪ کي اڪيلو ڪمرو، خاموشي ۽ ماحول جي ضرورت هوندي آهي" سو اڪبر سومرو هڪ خوبصورت عورت وانگر هڪ خوبصورت ليکڪ آهي جنهن جي شاهدي هي ڪتاب آهي هن ڪتاب ۾ اڪبر مختلف وڏين شخصيتن جا مختلف ڪم ۽ واقعا به شيئر ڪيا آهن. جن ۾ نبي ڪريم ﷺ، لطيف سائين، جي ايم سيد، ابراهيم جويو، شيخ اياز، ذوالفقار علي ڀٽو، بينظير ڀٽو، عبدالواحد آريسر، ارن ڌتي راءِ، اوريانا فلاسي، آسڪروائلڈ کان وٺي حسن درس تائين شامل آهن. هن ڪتاب ۾ "ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا" جي عنوان سان سائين محمد ابراهيم جويي تي به هڪ خوبصورت ليک شامل آهي. ليکڪ اهڙي ته پُر اثر انداز ۾ پنهنجا (Experiences) شيئر ڪيا آهن جو پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ ڪڍي هلي

ٿو. "سڄ جي ڏيءَ" جي نالي سان اڪبر، محترمہ بينظير ڀٽو کي Tribute ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ اڪبر پنهنجي ماضي جي قصن، دوستن ۽ يادگيرين کي بہ خوبصورت نموني پيش ڪيو آهي. هن ڪتاب کي پڙهڻ کان پوءِ مونکي اهو Feel ٿيو آهي تہ اڪبر رومانس، عاشقي، آوارگي، ديوانگي، ڏک سک، خوبصورتي، بيوقوفي، رُلڻ، گهمڻ، پڙهڻ، ڪائڻ پيئڻ، مدهوشي، مستي، سائنس، آرٽ ۽ ڪرافٽ، مذهب دين مطلب تہ هر موضوع تي لکيو آهي.

اڪبر جا هن کان اڳ ڊائري جا پنا، ناول ۽ ڪهاڻين جا مختلف ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. اڪبر خوبصورت شاعري بہ ڪئي آهي. پر هي ڪتاب هڪ مختلف ۽ منفرد تخليق آهي. هن ڪتاب ۾ اڪبر فڪشن/نان فڪشن جي مختلف پهلوئن کي Touch ڪيو آهي. هي ڪتاب فڪشن هائوس پاران ڇپايو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ جيتريون خوبصورت لکڻيون آهن اوتروئي خوبصورت هي ڇپيل آهي. منهنجي سيني Sober پڙهندڙن کي صلاح آهي تہ هي ڪتاب ضرور خريد ڪيو، پاڻ بہ پڙهو ۽ دوستن کي بہ پڙهايو. توهان جي لائبريري ۾ هي هڪ سهڻو ۽ لاجواب اضافو هوندو.

**

سنڌ جي ڏاهپ کان انٽرويو

سياست، اسان تي شخصي توڙي سماجي طور تي اثر انداز ٿئي ٿي. هر ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ سياست ضرور ڪري ٿو ۽ منهنجو اهو يقين آهي تہ عوام دوست سياست ئي اسان جي مسئلن جو حل آهي. اها ٻي ڳالھ آهي تہ اڄ جي رڳو ڪرسي حاصل ڪرڻ واري سياست عام ماڻهو جي نظر ۾ نڳي ۽ هڪ سياستدان ڪنهن نڳ کان گهٽ ناهي، جيڪا ڳالھ ڪنهن حد تائين حقيقت ۾ آهي. مان جڏهن همسفر گاڏهي صاحب جو ڪتاب "سنڌ جي ڏاهپ کان انٽرويو" پڙهان ٿو تہ ڪتاب جي پڙهڻ سان گڏ ذهن تي سنڌ جي سياست ۾ گڏ گڏ هلندي ٿي رهي. جيئن ئي ڪتاب جا ورق ورائي فهرست ڏسون ٿا تہ سچ تہ اهو ٿو محسوس ٿئي تہ هي سنڌ جي وڏن ذهنن جا انٽرويو آهن، هي سنڌ جي تاريخ جا انٽرويو آهن. سو منهنجي خيال ۾ هن ڪتاب جي تاريخي ۽ سياسي حوالي سان تمام گهڻي اهميت آهي.

هن ڪتاب ۾ ٽوٽل 26 انٽرويوز شامل آهن جن جي شروعات سائين جي ايم سيد جي انٽرويو سان ٿئي ٿي. هن ڪتاب ۾ جتي پليجي صاحب، شيخ اياز، امر جليل، سوپي گيانچنداڻي جا انٽرويو آهن، اتي عبدالقادر جوڻيجي، شمشيرالحيدري ۽ مهتاب اڪبر راشدي جا انٽرويو ۾ آهن. انٽرويو تہ سڀ ڪمال جا آهن پر مون کي عبدلواحد آريسر، سراج، علي احمد بروهي، ڊاڪٽر اياز قادري، ايم ايڇ پنهور، شيخ عزيز، انيتا غلام علي، نجم عباسي، آغا سليم ۽ علي بابا جا انٽرويو بيحد وڻيا.

هي ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن آهي، جيڪو پيڪاڪ پبلشر پاران شايع ڪيو ويو آهي، جنهن جو مهاڳ شيخ عزيز صاحب لکيو آهي ۽ پهرئين ايڊيشن جو مهاڳ علي احمد بروهي صاحب لکيو هو، جيڪو پڻ هن ڪتاب جو حصو آهي.

هن ڪتاب ۾ شامل هر انٽرويو ۾ انٽرويو ونندڙن سوالن جي چونڊ ايڏي پرپور نموني سان ڪئي آهي جو ان ۾ سياست، تاريخ، ادب، ادارا، تعليم، زراعت، آرٽ ۽ فن سميت ڪافي موضوع بحث هيٺ اچن ٿا ۽ انٽرويو ڏيندڙ انهن سوالن جا پرمعز جواب ٻڌين ٿا

انهن سڀني انٽرويوز ۾ تقريبن سنڌ جي ڏاهپ اهو اعتراف ڪندي رهي ته سنڌ جي سياست تباهه آهي، سنڌ جي تعليم تباهه آهي، سنڌي ادب عالمي معيار جو ناهي، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو تباهه آهي، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن تباهه آهي، ثقافت ڪاتو تباهه آهي، سنڌي ادبي بورڊ تباهه آهي، سنڌيالاجي تباهه آهي، سنڌ يونيورسٽي تباهه آهي، صحت تباهه آهي، ٻولي خطري ۾ آهي، زراعت تباهه آهي، پاڻي جي صورتحال تباهه آهي، سنڌ هن وقت سياسي، ادبي، علمي، عملي ۽ فڪري بحران مان گذري رهي آهي وغيره وغيره..... سوچيان ٿو ته ڇا هر تباهي ۽ بُرائي جو ٺيڪو سنڌ ڪنيو آ ڇا؟؟!!

هي انٽرويو لڳ ڀڳ 30 سال اڳي جا ورتل آهن، اُن وقت ۾ هي سڀ تباهيون هيون ۽ اڄ ٻڌسون ٿا ته اسان جي حالت ساڳي يا ويتر تباهي طرف آهي. آخر اهو سڀ ڇو آهي؟؟ اِهو هڪ وڏو سوال آهي جنهن تي سماجي سائنسدانن کي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

هنن انٽرويوز پڙهڻ سان اهو به محسوس ڪري سگهجي ٿو ته سندڪ جي ڏاهپ ڪنهن هڪ نقطي تي به پاڻ ۾ متفق ناهي. جيڪو عملي طور اسان ڏسون پيا ته اسان ڪنهن به پارٽي يا تحريڪ ۾ پنج ڏينهن گڏ هلي پوءِ وري ڏڻن ۾ ورهائجي ٽا وڃون.... اهو به هڪ اهم ۽ سوچڻ جهڙو سوال آهي.

هنن انٽرويوز جا سال به ڏنل آهن ته هي انٽرويو ڪهڙي سال ۾ ورتل آهن پر پوءِ به ڪجهه انٽرويوز ۾ سال ناهي ڏنل ته هي انٽرويو ڪڏهن ورتا ويا. سو ان ڳالهه جو خيال رکجي ها ته بهتر هو.

هن ڪتاب ۾ موجود ڪجهه انٽرويو ته همسفر گاڏهي اڪيلي ورتا آهن پر گهڻن انٽرويوز ۾ ساڻس ٻيا دوست به گڏ آهن. ان ڪري بهتر ائين ٿئي ها جو سوال جي جڳهه تي ان سوال ڪندڙ جو نالو ڏجي ها ته اِها خبر پوي ها ته ڪهڙو سوال ڪنهن ڪيو آهي. انهن سوالن مان سوال پڇندڙ جي فڪر ۽ سوچ جي خبر پوي ها. جڏهن ته ڪتاب ۾ رڳو سوال لکيا آهي ۽ سوال ڪندڙ جو نالو ناهي.

هن ڪتاب ۾ هي به ڏاڍي سٺي ڳالهه آهي جو هر انٽرويو کان پهرين ليکڪ پاران ان شخصيت جو پروفائل به جامع انداز ۾ ڏنل آهي. جيڪا پڙهندڙن جي دلچسپي کي ويتر وڌائي ٿي.

ڪتاب ۾ سندڪ جي ڏاهپ ۾ مردن سان گڏ عورتن کي به جڳهه ڏني وئي جنهن جون هو حقدار آهن. اهو به ڪتاب جي سونهن ۾ اضافي آهي.

هي ڪتاب نون صحافين ۽ انٽرويو ونندڙ نوجوانن لاءِ گائيڊ طور استعمال ٿي سگهي ٿو ۽ ان کانسواءِ سياست ۽ تاريخ

سان دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ بہ نهايت اهميت وارو آهي. همسفر صاحب تي هن محنت تي مبارکون ۽ جس هجي.

**

قيد ڪشالا زندگي
(آتم ڪٿا)

هن ڪتاب جي نالي مان ئي لڳي پيو تہ هي هڪ فرد جي مسلسل جدوجهد، محرومين، زندگي جي لاڙهن چاڙهن، سُکن ۽ ڏُکن جو داستان آهي. جڏهن ڪو فرد زندگي جي مختلف مرحلن مان گذري، ڏُکائين مان پار پئي اڳتي وڌي ٿو تہ پوءِ هو هڪ عام فرد نٿو رهي بلڪ اُهو فرد هڪ شخصيت ۾ تبديل ٿي ٿو وڃي. اها شخصيت ٻين لاءِ هڪ مثال ۽ اتساھ جو سبب بڻجي ٿي پوي. وري جڏهن اها شخصيت پنهنجي زندگي جي ڪهاڻي دلچسپ آتم ڪٿا جي صورت ۾ لکي پڙهندڙن تائين پهچائي تہ پوءِ ڪهاڻي تاريخ جو حصو ٿي وڃي ٿي.

اهڙو ئي فرد سائين الهورايو بهڻ بہ آهي جنهن پنهنجي زندگي جي ڪهاڻي "قيد ڪشالا زندگي" جي نالي سان لکي ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن جي سامهون آندي آهي. هن ڪتاب ۾ ليکڪ پنهنجي ابالي ٻاروتڻ کان هن وقت تائين جون يادون ڏاڍي اتساهيندڙ انداز ۾ بيان ڪيون آهن. هڪ ٻار قيد ۾ ڪهڙي طرح مختلف پيڙائن مان گذري ٿو. اهو ڏاڍي سچائي سان بيان ڪيل آهي. ليکڪ علم جي تلاش ۾ جيڪي ڪوششون ڪيون سي بہ اڄ جو نوجوان پڙهي اهو سمجهي سگهي ٿو تہ علم جي ڪيڏي اهميت آهي ۽ اهو علم ئي آهي جيڪو انسان کي فضيلت ڀري

زندگي گذارڻ جو گس ڏسي ٿو. ان کان سواءِ ليکڪ ميرپورخاص شهر جو ذکر ٻه ڏاڍي دلچسپ انداز ۾ ڪري ٿو.

ليکڪ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ سنڌي سماج جو بهترين تجزيو ڪيو آهي جنهن ۾ هو پاڻ سان لاڳاپيل مختلف شخصيتن تي ٻه لکي ٿو. ائين ڪٽي چئجي تہ انهن شخصيتن جا مختصر خاڪا لکي ويو آهي. جيڪي ٻه وڏي اهميت وارا آهن. ليکڪ پاڻ تعليم ڪاتي ۾ استاد هو تہ هن اسان جي تعليمي صورتحال سان ٻه سٺي نموني روشني وڌي آهي.

هي ڪتاب نارا ريسرچ ائنڊ پبلشنگ آرگنائيزيشن پاران شايع ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ محمد عمر چنڊ، استاد لغاري ۽ امر لغاري جا ليکڪ بابت رايا شامل آهن. ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل تي خورشيد قائمخاني صاحب جو نوٽ لکيل آهي. ڪتاب ۾ ليکڪ جون نايابَ تصويرون ٻه شامل ڪيون ويون آهن. آتم ڪٿائن سان دلچسپي رکندڙ دوستن کي هي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي.

**

دل ڇھندڙ آتم ڪٿا
(دارون ۽ ڪارون)

منھنجي سامھون جڏھن بہ ڪو آتم ڪٿا جو ڪتاب ايندو آھي تہ ان وقت مون کي علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جي اھا ڳالھ ذھن تي تري ايندي آھي تہ ھر شخص کي پنھنجي آتم ڪٿا لکڻ گھرجي. ان سان ادب ۽ ٻولي ۾ بہ واڌارو ٿيندو ۽ اھي ڳالھيون تاريخ جو بہ حصو ٿي ويندیون. جيڪي اڳتي ھلي اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ رھنمائي، اتساھ ۽ دلچسپي جو سبب بڻجنديون. تنھن ڪري مان مختلف وقتن تي مختلف دوستن سان ان ڳالھ جو ذڪر ڪندو رھندو آھيان تہ پنھنجن يادن کي لکت جي صورت ۾ محفوظ ڪندا رھو، جيئن اُھي وقت سر ڪم اچي سگھن. ھونئن بہ يادون زندگي جو قيمتي سرمايو ھونديون آھن.

ھن وقت منھنجي ھٿن ۾ بہ ھڪ يادگار ۽ دل ڇھندڙ آتم ڪھاڻي جو ڪتاب آھي. جيڪو صحافت جي تمام وڏي نالي شيخ عزيز صاحب جو آھي. "دارون ۽ ڪارون" جي نالي سان ھي آتم ڪھاڻي پيڪاڪ پبلشرز پاران شايع ڪئي وئي آھي. افسوس تہ ھي آتم ڪھاڻي شيخ عزيز صاحب جي زندگي ۾ ڇپجي نہ سگھي. سندس ڪھاڻي، سندس وفات جي ڪجھ مھينن کان پوءِ شايع ٿي، پڙھندڙن جي ھٿن تائين پھتي آھي.

ھن آتم ڪھاڻي ۾ شيخ عزيز صاحب نھايت ئي دلچسپ انداز ۽ وڏي بيباڪي جو مظاھرو ڪندو، ڪافي حقيقتون سامھون

آندیون آھن. ان حوالي ھو پاڻ بہ لکي ٿو تہ مون جیکي ڳالھیون جیئن آھن، تیئن لکڻ جي کوشش کئي آھي ۽ ان ۾ کو بہ وڌاءُ ناھي کیو.

شیخ عزیز صاحب پنھنجي کھاڻي جي شروعات روایتي انداز وانگر ننڍپڻ کان نٿو کري پر ھي پنھنجي کھاڻي حیدرآباد شھر جي یادن سان شروع ٿو کري. ان ۾ ھي ورھاڱي دوران آزادي ۽ لڏپلاڻ تي بہ لکي ٿو. ھي جڏھن حیدرآباد جي مختلف جڳھن ۽ انھن جي تاریخي پسمنظر بابت لکي ٿو تہ ائین ٿو محسوس ٿئي تہ ھن کي حیدرآباد جي شھر سان وڏي انسیت آھي.

ان سان گڏوگڏ پاڻ پنھنجي صحافتي کم جي حوالي سان تمام گھٹو لکیو اٿس، جنھن ۾ عبرت اخبار جي شروعاتي دور کان ویندي انگریزي اخبار ڈان ۾ پنھنجي صحافتي کم ۽ لاڙھن چاڙھن جو ذکر کري ٿو.

سندس ڳالھین ۽ بیان کیل قصن مان ان ڳالھہ کي شدت سان محسوس کري سگھجي ٿو تہ کیس صحافت ۽ لکڻ پڑھڻ جو شوق جنون جي حد تائین ھو. ان دوران سندس ٻولي ۽ لکڻین ٻین صحافین ۽ لیکارین لاءِ گائیڈ طور کم اچن ٿیون.

پاڻ کجھہ وقت سنڌ یونیورسٽي جي ماس کمیونیکیشن شعبي ۾ جرنلزم جا استاد بہ رھیا، ان وقت جي یادن کي بہ تمام سھڻي نموني پنھنجي کھاڻي جو حصو بڻایو اٿن. ان مان لڳي ٿو تہ پاڻ سڻا استاد پڻ ھئا.

مزي جي ڳالھہ تہ شیخ عزیز صاحب کي موسیقي سان نہ رڳو بیحد لڳاءُ ھو پر پاڻ موسیقي جو وڏو ڄاڻو بہ ھو. پنھنجي کھاڻي ۾ لکي ٿو تہ موسیقي جي ڄاڻ ھجڻ کري ساڻس رئیس کریم

نظاماڻي ملڻ آيو ۽ ان کان پوءِ هنن جي وچ ۾ تمام گھٽا ڪچهرين ۽ پيئڻ جا دور هلندا هئا. انهي ڪچهرين دوران ڳالهين جي اهميت کي سمجهندي شيخ عزيز، ڪريم بخش نظاماڻي صاحب کي آتم ڪٿا لکڻ جو چيو. نظاماڻي صاحب ان دوستاڻي هجت جي موٽ "ڪيئي ڪتاب" جي صورت ۾ ڏني، جيڪا هڪ شاهڪار آتم ڪٿا آهي. ڏسجي ته ان عظيم ڪم پويان به شيخ عزيز جي اها صلاح هئي جنهن تي عمل ڪري نظاماڻي صاحب اها ڪٿا لکي.

هن ڪتاب جو بئڪ ٽائيٽل مهتاب اڪبر راشدي لکيو آهي. جنهن ۾ هو لکي ٿي ته "سندس زندگي به ڪليل ڪتاب جيان هئي جيڪا ڪنهن کان به ڍڪيل ڪو نه هئي. ان جي باوجود به هن شخص سچائي سان پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي زندگي جي حالات کي کولي پڌرو ڪيو آهي. جيڪا تمام دليري جي ڳالهه آهي. شيخ عزيز جو هي ڪتاب فقط آتم ڪهاڻي ناهي بلڪ ڪيترن ئي موضوعن تي مشتمل هڪ دور جي سياسي، سماجي ۽ صحافتي تاريخ پڻ آهي. جنهن جي اهميت الڳ آهي.

هي ڪتاب پڙهندي مون کي هڪ ڳالهه جو افسوس ٿيو ته هن ڪتاب ۾ پروف جون تمام گھڻيون غلطيون آهن. جيڪي درست ڪيون وڃن ها ته بهتر هو. ڇو ته شيخ عزيز صاحب پاڻ ڪمال جو ايڊيٽر هو ۽ هو هولي جي سونهن جو تمام گھڻو خيال رکندو رهو.

هي ڪتاب شيخ عزيز صاحب جي فرزند طارق عزيز ڇپرايو آهي. هن ڪتاب جي حوالي سان ان جو ليک به ڪتاب جو حصو آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ نالياري صحافي همسفر گاڏهي لکيو آهي. جيڪو "زندگي ڏک آهي" جي عنوان سان هن ڪتاب ۾ شامل

آهي. ان ۾ هي لکي ٿو ته "سچ ته شيخ عزيز جي هي آٿو بايوگرافي سڃي زندگي جي پيار جو پورهيو آهي، جنهن ۾ هن بنا ڪنهن ملاوٽ جي واقعن ۽ مشاهدن کي بيان ڪيو آهي. ليڪڪ درياه نه بلڪه سمنڊ کي ڪمال مهارت سان ڪوزي ۾ بند ڪري ڏيکاريو آهي. هڪ لحاظ کان هي ڪتاب سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تاريخ پڻ آهي، جنهن مان اميد ته پڙهندڙن کي تمام گهڻو لاڀ ملندو."

**

تاريخي ۽ ادبي حوالي سان هڪ اهم ڪتاب

عجيب اتفاق آهي جو گذريل ٻن مهينن ۾ منهنجي مطالعي مان ٻه اهڙا ڪتاب گذريا آهن، جيڪي مختلف شخصيتن جي انٽرويوز تي مشتمل آهن. اِن حوالي سان پهريون ڪتاب، همسفر گاڏهي صاحب جو "سنڌ جي ڏاهپ کان انٽرويو" هو، جيڪو آئون ايڄا پڙهي ئي رهيو تہ ان دوران محترم سائين مرتضيٰ سيال صاحب، منهنجي ننڍڙي دعوت تي قُرب جا قدم پري اسان جي ڳوٺ ڪڇري تي، پياري دوست واحد پارس هيسباڻي صاحب سان گڏ آيو. سائين وارن سان ڪڇري ٻه يادگار رهي ۽ اِهي سائين جون محبتون آهن، جو پاڻ منهنجي مطالعي لاءِ پنهنجا خوبصورت ڪتاب ڏئي ويا. انهن ڪتابن مان ٻه هڪ ڪتاب انٽرويوز تي مشتمل آهي. جنهن جو نالو "سنڌ جي ساجاھ کان سوال" آهي. مون هي ڪتاب جڏهن پڙهي مڪمل ڪيو تہ منهنجي دل چيو تہ هن ڪتاب تي پنهنجو رايو ضرور لکان. هونئن ٻه مون کي جيڪو ڪتاب سُنو لڳندو آهي، ان تي ٻه چار اکر لکندو آهيان.

هن خوبصورت ڪتاب ۾ ڏهن مختلف علمي ادبي شخصيتن جا انٽرويوز شامل آهن. جن ۾ شروعات امر جليل جي انٽرويو سان ٿيل آهي. جيڪا پڙهندڙ جي دلچسپي وڌائڻ جو سبب آهي. ڇو تہ امر جليل صاحب ڪافي وقت کان سنڌ جي خاص طور تي نوجوانن جو آئيڊيل رهندو آيو آهي. ان کان سواءِ تنوير عباسي، عبدالقادر جوٹيجو، مظهر الحق صديقي، امداد حسيني ۽ سحر امداد، عزيز گوپانگ، ٻانهو خان شيخ، حليم باغي ۽ رسول بخش

درس جا انٽرويو هن ڪتاب جو حصو آهن. هي سمورا دلچسپ ۽ يادگار انٽرويو مرتضيٰ سيال صاحب مختلف وقتن تي ورتا آهن، جڏهن پاڻ عبرت مئگزين جا ايڊيٽر هئا. هي انٽرويو سندڙ جي ادبي حوالي سان تمام وڏي اهميت وارا آهن.

هن ڪتاب جي بئڪ ٽائيٽل تي مرتضيٰ سيال بابت نالياري ليکڪ عبدالقادر جوٽيجي جو رايو ڏنل آهي. جڏهن مون اهو رايو پڙهيو تہ جوٽيجي صاحب جا لفظ، مون کي منهنجي احساسن جي ترجماني ڪندي محسوس ٿيا. پاڻ لکي ٿو تہ "ڪي ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي جڏهن پهريون ڀيرو ملندا آهن تہ لڳندو آهي تہ ساڻن اڳ ۾ ٻہ ڪيترين ئي ملاقاتون ٿيل آهن، مرتضيٰ سيال ٻہ هڪ اهڙو ئي ماڻهو آهي. مرتضيٰ سيال کي اهو ئي نظر انداز ڪندو آهي، جنهن جي اک جو پاڻي مئل هوندو آهي. مرتضيٰ صاحب سان منهنجي ٻہ جڏهن پهرين ملاقات ٿي تہ ائين محسوس ٿيو تہ اسان جون اڳ ۾ ئي ڪيترين ئي ملاقاتون ٿيل آهن. اِهو يقينن سندس شخصيت جو ڪمال آهي. جيڪو هر ماڻهو وٽ ناهي هوندو.

هن ڪتاب جي فليپ تي نامياري صحافي سهيل سانگي جو ٻہ رايو ڏنل آهي. جنهن ۾ سانگي صاحب لکي ٿو تہ "صحافي طور ميدان ۾ آيل مرتضيٰ سيال مختلف دورن ۾ مختلف انٽرويوز ونندو رهيو. هو ان دوران مختلف شعبن ۽ شخصيتن جو ٻہ گهرائي سان اپياس ڪندو رهيو. ماڻهو ڪيئن ڀالهائين ٿا. انٽرويو ۾ رسمي طور پاڻ کي ڪيئن بيهارين ٿا؟ هن اهو سڀ ڪجهہ غور سان ڏٺو. پوءِ ڪيس خبر پئي تہ رڳو انٽرويو ونڊ نہ پر انٽرويو ڏيڊ ٻہ آرٽ آهي. هن جڏهن انهن ٻنهي پاسن تي مهارت

حاصل ڪري ورتي تہ ڪيس پبلڪ رليشن جي ڪيتر ۾ ٽپي پوڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي نہ ٿي. ھاڻي ھو ماضي جو صحافي ۽ اڄ جي دور جو پبلڪ رليشن جو ڄاڻو آھي. "

ھن ڪتاب جو مھاڳ، امداد سومري صاحب لکيو آھي. جنھن ۾ ھو ھڪ ھنڌ لکي ٿو تہ" مرتضيٰ ھي انٽرويو 90ع واري ڏھاڪي ۾ ڪيا آھن ۽ انھن کي ڇپرائي محفوظ ڪري ڇڏيو آھي. ھن ڪتاب ۾ شامل ليکڪن کي سمجھڻ ۽ ان وقت سندن سوچن متعلق پروڙڻ جي حوالي کان اسڪينر جو ڪم ڏئي سگھي ٿو. "

اھا واقعي حقيقت آھي تہ ھي انٽرويو انھن ليکڪن جي سوچ کي سمجھڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا پر ھي انٽرويو، انھن شخصيتن جي سوانح عمري جو مختصر پر جامع حصو بہ آھن.

امر جليل جي انٽرويو ۾ ھن کان سنڌي ڪھاڻي، ناول ۽ ٿيٽر بابت ڏاڍا ڪارائتا سوال پڇيل آھن. ان وقت امر جليل، اسلام آباد ۾ رھندو ھو. امر جليل انھن سوالن جا جواب بہ سندس مخصوص ۽ وٽندڙ انداز ۾ ڏينديِ نظر اچي ٿو. اھڙي طرح تنوير عباسي صاحب کان شاعري، تحقيق ۽ تنقيد بابت ڏاڍي معلوماتي ڪچھري ٿيل آھي. عبدالقادر جوٽيجي صاحب پنھنجي ننڍپڻ جو حال احوال ڏيندي، ماضي جي خوبصورت يادن ۾ ھليو ٿو وڃي ۽ پنھنجي ننڍپڻ بابت ڏاڍي معصومانہ گفتگو ڪندي نظر اچي ٿو. سنڌي ڊرامي، ڪھاڻي ۽ سنڌي ڪتابن تي بہ جوٽيجي صاحب جون ڳالھيون پڙھڻ جھڙيون آھن. مظھر الحق صديقي صاحب کان ان وقت انٽرويو ورتل آھي، جڏھن ھو ٻئي ٽينيوئر ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر طور خدمتون سرانجام ڏئي رھيو ھو. صديقي صاحب کان سنڌ يونيورسٽي جي مختلف اشوز تي

ڏاڍا سڻا سوال ٿيل آھن. جن ۾ داخلا پاليسي، امتحان جو طريقيڪار، استادن جون مقرريون، ملازمن جون يونينون، يونيورسٽي جو تعليمي معيار، سياسي مداخلت وغيره تي بحث ٿيل آھي. امداد حسيني ۽ سحر امداد کان گڏ انٽرويو ورتو ويو آھي، جنھن ۾ سندن نندپڻ جي يادن کان ويندي، ھن وقت تائين جي حوالي سان سندن ذاتي ۽ ادبي حوالي سان سوال ٿيل آھن. جيئن تہ ھي ٻئي شاعري سان وابستہ آھن، سو ھن گفتگو جو محور شاعري ئي آھي. ان کان پوءِ نامياري شاعر ۽ نثر نگار عزيز گوپانگ جو انٽرويو آھي. جيڪو ھڪ باضابطہ انٽرويو گھٽ پر ٻن دوستن جي ھڪ يادگار ڪچھري آھي. جنھن ۾ زندگي، حُسن، عشق، گُل، شاعري، ادب، عورت، ياد، پيار، خوبصورتي، خوشبوءِ، سونھن، آزادي، دِل، دماغ، دنيا، حساب ڪتاب، عبادت، فرسٽريشن، بُک، بيروزگاري، نند، خواب، سياست، رُسڻ، پرچڻ، عقل، موت سميت ٻين انيڪ موضوعن تي دل کولي ڳالھايو ويو آھي. ٻانھي خان شيخ صاحب کان سندس ڄڻائي سائين تي ڪيل ڪم جي حوالي سان ڪچھري ڪئي وئي آھي. حليم باغي کان شاعري، سياست، سنڌ يونيورسٽي جون يادون، استاد جي حيثيت ۾ تعليم جي معيار تي سوال ٿيل آھن. جنھن جو جواب بہ باغي ڀرپور ڏنا آھن. آخر ۾ نامياري ڪھاڻيڪار، موسيقي جي ڄاڻو، خاڪا نويس ۽ استاد محترم رسول بخش درس جو انٽرويو آھي. جنھن ۾ ساڻس سنڌي ڪھاڻي ۽ سندس پاران لکيل مختلف لکل ھيرن تي لکيل پروفائيلز جي حوالي سان گفتگو ملي ٿي. جيڪا يقينن پڙھندڙن لاءِ دلچسپي جو ڪارڻ آھي.

هنن انترويوز ۾ هر انترويو جي آخر ۾ ان جو سال ۽ ڏنل آهي ته اهو انترويو ڪڏهن ورتو ويو؟ انترويوز ۾ ڪافي پينل انترويو آهن. جنهن ۾ شامل دوستن جا نالا ۽ هر انترويو جي آخر ۾ ڏنل آهن. اڃا وڌيڪ پلو ٿئي ها، جيڪڏهن سوال جي جڳهه تي سوال پڇندڙ جو نالو ڏنو وڃي ها. ڇو ته ان سان اها خبر پوي ها ته ڪهڙو سوال ڪهڙي دوست پاران ڪيو ويو آهي.

هن قسم جا ڪتاب اسان کي اهو احساس ڏيارين ٿا ته اسان پنهنجي هيروز سان معلوماتي ڳالهه ٻولهه ڪري نه رڳو محفوظ ڪريون پر ٻين تائين به پهچايون. جيڪو ڪم اسان جي محترم دوست مرتضيٰ سيال ڏاڍي سُهڻي نموني ڪيو آهي. جنهن لاءِ کيس جس هجي.

هي خوبصورت ڪتاب سنيهو پبليڪشن ڄامشورو پاران شايع ڪيو ويو آهي.

**

سنڌي سماج جا مختلف پاسا سمجھائيندڙ ڪتاب

اسان جي نظرن مان هر روز مختلف ڪتاب گذرندا رهن ٿا. انهن ڪتابن ۾ وري وڌيڪ اهميت وارا ڪتاب اُهي هوندا آهن، جيڪي وري وري پڙهڻ لاءِ دل چوندي آهي. اهڙن ئي ڪتابن ۾ محترم جامي چانڊيي جي ڪالمن ۽ مضمونن جو هي ڪتاب "سنڌي سماج - تاريخي ۽ تنقيدي اڀياس" به شامل آهي. جيڪو مختلف وقتن تي وري وري پڙهڻ لاءِ دل چوي ٿي. ڇو ته هن ڪتاب ۾ سنڌي سماج جي مختلف رَوَين جي ڏاڍن زبردست دليلن سان چنڊ ڇاڻ ٿيل آهي. هن ڪتاب ۾ خاص طور تي موجوده سنڌ جي ته تمام شاندار استڊي ٿيل آهي، جنهن ۾ جامي چانڊيي صاحب جون لکيل ڳالهيون ايڈيون ته وزنائتيون آهن، جو انهن کي سنڌي سماج جي حوالي سان ڪٿي به حوالي طور (reference) استعمال ڪري سگهجي ٿو.

ڪتاب جي مقدمي ۾ جامي صاحب، سماجي علمن جي اوسر، تاريخيت ۽ سنڌ شناسي جي عنوان سان تمام اهم معلومات پيش ڪئي آهي. جنهن ۾ هن انساني ۽ سماجي علمن جي اوسر تي روشني وڌي آهي. ان کان سماجي پرک جي مختلف نظرين جو ذڪر ڪري ٿو. ان سان گڏوگڏ انهن نظرين جو اطلاق سنڌي سماج تي به ڪندو هلي ٿو. انهن نظرين ۾:

1- سماجي پرک جو ارتقائي نظريو
2- سماجي پرک جو دائراتي نظريو
3- سماجي پرک جو معاشي نظريو

4- سماجي پرک جو تضاد وارو نظريو

5- سماجي پرک جو فيمينسٽ نظريو

6- سماجي پرک جو طاقت جو نظريو

7- سماجي پرک جو ٽيڪنالاجيڪل نظريو شامل آهن. انهن سيني نظرين جي سنڌي سماج جي (context) ۾ تمام بهترين وضاحت ٿيل آهي.

ڪتاب جو پهريون مضمون "سنڌي سماج ۾ اجتماعي سوچ جي ڪوٽ جا سبب" جي عنوان سان آهي. جنهن ۾ ليکڪ سنڌي سماج ۾ اجتماعي سوچ جي ڪوٽ جا مختلف سماجي، معاشي، نفسياتي، سياسي سبب بہ بيان ڪري ٿو تہ، ان ڳالھ جا هي سبب بہ ڏي ٿو تہ سنڌي سماج ۾ وڌين جدوجهدن جو نہ هجڻ، ڪن وڏن تاريخي بحرانن جو نہ اچڻ، ذات پرستي واري بيڻائي جو هجڻ، ادارن بجاءِ فردن تي انحصار جو هجڻ، بہ انهي سماجي مسئلي سان لاڳاپيل آهي. سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙن کي جامي صاحب، قبيلائي دهشتگردي ٿو چوي. اها واقعي حقيقت آهي تہ، اهي جهيڙا نہ پر دهشتگردي آهي. انهي دهشتگردي جي سببن کي بہ بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ تجويزون بہ ڏنيون ويون آهن تہ، ان عذاب مان پاند ڪيئن آجو ڪرائجي. هن ڪتاب ۾ فڪري آزادي ۽ اظهار جي آزادي تي بہ بحث ٿيل آهي. اظهار جي آزادي جي نالي ۾ اسان وٽ جيڪا ڪردار ڪشي ڪئي پئي وڃي، ان تي جامي صاحب لکي ٿو تہ: " آزادي هڪ مقدس حق آهي، جنهن جو احترام فرد، سماج ۽ رياست تي لازمي آهي پر ساڳئي وقت اهو بہ سوچڻ گهرجي تہ آزادي هڪ بيحد ذميوار ڪم آهي، آزادي جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ ڪو بہ فرد يا گروهہ پنهنجي مرضي موجب هر اهو

ڪم ڇڙواڳي سان ڪندو وتي، جنهن سان ٻين فردن يا گروهن جي حق تلفي ٿيندي هجي. ڪنهن ٻہ فرد جي آزادي جون سرحدون فقط تيستائين آهن، جيستائين ڪنهن ٻئي جي حقن جون سرحدون شروع ٿين ٿيون.

ڪم جي اخلاقيات کان وانجهيل سماج! جي عنوان سان هڪ مضمون ۾ جامي صاحب لکي ٿو تہ " سنڌي سماج ۾ ڪم ڪرڻ کي يا تہ عيب يا زوري مڙهيل عذاب سمجهيو وجي ٿو. جنهن کي ڏسو اهو ڪم کان ڀڄڻ چاهي ٿو. شاگرد پڙهڻ نہ ٿو چاهي، هن کي نلهي ڊگري جي بنياد تي" سٽيي" نوڪري گهرجي، استاد پڙهائڻ نٿو چاهي، بيوروڪريسي آفيسن ۾ عوام لاءِ گهٽ پر گهٽي پاڳي پنهنجا ڪيسا پرڻ اچي ٿي، اين جي اوز کي هر شهر ۾ انيڪ پراجيڪٽ مليل آهن پر سرزمين تي ٽلهي ليکي ڪاري وارا ڪک، صحافي اڳي هر جاءِ تي وڃي رپورٽ ڪندو هو، هاڻي هر پريس ڪلب ۾ ڪو هڪ ماڻهو خبر لکندو ۽ اُها سمورن ادارن کي فيڪس يا اي ميل ٿيندي، معلومات ٻہ فون تي ونٻي، ماڻهو فخر سان ٻُڌائيندا تہ فلاڻي جي نوڪري واهہ جي آهي جو ڪم آهي ئي ڪونہ! جنهن ڳالهہ تي هڪ باشعور ماڻهو کي ٻُڌي مرڻ گهرجي، ان تي فخر ڪرڻ هڪ روايت بڻجي چڪي آهي ".

هن ڪتاب ۾ سنڌي سماج جي نفسياتي بحران تي ٻہ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي. رول ماڊل جي حوالي سان جامي صاحب لکي ٿو تہ" ڇا اهو نٿو ٿي سگهي تہ ماڻهن جا رول ماڊل سچا عالم هجن، اسڪالر ۽ سچا اديب ۽ سائنسدان هجن، بي لوث قومي ڪارڪن ۽ ڏاها ماڻهو هجن، ايماندار ۽ محنتي پروفيشنل

ڊاڪٽر، استاد، انجنيئر، وڪيل، جج، عوام دوست آفيسر ۽ رڳو اهي ڇو؟ تخليقي ڪاريگر، وڏا ۽ ڪوري، ڳائڻا، پورهيت ۽ حقيقي سماجي ڪارڪن هجن. ٻيو ته رول ماڊل رڳو مرد ڪردار ڇو؟ ڇا اسان جي سماج ۾ بااخلاق، سورهيه، تخليقي ۽ ڏاهين عورتن کي رول ماڊل نٿو ٻڌائي سگهجي؟ اها واقعي حقيقت آهي ته اسان کي روايتي رول ماڊلز واري سحر مان نڪرڻو پوندو.

سنڌي سماج سياست مان ڇو بيزار آهي؟ انهي رويي تي ٻه ڏاڍو سُنو لکيو ويو آهي. سنڌ کي "محرومي جي رومانس" مان نڪرڻ گهرجي! جي عنوان سان لکي ٿو ته، "منهنجي خيال ۾ سنڌي ماڻهن ۾ پيدا ٿيل اُن غلط رجحان جي ذميواري گهڻي پاڳي اسان جي قومي سياست ڪندڙ ڏرين جي قيادت ۽ دانشورن تي ٻه آهي."

ليڪڪ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته سنڌ کي ڪجهه چرين جي ضرورت آهي! جيڪي بغير ڪنهن لالچ جي سماج لاءِ حقيقي معني ۾ ڪم ڪن.

هن ڪتاب ۾ ماضي پرست سنڌ مستقبل جي ايجنڊا ڇو نٿي ناهي!؟ ننڍي عمر جي شادين کي روڪجي؟ سنڌي سماج کي انارڪي کان بچائڻ جي ضرورت! سماجي انتشار جي چوواٽي تي بينل سنڌ! مذهبي انتهاپسندي جي گهيري ۾ ايندڙ سنڌي سماج! نوجوان نسل کي انتهاپسندي کان ڪيئن بچائجي؟ سنڌ کي جنونيت کان ڪيئن بچائجي؟ سنڌ جي روشن خيال روح کي ڪيئن بچائجي؟ سنڌي سماج جي بيهڪ کي سگهارو ڪيئن ڪجي؟ "ڪجهه نه ڪريو" پارٽي جو فلسفو، "ڪجهه نه ڪرڻ ڏبو" پارٽي جا بنيادي اصول، اڃو ته وقت ڏانهن ذميوار ٿيون جي

عنوانن سميت ٻين ٻہ ڪيترين ئي سماجي موضوعن تي ٿوٽل 46 مضمون شامل آھن.

ھن ڪتاب جي خاص ڳالھہ اھا ٻہ آھي تہ، ان ۾ ھنن سڀني سماجي مسئلن جو سائنسي انداز ۾ جائزو ورتو ويو آھي ۽ ان سان گڏ انھن مسئلن جي حل لاءِ تمام پليون صلاحون ٻہ ڏنيون ويون آھن.

منھنجي خيال ۾ ھن قسم جي ڪتاب کي يونيورسٽين جي خاص طور تي سماجيات جي شعبي جي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي تہ جيئن شاگرد ٻہ ھن ڪتاب مان فائدو وٺي سگھن. ان سان گڏ ھي ڪتاب تہ ھر فرد کي پڑھڻ گھرجي، ڇو تہ اسان سڀ ھن سماج جو حصو آھيون ۽ ھي ڪتاب اسان بابت ئي آھي.

**

همسَري جي چوٽين سالگرھ

اسان جي سماج جو ماڻھو، جيڪو ڪتابن جي ويجھو اڃ ۾ ئي نہ ھُئو، سو اڃلڪھ جي سوشل ميڊيا واري دور ۾ ڪتابن کان ويتر پري ٿي ويو آھي. اڄ جي وقت جي اھا ضرورت آھي تہ ماڻھن کي ڪتابن طرف آڻجي تہ جيئن سندن اندر روشن ٿئي ۽ سندن سوچ ۽ خيالن کي نوان رخ ملي سگھن. ان حوالي سان اسان جي سماج ۾ ڪجھ اھڙيون شخصيتون موجود آھن، جيڪي ان سوچ کي سامھون رکندي ھر وقت پنھنجي ٻولي جي خدمت ۽ سماج ۾ مثبت تبديلي آڻڻ خاطر ھر وقت پاڻ پتوڙيندیون رھنديون آھن. اھڙن ماڻھن ۾ "ھمسري" رسالي جي ايڊيٽر ميڈم زاھده ابڙو صاحبہ بہ آھي، جيڪا پنھنجي مسلسل جدوجھد سان گزريل چار سالن کان باقاعدگي سان ھي رسالو، پڙھندڙن تائين پھچائيندي رھندي آھي. شابسون آھن انھن شخصيتن کي، جيڪي سماجي بھتري ۽ پنھنجي ٻولي جي بچاءَ جي ڪري، ھِن سماج جي غير اتساھيندڙ رَوَين کي نظر انداز ڪري پنھنجي منزل طرف وڌندا رھندا آھن.

ھمسري ۾ سياسي تجزيا، سماجيات تي مضمون، صحت، تعليم، ناول، ڪھاڻي، شاعري، ترجما، ڪتابن تي تبصرا، پروفائيلز، سفرناما، آرٽ سميت ڪنھن نہ ڪنھن شخصيت جو انترويو ھر شماري ۾ شامل ھوندا آھن.

انترويو بہ اڪثر ميڈم پاڻ وٺندي آھي، جيڪي پنھنجي نوعيت جا يادگار انترويو آھن. انھن ۾ تقريبن سماج جي ھر شعبي جي ماڻھن

کي شامل ڪيو ٿو وڃي، جن پنھنجي شعبي ۾ نمايان ڪم ڪيو آھي. خاص طور تي مختلف تعليمي ادارن جي سربراھن جا انٽرويو ۽ شامل ڪيا ٿا وڃن تہ جيئن انھن مان نوجوان طبقو فائدو حاصل ڪري سگھي.

رسالي جي ايڊيٽوريل ۾ ۽ ڪنھن نہ ڪنھن اھم سماجي اِشو جي نشاھندگي ٿيل ھوندي آھي ۽ ان ۾ ۽ ڪو نہ ڪو ھاڪاري پيغام سمايل ھوندو آھي.

اسان کي پنھنجي ٻولي ۽ ڏرتي سان پيار جي ناتي پنھنجي ٻولي ۾ شايع ٿيندڙ معياري رسالن ۽ ڪتابن کي پنھنجي وس آھر خريد ڪري پڙھڻ گھرجي. ان سان گڏ پنھنجي دوستن کي ۽ ان ڳالھ جي پرچار ڪندو رھڻ گھرجي. مون کي اميد آھي تہ ھمسَري اجا ۽ وڌيڪ ڪاميابيون ماڻيندو.

**

قلم جي وارثن کي پيار مان پيٽا

قلم ۽ ڪتاب جو نالو زبان تي ايندي ئي، شعور ۾ سڃاڻپ جو تصور ذهن ۾ جنم وٺڻ شروع ڪندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته ڪيڏا نہ خوشنصيب آهن اُهي ماڻهو، جِن جي ورثي ۾ قلم ۽ ڪتاب آيو يا وري اُهي ماڻهو جن قلم ۽ ڪتاب سان پرپور ۽ ڪارائتو ساٿ نياپو. سو، اڄ جي ترقي يافته دنيا وٽ ترقي جا معيار ۽ ماپا بہ عجيب ٿيندا پيا وڃن پر پوءِ بہ هن دنيا ۾ اهڙا ماڻهو بہ موجود آهن، جن جو اهو پختو يقين آهي ته ترقي جو واسطو علم، ڪتاب ۽ قلم سان آهي، جنهن مان انسان جي شعور جي اک کلي ٿي.

ڏاڍي پيار ۽ پاڻهه وارا ته اُهي ماڻهو بہ آهن، جيڪي ڪتاب ۽ قلم سان لاڳاپيل ماڻهن کي پيار بہ ڪن ۽ انهن کي پيار مان ياد ڪري انهن کي پيٽا پيش ڪن.

نامياري ليکڪ انور ابڙي صاحب بہ محبتن مان 50 علمي ادبي شخصيتن کي خراج تحسين پيش ڪندي، ان ڪاوش کي ڪتابي شڪل ڏئي اسان تائين پهچايو آهي. محبتن مان ٺمٽار ان ڪتاب جو نالو آهي "قلم جا وارث". هن ڪتاب ۾ انهن شخصيتن جا خاڪا شامل آهن جيڪي ليکڪ جا رهنما، محسن، دوست ۽ ساٿي رهيا آهن. هي شخصي خاڪا انهن علمي ادبي شخصيتن جي جيون ڪٿا جو ڪجهہ حصو آهن، جن کي انور صاحب ڏاڍي سهڻي نموني پڑهندڙن تائين پهچايو آهي.

پٽائي سائين اسان جو رهبر آهي، سو ليکڪ پنهنجي پيار جي اظهار جي شروعات پٽائي سائين تي لکيل مضمون سان ڪئي آهي. انهي مضمون ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته "پٽائي سائين جي شاعري ۾ ڪا بہ اهڙي ست ناهي جيڪا ماڻهو جا هوش خطا نہ ڪري، ماڻهو جي وجود کي نہ ڏوڏي، سندس سوچن ۾ تبديلي نہ آڻي ۽ ڪيس انهن رستن سان نہ جوڙي، جن کان هُو الڳ ٿي چڪو هوندو آهي يا جن سان هو جڙي ناهي سگهيو هوندو."

ان ڪانپوء ڏکڻ ايشيا جي، اردو ٻولي جي عظيم شاعر فيض احمد فيض کي پيٽا پيش ڪيل آهي. فيض صاحب تي لکندي ليکڪ لکي ٿو ته " فيض احمد فيض جهڙا ماڻهو نه صرف پنهنجي دور جا عظيم انسان هئا، پر اِهي هر دور جا عظيم انسان آهن، ڇاڪاڻ ته هنن سماج کي بدلائڻ ۽ انساني آزادي ۽ خوشحالي لاء جيڪا جدوجهد ڪئي، ان کي ڪير بہ تاريخ جي ورقن مان ڦاڙي ڦٽو ڪري نٽو سگهي."

ليکڪ، سنڌ جي عظيم ڏاهي سائين محمد ابراهيم جويي صاحب کي بہ پيٽا پيش ڪئي آهي ته مهان ڪوي شيخ اياز کي بہ محبتن مان ساريو آهي.

هن ڪتاب ۾ موجود سمورا ليک پڙهي، اِهو شدت سان محسوس ٿئي ٿو ته محترم انور ابڙو پنهنجي ڏرتي جي ڏات ڏٽين سان ڪيڏي نہ محبت ڪري ٿو ۽ سندن عزت ڪري ٿو.

ان سان گڏوگڏ هن ڪتاب ۾ حيدر بخش جتوئي، سوپو گيانچنداڻي، جمال ابڙو، اياز قادري، آغا سليم، شمشيرالحيدري، علي احمد بروهي، تاج بلوچ، انور پيرزادو، راشد مورائي، حليم بروهي، رزاق مهر، محمد علي ٽالپر، محمود مغل، اياز گل، حسن

درس، قربان سنڌيلو ۽ طارق عالم ابڙي سميت ٻين عظيم شخصيتن تي خاڪا موجود آهن، جن جي علمي ۽ ادبي حوالي سان تمام وڏي اهميت آهي.

هي ڪتاب پيڪاڪ پبلشرس پاران شايع ڪيو ويو آهي جنهن جو سرواڻ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو صاحب ليکڪ بابت لکي ٿو ته " مون کي انور جو هر عمل، ادب جي دائري ۾ نظر ايندو آهي. مان نٿو سمجهان ته ڪو ڪائنس سندس ورتاء جي ڪري ٻه ناراض هوندو! هو ته سيني سان محبت وندڻ ۽ سندن مدد ڪرڻ لاءِ هر دم تيار هوندو آهي. هو ته وڏي سهپ ۽ صبر وارو آهي."

هن ڪتاب جو مهاڳ نالياري ليکڪ عبدالقادر جوٽيجي صاحب لکيو آهي، جنهن ۾ هو لکي ٿو ته "انور ابڙي جي هن ڪتاب ۾ خلوص ٻه نظر اچي ٿو ۽ وقار ٻه نظر اچي ٿو. وسعت دلي ٻه نظر اچي ٿي ته ڊگهي نظر (vision) ٻه نظر اچي ٿي. انور ابڙي جي شخصيت باوقار آهي ته لکڻ ۾ ٻه باوقار نظر اچي ٿو."

هي ڪتاب انهن شخصيتن جي جيون ڪٿا جو ته ڪجهه حصو آهي پر منهنجي خيال ۾ تاريخي حوالي سان ٻه هي ڪتاب اهميت وارو آهي.

هي ڪتاب سنڌ جي نوجوانن کي ضرور پڙهڻ گهرجي ته جيئن هُو پنهنجي هنن سچن قومي هيروز سان ملاقات ڪري سگهن ۽ انهن بابت ۽ انهن جو وڌيڪ مطالعو ڪري سگهن.

**

ٽي ماهي مهراڻ
(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر)

مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيندڙ هڪ تمام سھڻو علمي، ادبي ۽ تحقيقي رسالو آهي. هن رسالي پاران سنڌ جي مختلف علمي، ادبي هستين کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ ڏاڍا ڪارائتا خاص نمبر شايع ڪيا ويا آهن. هن وقت منهنجي سامهون مهراڻ جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر موجود آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي شخصيت ۽ قلمي پورهئي تي مختلف ليکڪن ۽ سندن پر ستارن پاران لکيل شاندار ليک شامل آهن. ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر صاحب جا يادگار انٽرويو ۽ تصويرون به هن شماري جو حصو آهن. اُن کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب بابت تاثرات ۽ ڀيٽا طور پيش ڪيل شاعري به مهراڻ جي هِن شماري ۾ شامل آهي. هِن شماري کي ايڊٽ دين محمد ڪلهوڙي صاحب ڪيو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ هُئا، سندن سنڌي ٻوليءَ، ادب، تعليم، لطيفيات، موسيقي، سنڌ شناسي، تاريخ، سنڌي لغات ۽ هڪ اُستاد جي حيثيت ۾ تمام وڏيون خدمتون آهن. هي رسالو پڙهڻ سان سندن انهن سيني تاريخي خدمتن بابت اسان کي سُڻي ڄاڻ ملي ٿي. مون ڪجھ ڏينهن اڳ ڊاڪٽر صاحب جا مقالا ۽ تقريرن تي مشتمل ڪتاب پڙهي مڪمل ڪيا اٿم.

مهراڻ جي هن شماري جي شروعات ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيقي ڪم تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجي، ڊاڪٽر عبدالغفار سومري ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جا مقالا شامل آهن. ان کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت تي اسد الله قاضي صاحب، محمد هاشم لغاري صاحب، عنايت بلوچ صاحب، ڊاڪٽر عبدالحليم قريشي صاحب ۽ ٻين جا مقالا شامل آهن. بلوچ صاحب جي تعليمي ماهر طور خدمتن تي گل محمد عمراڻي صاحب جو مقالو موجود آهي. ان کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب جي لطيفيات واري ڪم تي به مختلف ليککن جا مقالا شامل آهن. ڊاڪٽر صاحب جي دوستن، يارن، رشتيدارن ۽ عزيزن جون ڊاڪٽر صاحب بابت لکيل يادون به مهراڻ جي هن شماري جو حصو آهن. سنڌي صورتخطي جي سڌاري ۾ ڊاڪٽر بلوچ جو ڪردار جي عنوان سان الطاف حسين جوکيي صاحب جو مقالو هن مهراڻ جو حصو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي انترويوز ۾ "تاريخ، لوڪ ادب، ٻولي، لغت جي ماهر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تاريخي انترويو" جي عنوان سان ظفر جوٽيجي صاحب پاران ورتل يادگار انترويو به موجود آهي. ظفر جوٽيجي صاحب هي انترويو سندس رسالي نيوز اينڊ اوپينين لاءِ بلوچ صاحب کان ورتو هو. اهو انترويو مون ان وقت ئي نيوز اينڊ اوپينين ۾ پڙهيو هو. جيڪو رسالو پنهنجي وقت جو تمام معياري سنڌي رسالو هو. مون کي ياد ٿو اچي ته ان وقت ان رسالي جي هر شماري ۾ ڪنهن نه ڪنهن پنهنجي شعبي ۾ نمايان ڪم ڪندڙ شخصيت جو انترويو شامل هوندو هو. جنهن ۾ ڊاڪٽر مبارڪ علي، ايم ايڇ پنهور، امن جو نوبيل پرائيز حاصل ڪندڙ بنگلاديش جو اقتصادي ماهر محمد

يونس، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ٻين شخصيتن جا انترويو مون پڑھيا ھئا ۽ ان رسالي جا اھي شمارا مون اڄ ڏينھن تائين سنياليي رکيا آھن.

ھن رسالي ۾ خليل کوسي جو نظم "ھو لکي پيو"جي عنوان سان آخر ۾ موجود آھي. اھو ڏاڍو شاندار ۽ طويل نظم آھي. جيڪو جڏھن خليل پنھنجي مخصوص ۽ منفرد انداز ۾ ٻڌائيندو آھي تہ ويتر وڻندو آھي.

"ھو لکي پيو، ھو لکي پيو
ھو لکڻ وارو لکي پيو
ھو پوڙھو ھوندي لکي پيو
پيا ھٿ ڏکن تہ بہ لکي پيو
ٻيا تڪ تکن، ھو لکي پيو
ٻيا ڇا بہ چوڻ، ھو لکي پيو،
پر لکڻ وارو لکي پيو."
"ھو انتر منتر لکي پيو
ھو جادو جنتر لکي پيو
ھو ارچڪ مرچڪ لکي پيو
ھو ڏاڍا ڏرچڪ لکي پيو
ھو آگ پٽيلڻ لکي پيو
ھو نانگڻ جوگڻ لکي پيو
ھو ٽويو ٽيو لکي پيو
پر لکڻ وارو لکي پيو."

ھِن کان اڳ، مون مھراڻ جا شمشيرالحيدري خاص نمبر، تنوير عباسي خاص نمبر، شيخ ايياز خاص نمبر پڑھيا آھن ۽ سائين

محمد ابراهيم جويو خاص نمبر ۾ هِن کان پوءِ پڙهڻ جي لسٽ ۾ رکيو اٿم.

هنن خاص نمبرن پڙهڻ جو هڪ وڏو فائدو، هي ۾ آهي تہ اسان مختلف علمي، ادبي شخصيتن جي زندگي ۽ ڪم سان گڏوگڏ سندن لکيل ڪتابن بابت ۾ معلومات حاصل ڪيون ٿا. اڄڪلهي اسان کي سندن اهي ڪتاب ۾ پڙهڻ گهرجن.

منهنجي خيال ۾ اسان جي نوجوانن کي ڪتاب پڙهڻ گهرجن تہ جيئن هو پنهنجي ٻولي ۽ تاريخ کي سمجهي سگهن.

**

جان جيئان تان پاڙيان

هن وحشي سماج ۾ هڪ حساس ماڻهو ۽ سڃاڻ ڏهن ڪيترو پوڳي ٿو ۽ ڪيترين ئي پيڙائن مان گذري ٿو. ان ڳالهه جي پروڙ هر ماڻهو کي ناهي هوندي پر هڪ تخليقڪار، ٻئي تخليقڪار جي اندر جي اڏمن کي محسوس ڪري سگهي ٿو. مون به اهڙي ئي طرح محترم سائين محمد علي ٻناڻ کي سندس اندر ئي اندر ۾ پچندي ۽ پچرندي محسوس ڪيو آهي. محمد علي ٻناڻ صاحب، هن وقت جو اهو ليکڪ آهي، جيڪو خاص طور تي سماجي اٽبرابرين، ناانصافين، ڪڌين رسمن، رشتن جي تلخين، روين جي بيرخين تي ته لازمي ۽ مسلسل لکندو ئي رهي ٿو. ڇو ته هڪ ليکڪ لاءِ لکڻ، جيئاپي جيئن آهي، هو نه لکي ته هوند ساه نه کٽي سگهي ۽ مري وڃي. محمد علي صاحب انهن سمورين وارتائن کي ڪڌهن کهاڻين، ته ڪڌهن ناول، ته ڪڌهن درامي، ته ڪڌهن وري شاعري جو روپ ڏئي، اسان جي سامهون اڇي ٿو. محمد علي ٻناڻ صاحب جا گذريل ٻن سالن ۾ ڪافي ڪتاب شايع ٿيا آهن ۽ انهن سمورن ڪتابن ۾، مون کي هڪ ڳالهه ساڃئي لڳي آهي، سا آهي پيڙا ۽ درد جو احساس.

هن وقت منهنجي سامهون سائين ٻناڻ صاحب جو تازو شاعري جو شايع ٿيل ڪتاب "جان جيئان تان پاڙيان" آهي. جنهن ۾ مختلف وقتن ۽ واقعن تي لکيل نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم موجود آهن. مون جڏهن هي نظم پڙهيا ته مون به ائين محسوس ٿيو جيئن ڪتاب جي فليپ تي محترم ايار گل صاحب لکيو آهي

تہ "محمد علي جا هي نظم، نظم- ڪهاڻيون آهن. جن ۾ ديس جو درد، مفلسي، پيڙائن ۽ ناانصافين جو ئي ذڪر آهي."

سائين پناڻ صاحب ڪافي وقت کان مستقل بنيادن تي مختصر ڪهاڻيون لکندو رهيو آهي، ان ڪري مون کي سندن ڪهاڻيون، سندس شاعري تي حاوي ٿيندي نظر اچن پيون. شاعري ۾ به مختصر ڪهاڻين وارو ٽچ ئي محسوس ٿئي ٿو. ان ڪري محمد علي صاحب جي شاعري رڳو پيار ۽ محبت تائين محدود ناهي پر اڃوڪي سماج جي پرپور ترجماني به ڪري ٿي ۽ سماج جي چهري تي تهذيب جي چڙهيل ڪوڙن چهرن ۽ ماسڪن کي به لاهي ڦٽو ڪري ٿو ۽ پنهنجي پڙهندڙ کي سماج جو اصل چهرو ڏسي ٿو. سندس نظمن ۾ سنڌو درياءِ جي سڪي وڃڻ جو به ڏک آهي تہ شمشيرالحيدري جي زندگي جي آخري سال ۾ نظر جي ويهي وڃڻ جي ڏک تي به نظم آهي. وجايل ماڻهپي جي ڏک جو به ذڪر آهي تہ پٽن جي شهادتن جي ڏک جو ذڪر به ملي ٿو.

مون جڏهن، هن ڪتاب ۾ موجود نظم، "ندي هوريان وهي ٿي پئي..." پڙهيو تہ مون کي ڪجهہ سال اڳ محمد علي پناڻ جو ئي لکيل طويل نظم "وقت بيهي نٿو..." ياد اچي ويو. ڇو تہ هي نظم به ان ئي طرز تي لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ موجود آزاد نظم به ڪمال جا آهن. مثال طور هي نظم ڏسو، جنهن ۾ سنڌو جو درد آهي.

"دانهون ڪوڪون،
ماڻهو گهايل،
وڻ ٽڻ زخمي،
پاڻي بدران،

واري واري،
زاري زاري،
سنڌو سارو،
ٿر جيان ٿي ويو،
سڌڪا سڌڪا،
تر جيان ٿي ويو.....!!"

اھڙي طرح ڪتاب ۾ موجود هي آزاد نظم ته علم جي دشمنن لاءِ هڪ للڪار وانگر لڳي ٿو.

"علم کي گوليون هٽي سوچيو پيا،
انت ساجاھ جو اچي ويندو هتي،
ءِ انڌيرو ٻوڏ ٻڏجي
لوڪ جي نيٽن ۾ ويندو ڦهلجي.....
ساھ روشني جا پوءِ
ڪين ڪڏهن پون ڪٽندي ديس ۾_
سوچ اھڙي
سچ چوان ٿو ڪوڙ آ_
علم گولي سان نه مرندو آ ڪڏهن....
علم آهي سچ جنهن کي،
ڪو بہ ايٽم بم يا بارود ڪو،
ڪين ٿو ماري سگهي....
ءِ نہ ان جي ترورن کي،
قيد ڪو اونداھ واري سوچ جو،
باندي ٻڏائي ٿو سگهي_
باندي ٻڏائي ٿو سگهي....."

ڪتاب جو نثري نظمن وارو پاسو ۽ سگھارو ۽ دل ڇھندڙ آھي. انھي حصي جي شروع شروع ۾ ھي نظم پڑھڻ لاءِ ملي ٿو.

”حقيقت پسندي
منھنجي
اندر جي اکين
تنھنجي
ڇھري جو
اندر پڑھندي
سوچيو تہ“
ان کان اڳي جو
برف
وڏيڪ ڄمي وڃي
پاڻ
گرمجوشي سان
موڪلائي ڇو نہ ونڻون.....“

يا وري نثري نظم پڑھي ڏسو:

”ڳجھي چوٽ
ڇٽندڙ گل
ٽڙندڙ گل ڏي
ڏسي
ڇا سوچيو
اھو نہ پڇ....“

زندگي جي ستم تي ھي نظم تہ غضب جو آھي،

”زندگي جڏھن اکيون ڏيکاري ٿي

۽ ڳچي کان پکڑي
ان جو اڳھ پيچي ٽي
دل ان وقت
زلزلي جي زد ۾
اچي ٽي وڃي
۽ خوابن جا کيترائي شھر
کنڀرن جون
اڀ کٽ قطارون ٽا ٻڌجي وڃن....."

سو اھڙا ۽ ان جھڙا ٻيا کيترائي خوبصورت نظم ھن کتان جو حصو آھن، جيکي پڑھندڙن جي دلين جي ترجماني ضرور کندا. ھي کتاب پڑھندي ھن ۾ مون کي پروف جون بہ ڪٽي ڪٽي چکون نظر آيون. جيکي نون ۽ عام پڑھندڙن کي ڪجھ لفظن کي سمجھڻ ۾ ڏکيائي جون سبب ٻڻنجنديون. سو، ان طرف جيکڏھن ليکڪ ۽ پبلشر ڌيان ڏين ھا تہ ھي کتاب اڃا بہ وڌيڪ خوبصورت ٽي پوي ھا.

ان باوجود بہ مون کي يقين آھي تہ ھي کتاب شاعري سان دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ ڪنھن سھٽي تحفي کان گھٽ ناھي. ھن کتاب جو مھاڳ نامياري شاعر امداد حسيني لکيو آھي. ان سان گڏ ڊاڪٽر بشير احمد شاد ۽ سلطان احمد کوسي جا شاعر بابت ليک بہ ھن کتاب جو حصو آھن. جڏھن تہ انگريزي ۾ ھن کتاب تي ڄام جمالي جو لکيل تبصرو بہ ھن کتاب ۾ شامل ڪيو ويو آھي.کتاب جي فليئپس تي سنڌي جي ٻن نامياڻن شاعرن اياز گل ۽ ادل سومري صاحب جا رايا بہ لکيل آھن. ھن خوبصورت کتاب جي ٻئڪ ٽائٽل تي نامياري نثرنگار اعجاز منگي جا خيال موجود

آھن. هي ڪتاب ڪونج اڪيڊمي ڪراچي پاران شايع ڪيو ويو آهي.

**

سُپيريان جي ڳالھڙي
(پارت جو سفرنامو)

سفرنامو، ادب جي اھم صنف رھيو آھي. سنڌي ادب ۾ ب مختلف وقتن تي ڪيترائي ليکڪ مختلف ملکن، شھرن جا سفرنامو يا وري سندن مختلف سفري تجربا لکندا پئي رھيا آھن. سفرنامو لکندڙ ھڪ ت پنھنجي تجربن کي لکت ۾ محفوظ ڪري ٿو ۽ ٻيو ت پڙھندڙن کي مفت ۾ اُن جڳھ، ملڪ يا شھر جو سير ڪرائين ٿا. سو، ھر مسافر پنھنجي سفر کي پنھنجي پنھنجي نگاھ سان ڏسندو آھي. تنھن ڪري عام مسافر ۾ سياح ۾ ب فرق ھوندو آھي.

سنڌي سفرنامي جو وڏو نالو ت محترم الطاف شيخ صاحب جو ئي آھي. جنھن جي تمام گھڻن ۽ دلچسپ سفرنامن ۾ پارت جو سفرنامو ب شامل آھي. ھِن وقت منھنجي سامھون ب پارت جو ھڪ سفرنامو آھي، جنھن جي ليکڪ محترم نصرت لاشاري صاحب آھي. "سُپيريان جي ڳالھڙي" جي نالي سان ھن دلچسپ سفرنامي کي سينٽر فار پيش اينڈ سول سوسائٽي پاران شايع ڪيو ويو آھي. ھِن سفرنامي ۾ مون کي جيڪي ڳالھيون ڏاڍيون وڻيون، سي ھي آھن.

ھڪ ت ھي رڳو پنھنجي ڳالھين بجاءِ، مختلف ماڳن مڪانن، جڳھن ۽ شھرن جي تاريخ ۽ موجوده صورتحال بابت انگن اکرن سان معلومات ڏنل آھي. ٻيو ھِن سفرنامي مان اِھو محسوس

ٿئي پيو تہ، ليکڪ پنھنجن سان ملڻ لاءِ سِڪ ۽ اکير مان وڃي پئي، سالن جا وڇڙيل ملن پيا. ٽيون اِھو تہ، ھن سفرنامي ۾ مزاح جو رنگ بہ ملي ٿو تہ ڪافي سبق آميز ۽ غور فڪر ڪرڻ جھڙيون ڳالھيون بہ ملن ٿيون. چوٿون تہ ھن سفرنامي جي ٻولي تمام وٽندڙ اھي سيئي ڳالھيون ھن سفرنامي کي وڌيڪ دلچسپ ۽ معلوماتي بڻائين ٿيون.

ھي سفر ليکڪہ اڪيلي سر ناھي ڪيو پر ھن سفر ۾ سنڌي اديبن ۽ فنڪارن جو پورو وفد ساڻس گڏ آھي، سو وفد ۾ شامل مختلف اديبن جو بہ ذڪر ٿيندو ھلي ٿو. سندن ڳالھين کي بہ ليکڪہ ڏاڍي سُھڻي نموني لکيو آھي.

ھن ڪتاب جو مھاڳ نالياري ليکڪ امداد حسيني صاحب لکيو آھي، جيڪو پاڻ بہ ھِن سفر جو حصو ھو. امداد حسيني لکي ٿو تہ "ھن سفرنامي جي اھميت تہ اھا بہ آھي تہ اسان جي ھيڏي وڏي وفد مان صرف نصرت ئي انھي ھند ياترا کي قلمبند ڪيو آھي. ھن لڙڪن ۽ مُرڪن کي پاڻ ۾ ڪيئن ملايو آھي- ھن خوشبوءِ ۽ خوابن کي ڪيئن پاڻ ۾ سلھاڙيو آھي - ھن گلن کي ڏاڪڻ ۾ ڪيئن پوئيو آھي، انھي جو فيصلو توھان تي آھي- ۽ مون کي پڪ آھي تہ اِھو فيصلو نصرت جي حق ۾ ئي آھي! "

ڪتاب جي بئڪ ٽائٽل تي محترم جامي چانڊيي صاحب جو رايو ڏنل آھي. جنھن ۾ پاڻ لکي ٿو تہ"نصرت لاشاري ھڪ سڃاڻ ليکڪ سان گڏوگڏ ادبي ۽ سماجي حوالي سان ھڪ سرگرم ڪارڪن پڻ آھي ۽ اھڙي طرح ھن پنھنجي والد ۽ استاد مرحوم فقير محمد لاشاري جي فڪري مزاج جي روايت کي نہ رڳو برقرار رکيو آھي پر اڳتي پڻ وڌايو آھي."

پنھنجي پاران ۾ نصرت لاشاري لکي ٿي تہ "ھي سفرنامو مون امانت سمجھي لکيو آھي، امانت اُن کري جو مان انھن ليکڪن جي گروپ ۾ ھيس جن سنڌ جي عام ماڻھن جي جذبن جي ترجماني پئي ڪئي. اُتي مون ڇا ڏٺو اھو سڀ توھان تائين پھچائڻ منھنجي فرض ۾ شامل ھو، جيڪو آءٌ اميد ٿي کريان تہ ھن ڪتاب کي پڑھي توھان پاڻ رايو ڏيئي سگھندو. اُتي وجي مون سنڌ جي ماڻھن جي جذبن جو اظھار ڪيو."

ھن سفرنامي کي مختلف حصن ۾ ورھايو ويو آھي، جنھن ۾ پارت جي مختلف شھرن، ماڳن ۽ ادارن جي نالن سان ٽائيٽل ڏنل آھن. سفرنامو پڑھندي جڏھن اِھو ذکر اچي ٿو تہ برسات وسڻ کري جھاز کي واپس ڪراچي ايئرپورٽ تي لاٿو وجي ٿو تہ وفد ۾ موجود نامياروِ ليکڪ انعام شيخ چوي ٿو تہ الائي ڪھڑي اديب جي پِٽ لڳي، جنھن کي نٽا وڻي وجون، تہ بي ساختہ ڪِل اچي ٿي وجي. سفرنامي ۾ رام جيٺملاڻي جي ھڪ تقرير جو ذکر ٻہ اچي ٿو، جنھن ۾ ھُو سنڌين بابت ھڪ سبق آميز ڳالھہ لکي ٿو تہ جيستائين اسان مان چڑھت، چغلي ۽ گلا کرڻ جي عادت ختم نہ ٿيندي، تيستائين اسان کا بہ ترقي نٽا کري سگھون. اِھا ڳالھہ واقعي حقيقت آھي، جنھن تي اسان کي غور کرڻ گھرجي.

ھڪ ٻئي ھنڌ ھي ڳالھہ بہ دل سان لڳي تہ ھڪ چئنل کي درياھہ تي ٺھندڙ ڊاکيومينٽري تي بيسٽ ڊاکيومينٽري آف ورلڊ جو انعام تہ ڏنو وجي ٿو پر سنڌ جي زرعي زمين کي آباد رکڻ لاءِ پاڻي جو بچاء نٿو ڪيو وجي.

ھڪ ھنڌ بينظير پٽو جو بہ ذکر ڪجھہ ان طرح ٿو اچي جو ھوءِ پھرين پاڪستاني سنڌياڻي آھي، جنھن جي نالي سان لنڊن

ميٽرو پوليٽن ۾ پاڪستاني عورتن لاءِ ايم اي جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ ڏني ويندي آهي.

ڪتاب ۾ پارت جي مختلف ريڊيو اسٽيشنز ۽ ٽي وي چينلز بابت ٻه سُٺي معلومات آهي. ان سان گڏوگڏ بمبئي شهر بابت ٻه ڪافي بهتر انگ اکر ڏنل آهن، جيڪي هِن سفرنامي کي دلچسپ سان گڏ معلوماتي ٻه بڻائين ٿا. هن ڪتاب ۾ سفرنامي جون تصويرون ٻه ڏنل آهن، جيڪي رنگين هجن ها ته وڌيڪ سُنيون لڳن ها. انهن تصويرن مان، مون کي جيڪا تصوير وڌيڪ وڻي سا آهي نصرت لاشاري ۽ گنگا ديوي جي، جيڪا آگره جي اخبار آگره جاگرڻ وارن هي ڪئپشن ڏئي شايع ڪيو ته "ٻئي سنڈ جون ڏيئون هڪ هند ۾ ٻي سنڈ جڏهن سالن جي وڇوڙي کان پوءِ مليون ته لڙڪ روڪي نه سگهيون."

ڪتاب ۾ ليلا وتي اسپتال جو ٻه ذڪر آهي، جنهن بابت اِهو لکيل آهي ته ٻارن جي دل جي شعبي جو سڄو خرچ انديا جو اداڪار شاهه رخ خان پريندو آهي. اِهو پڙهڻ کان پوءِ هڪ پل لاءِ سوچيم ته، پارت ۾ فن ۽ آرٽ جو ڪيڏو نه قدر آهي، جو فنڪار پئسا ڪمائي فلاحي ڪمن تي خرچ ڪن ٿا ۽ اسان وٽ فنڪار وظيفن جي آسري ۾ بيماري جي بستري تي مري ٿو وڃي، فلاحي ڪم ته پري جي ڳالهه آهي.

پنهنجي ڌرتي جي ڇڪ ۽ پنهنجن جي پيار جي سنگم سان پرپور هي سفرنامو، پڙهندڙن جي دلين ۾ ضرور جڳهه ٺاهيندو.

**

عنيءِ مائو

ڪالھ رات انٽرنيٽ تي مختلف ڪتاب سرچ ڪندي، سنڌ سلامت وارن جي ويب سائيٽ تي هليو ويس، جتي مختلف ليکڪن کي سرچ ڪندي، مختلف ڪتابن جي لسٽ ڏسندي، محترم انور ابڙي جو ڪتاب "عنيءِ مائو" جون ڪھاڻيون سامھون اچي ويو. مان، اُھو کولي پڙھڻ لڳس. ايڏو دلچسپ لڳو جو ھڪ ساھي ۾ پڙھي ورتم. ڪتاب ۾ ٻاراڻيون شرارتون پڙھي مون کي ٻ ٽھڪ پئي آيا ۽ پنھنجو ٻالڪپڻ ٻ ياد پئي آيو. خاص طور تي ڪھاڻين جي ڪردارن جا نالا ٻ واھ جا ھئا. "ورو ٻوڙو، ضمير ڏنڊرو جيڪو پوءِ ضمير ڏانداري سڏجي ٿو، عنيءِ مائو وغيره...". اسان سيني انھن ڪردارن کي پنھنجي ننڍپڻ ۾ پنھنجي چوڌاري ئي گھمندي ضرور ڏٺو ھوندو. ڇو تہ ھر انسان کي پنھنجو ننڍپڻ پيارو ۽ وٽندڙ لڳندو آھي. انور صاحب کي جس ھجي جو پاڻ پنھنجي روزي روٽي جي مصروفيتن مان وقت ڪڍي، ٻارن لاءِ لکي ٿو. نصير مرزا صاحب واري ڳالھ تہ ٻارن لاءِ ڪجھ لکڻ معني ٻار پيدا ڪري نپائڻ برابر آھي. ھن ڪتاب جو مھاڳ ٻ نصير مرزا صاحب لکيو آھي.

ڪتاب ۾ سيئي ڪھاڻيون ڏاڍيون دلچسپ ۽ سبق آميز آھن. جن ۾"بابا تہ بابا ٿيندو آھي"،"مار ناھي سنوار"، "ادا رفيق"، "چماٽ" ۽ ٻيون ڪھاڻيون شامل آھن.

هنن کھاڻين جي خوبصورتي جو هڪ سبب اهو به آهي جو هي ڳوناڻي پسمنظر ۾ لکيل آهن. ليکڪ انهن کھاڻين ذريعي ٻارن جي نفسيات سان خوب انصاف کيو آهي. هنن کھاڻين ۾ نصيحت به آهي ته، مزاح وارو عنصر به شامل آهي. مون کي ڪتاب پڙهي بيحد خوشي ٿي.

اسان کي پنهنجي ٻارن ۽ شاگردن ۾ اهڙي قسم جا ڪتاب پڙهڻ جي عادت وجهڻ گهرجي. انهي سان انهن ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شوق به پيدا ٿيندو، پنهنجي ٻولي جا نوان لفظ به سِکندا، پنهنجي ڪلچر کان به واقف ٿيندا ۽ سندن اخلاقي تربيت به ٿيندي.

پوپٽ پبليڪشن پاران شايع ٿيل هن ڪتاب جو بڪ ٽائيٽل امر اقبال جو لکيل آهي.

**

انور پيرزادي جون کھاٽيون

انور پيرزادي صاحب جو نالو زبان تي ايندي ئي، ذھن جي ڪينواس تي سندس سڃاڻپ جا ڪيترائي حوالا سامھون اچن ٿا. انور پيرزادو پٽائي جو پارکو، محقق، شاعر، آرڪيالاجسٽ ۽ اينٽروپالاجسٽ طور سڃاڻپ رکي ٿو پر تمام گھڻن ماڻھن لاءِ اھا نئين ڳالھ ھوندي ته انور پيرزادو ھڪ سُٺو کھاڻيڪار بہ ھو. ھن وقت منھنجي سامھون سندس کھاڻين جو مجموعو "انور پيرزادي جون کھاڻيون" موجود آھي. جنھن ۾ 8 کھاڻيون شامل آھن.

ھن ڪتاب جو طويل ۽ شاندار مھاڳ نالياري ليکڪ محمد علي پناڻ لکيو آھي. جنھن ۾ ھُو لکي ٿو ته "ھُن جي ھر گُفتي، بلڪ ھر جملي ۾ ڪا نئين ڳالھ ھوندي ھُئي. ڳالھ بہ اھڙي، جيڪا پڙھندڙ جي ڪنن مان ھڪدم سڌو رستو ونڊي، دل جي دفتر ۾ لھي وڃي ھميشہ لاءِ اُتي ديرا ڄمائي ويھي رھي ھئي."

محمد علي پناڻ ھنن کھاڻين بابت لکي ٿو ته اڪثر کھاڻيون ھِن 1970ع جي پنھنجي جيل ياترا دوران لکيون. جنھن ۾ تنھن زماني جي مسئلن ۽ ڳالھين سان گڏ انور پيرزادي صاحب پنھنجي ڳوناٽي زندگي جي پيانڪ غربت کي بہ وائکو ڪيو آھي. " اڳتي لکي ٿو ته" ھي کھاڻيون، جن کي لکيي ذري گھٽ پنجاھ ورھيہ گذري چڪا آھن، سي جڏھن اڄوڪي زماني ۾ پڙھجن ٿيون ۽ انھن ۾ بيان ڪيل مسئلن ۽ ڳالھين تي غور ويچار ڪجي ٿو، ته توڙي جو وقت جي وڇوٽي جي شدت سان احساس بہ ٿئي ٿو پر گھٽي ياڳي ائين ئي لڳي ٿو ته، ھي اڄوڪي دور جون ئي کھاڻيون آھن. جن جي ماحول ۾ جيڪڏھن ٿورو گھٽو فرق آيو بہ

آھي، تہ اھو موبائيل، انٽرنيٽ جو ئي آيو آھي. ڇو تہ وقت اسان وٽ بدليو ناھي ۽ حالتن جي ڦيري سان اُن جو ڳانڍاپو ٽي نہ سگھيو آھي.“

ڪتاب ۾ موجود ڪھاڻين ۾ پھرين ڪھاڻي”خدا ۽ سرمايو“ آھي. جنھن کي پڙھڻ دوران اِھو ئي محسوس ٿئي ٿو تہ سماجي ڪھڙي طرح اسان جو سُک ۽ چين ڦٽايو آھي.

”ملاقات“ ۽ ”جيل جو سماج ۽ ڏاڙيل“ نالي ٻئي ڪھاڻيون جيل ياترا جي پس منظر ۾ لکيل آھن. انھيءَ کان پوءِ ڪھاڻي” ۽ جيون ساٿي“ يونيورسٽي ۾ پڙھندڙ ٻن پيار ڪندڙ دلين جي پيار ڪھاڻي آھي. ”قرباني جي ٻڪري“ ڪھاڻي جو موضوع، اسان جي سماج ۾ عورت سان ٿيندڙ ظلم آھي. ھن ڪھاڻي ۾ اھو ڀرپور انداز سان ڏسيو ويو آھي تہ ھڪ ماءُ جي پيٽ ۾ موجود نياڻي اڃا جنم ئي ناھي ورتو تہ اڳ ۾ ئي ان جا سگ طئہ ٿي ٿا وڃن. ڪھاڻي ”سازش“ لالچ ۾ اچي وفاداريون تبديل ڪندڙ ھڪ شخص جي آھي، جيڪو تاريخ جي ڪٺھڙي ۾ غدار ۽ مجرم قرار ڏنو وڃي ٿو. ”پرين پڃاڻان“ ڪھاڻي ڳوٺاڻي زندگي سان واسطو رکندڙ ھڪ ناڪام عشق جي آھي، ڪتاب ۾ موجود انين ۽ آخري ڪھاڻي ”ڪاڃي جي ڪھاڻي“، ڪاڃي ۾ سوڪھڙي جي منظر ڪشي آھي.

ھن ڪتاب کي پيڪاڪ پرنٽرس شايع ڪيو آھي. ھن ڪتاب جو ٻڪ ٽائيٽل محترم انور ابڙي لکيو آھي. جنھن ۾ لکي ٿو تہ ”ھي وڏي ذات وارو انسان ھر شعبي جو ماھر ھو. ھي ڪھاڻيون پڙ سندس اُن علم، مشاھدي، سوچ ۽ فني قابليت جو ھڪ مثال آھن. جيڪي سندس جي ويجھي ماضي ۾ پڙھندڙن ۽ لکندڙن جي پيدا ٿيل نسلن لاءِ ھڪ انڪشاف پڙ ھوندیون.“

محمد علي پٺاڻ جون کھاڻيون
سماج جي ڀرپور عڪاسي

محترم محمد علي پٺاڻ، سنڌ جو اھو ليکڪ آھي، جيڪو ھڪ ٽ مسلسل لکندو رھي ٿو ۽ ٻيو ٽ پنھنجين لکڻين ۾ نوان نوان تجربا ٻ کندو رھندو آھي. پاڻ گذريل ڪجھ سالن کان مستقل طور تي مختصر کھاڻيون لکندو پيو اچي. سندس اھي کھاڻيون، روايتي انداز واريون پريم کھاڻيون ناھن پر اسان جي سماج ۾ روزانو ٿيندڙ اھڙن انيڪ واقعن بابت آھن. جيڪي سماج جي ھر پاسي جي عڪاسي ڪن ٿيون. سندس کھاڻين جا موضوع رت جي رشتن جون تلخيون، جاگيرداري نظام، ادارن جي تباھي، عطائي ڊاڪٽر، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا، عدالتون، امتحانن ۾ ڪاپي ۽ ٻيا ٻ ڪيترائي سماجي مسئلا آھن.

ھن وقت منھنجي مطالعي جي ميز تي سائين محمد علي پٺاڻ جو تازو شايع ٿيل کھاڻين جو ڪتاب "طوفان ۾ ککائون گھر" موجود آھي. جنھن ۾ ان سيني موضوعن تي کھاڻيون موجود آھن. ھن ڪتاب ۾ ٽوٽل 52 کھاڻيون موجود آھن. ھن ڪتاب جي اڀرندا ڊاڪٽر مرلي ڌر جي نالي آھي. ڪتاب جو مھاڳ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا لکيو آھي، جڏھن ته ٻيڪ ٽائيٽل منور سراج صاحب جو لکيل آھي. منور سراج پنھنجي راءِ ۾ لکي ٿو ته "محمد علي پٺاڻ بطور ھڪ قصاگو ھڪ وڏي وقت کان مسلسل لکندو

پيو اچي. اھو تسلسل ۽ تيزي سندس ادبي جنون جو دلربا دليل آھي."

ڪتاب جي مھاڳ ۾ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا لکي ٿو تہ "محمد علي ھلندڙ دور جي ٻرندڙ مسئلن کي کنيو آھي، مرندڙ قدرن (values) کي آڪسيجن ڏئي جياري ٿو، اوندھ ۾ پنھنجي حصي جي روشني پيدا ڪئي آھي. پناڻ صاحب جي ٻولي سادي ۽ پڙھندڙ کي آساني سان سمجھ ۾ ايندڙ آھي. مختصر ڪھاڻي ۾ ڪردارن جي سڃاڻپ واقعي يا احساس کي اُپارڻ جو ڏانءُ اٿس."

ڪتاب ۾ ليکڪ ۽ سندس ڪھاڻين بابت ماھتاب محبوب ۽ ڊاڪٽر شير مھراڻي جا ليک ٻہ موجود آھن. ڊاڪٽر شير مھراڻي موجب محمد علي پناڻ سماجي سائنسدان ۽ نقاد ڪھاڻيڪار آھي. ڪتاب جي فليپز تي شوڪت حسين شوري ۽ جھان آرا سومرو جا رايا ڏنل آھن.

ڪھاڻيڪار پاران ۾ پناڻ صاحب لکي ٿو تہ "منھنجون ھي 52 ڪھاڻيون، 52 لُڙڪ آھن. جيڪي پنھنجي اکين کان اوھان جي اکين ڏانھن منتقل ڪيا اٿم، ان اميد سان تہ اوھان انھن جي پيڙا کي اوڏي ئي شدت سان محسوس ڪيو، سوچيو ۽ انھن کي اُگھڻ جا دڳ تلاش ڪريو."

ڪتاب جي پھرين ڪھاڻي "خدا حافظ" جي عنوان سان آھي، جنھن ۾ ھڪ شاگرد ڇوڪري پنھنجي والد جي عمر جي پروفيسر کي شادي جي آڇ ڪري ٿي ۽ پروفيسر ڪيس پنھنجو اولاد سمجھي سمجھائيندا آھي تہ، توھان منھنجي اولاد برابر آھيو. آئون اھو سوچي ٻہ نٿو سگھان. ڪھاڻي ۾ پيغام تہ مثبت آھي پر اسان جي سماج ۾ عمومن ائين ٿئي نٿو. ھتي تہ اڪثر پروفيسر پنھنجي

نياڻين جي عمر جي چوڪرين سان پرٽا ڪندا آھن. "ٻيو ڪنھن کي چوان...!" عنوان نالي ڪھاڻي ۾ ماءُ پنھنجي پُٽ کي علاج لاءِ چوي ٿي ۽ بيرحم پُٽ علاج جا پئسا نہ ھجڻ جو بھانو ڪري ماءُ کي پنڊ تي مجبور ڪري ٿو. "ھنيانوَ ۾ ڇُھنڊي....!" جي عنوان سان ڪھاڻي ۾ ان معصوم ٻار جو ذڪر آھي، جيڪو ادارن جي بيحسي جي ڪري ڪُتن جي ڏاڙھڻ جي ڪري مري ٿو وڃي. "گوشت ورھائجي ويو" ڪھاڻي ۾ تلخ حقيقت بيان ڪئي وئي آھي تہ، ماڻھو قرباني جي نالي ۾ پنھنجا فرج گوشت سان ڪيئن ٽا پرين؟! "ڇڪ پنڊ کي.... " ڪھاڻي ۾ ان قرضي جو درد آھي، جيڪو نسلن کان قرضي رھندو پيو اچي ۽ وياج خور واپاري کيس ٻنھي ھٿن سان ڦُريندا رھن ٽا. "اندازو لڳاء....! " ڪھاڻي ۾ دوائن جي ڪمپنين ۽ ڊاڪٽرن جي بيحسي جو ذڪر آھي، جيڪي رڳو مال ميڙڻ ۾ پورا آھن ۽ مريض پليٽن تڙپي تڙپي مرندا رھن. "فوتي ڪوٽا" ڪھاڻي ۾ انھي پيءُ جو ذڪر آھي، جيڪو سفارش ۽ پئسا نہ ھڻڻ ڪري پنھنجي پُٽ جي نوڪري لاءِ پاڻ کي خودڪشي ڪري ماري ٿو تہ جيئن فوتي ڪوٽا تي سندس پُٽ کي نوڪري ملي سگھي.

"لازمي سنڈي ھيئن پڙھائبي...." ڪھاڻي ۾ ھڪ سُنو طريقو ٻڌايو ويو آھي تہ، جيڪو خانگي اسڪول سنڈي نہ پڙھائي تہ، ان مان پنھنجي ٻارن جا سرٽيفڪيٽ ڪيرايو، ان احتجاج جي ڪري مجبور ٿي پاڻھي خانگي اسڪول وارا سنڈي پڙھائيندا. ھڪ ڪھاڻي ۾ ان مختيارڪار جو ٻہ ذڪر آھي، جيڪو امتحاني سينٽر تي دوري دوران پنھنجي پُٽ کي اچي نقل ڪرائي ٿو.

سو، اھڙي طرح ھن ڪتاب ۾ ان قسم جون خوبصورت مختصر ڪھاڻيون موجود آھن. جيڪي تمام سادي ۽ وٽندڙ عوامي بولي ۾ لکيل آھن. جيڪي يقينن پڙھندڙن جي سوچ کي جھنجھوڙيندیون.

**

ھڪ بھترين نقاد: جامي چانڊيو

جامي چانڊيو جڏھن بہ لکندو يا ڳالھائيندو آھي تہ، اُن مان سندس علم، فھم، گھري مطالعي ۽ مشاھدي جي خوشبوءِ ايندي آھي. پاڻ ھميشہ ھڪ متحرڪ ڪردار رھيو آھي ۽ ڪيترن ئي نوجوانن لاءِ رول ماڊل جي حيثيت رکي ٿو. سندس لکڻيون ۽ ليڪچر اتساھ جو سبب ھوندا آھن. جن مان سِکڻ ۽ پرائڻ لاءِ تمام گھڻو ڪجھ ملي ٿو. ھن وقت منھنجي سامھون سندس ڪتاب "ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج" موجود آھي. جنھن جو موضوع ادبي تنقيد آھي. ھن ڪتاب پڙھڻ سان اھو احساس ٿئي ٿو تہ تنقيد، ساڻ، حسد ۽ نفرت يا وري اجائي واھ واھ جو نالو ناھي. پر تنقيد اھو فڪري ڪم آھي، جنھن ذريعي نوان گس ۽ نيون سوچون سامھون اچن ٿيون.

ھن ڪتاب ۾ ادبي تنقيد جي حوالي سان جامي چانڊيي جا ليڪچر ۽ لکڻيون شامل آھن. جيڪي ھُن مختلف وقتن تي لکيون آھن. ڪتاب جي پھرين مضمون "ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج" ۾ نھايت ئي شاندار طريقي سان ادبي تنقيد جي مختلف پھلوئن تي روشني وڌي وئي آھي. ڪتاب جو ٻيو مضمون "ادب ۽ فن بابت غلط تصور ۽ مفروضا" جي عنوان سان آھي. جنھن ۾ انھن سمورن غلط تصورن ۽ مفروضن تي لکيو ويو آھي، جيڪي اسان جي ادبي دنيا ۾ عام آھن.

شيخ ايان جي شاعري بابت بہ هن ڪتاب ۾ ڪافي ليک موجود آهن، جيڪي ايان شناسائي ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

اُن کان سواءِ هن ڪتاب ۾ جامي چانڊيي پاران مختلف ڪتابن جا لکيل مهاڳ ۽ انهن جا تنقيدي اڀياس بہ شامل آهن. جن ۾ محمد ابراهيم جويو صاحب، رسول بخش پليجو صاحب، سراج صاحب، نادر بيگ، رياضت برڙو، مولا بخش چانڊيو ۽ غلام نبي مغل شامل آهن.

هن ڪتاب ۾ بہ مهاڳ شامل آهن. جيڪي ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب جا لکيل آهن. انهن ٻنهي مهاڳن مان مون کي وڌيڪ بهتر ڊاڪٽر غفور ميمڻ جو لکيل مهاڳ لڳو. جنهن ۾ هُن تمام فڪري انداز ۾ ڪتاب ۾ موجود لکڻين تي پنهنجو رايو ڏنو آهي.

ڪتاب جي ٻئڪ ٽائٽل تي رسول بخش پليجي ۽ ڊاڪٽر اسحاق سميجي جا رايا موجود آهن. جڏهن تہ ڪتاب تي فليپز تي ڊاڪٽر احسان دانش ۽ ڊاڪٽر فياض لطيف جا رايا موجود آهن.

هي ڪارائتو ڪتاب ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ڪيو ويو آهي.

**

هنج نہ آیا هیل

منهنجي هٿن ۾ سرواڻ سنڌي جي شاعري جو تازو ڇپيل ڪتاب "هنج نہ آيا هيل" آهي. دل چيو تہ ڪتاب بابت ڪجھ لکان، مون کي نہ شاعري جي قاعدن ۽ قانونن جي خبر آهي ۽ نہ ئي مان ڪو شاعر آهيان. بس رڳو هڪ پڙهندڙ جي ناتي جيڪا بہ لکڻي، نثر يا نظم، دل کي ڇهندو، پاڻ سان گڏ گڏ کڻي هلندو آهي ۽ حساس دلين ۽ سماج جي پيڙهيل طبقي جي نمائندگي ڪندو آهي سو وڻندو اٿم ۽ ان تي ڪجھ لکڻ لاءِ دل چوندي آهي. ڪتاب تي ڪجھ لکڻ کان پهرين هڪ مختصر ڳالھ لکڻ ٿو گهران، اها هي آهي تہ مان ذاتي طور تي ان خيال جو آهيان تہ ڪتاب پنهنجو خريد ڪري پڙهجي ۽ ٻئي کي بہ چئجي تہ پنهنجو وڻي پڙھ، اعزازي ڪاپي يا وري ٻين کان کڻي پڙهڻ جي اميد نہ رک تہ پلو آهي. ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ جو مزو ئي ٻيو آهي، هڪ تہ ان سان ماڻهو ان تي نوٽس وڌندو ويندو آهي ۽ ٻيو تہ ڪتاب سدائين لاءِ پنهنجي لائبريري جي سونهن ٿي ٿو پوي. ان سان گڏوگڏ جيڪو ماڻهو ڪتاب ڇپائي ٿو تہ ان جي بہ همت افزائي ٿئي ٿي. سو سرواڻ جي ڪتاب جي حوالي سان مون کي ذاتي طور تي هڪ تہ اها خوشي ٿي جو هن پاران ڪنهن کي بہ ڪتاب جي ڪاپي تحفي طور ڏيندي نہ ڏٺم. نہ تہ اڪثر سوشل ميڊيا تي اهو ٽرينڊ آهي تہ ڪتاب ڇپائي دوستن ۾ ورهائي تصويرون ڪيو. مجال آهي جو ساجاھ وند پنهنجا پئسا پري خريد ڪري پڙهن. ٻيو تہ جڏهن بدين شهر جي تقريباً سمورن بڪ اسٽالن تي هن ڪتاب جون رکيل

ڪاپيون وڪرو ٿي ويون، اھو مون پاڻ بڪ اسٽالن وارن کان پڇيو تہ ھنن ڇيو تہ ڪتاب جون ڪاپيون ختم ٿي ويون آھن، ڇئو تہ توھان کي گھرائي ڏيون..... اھو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي تہ سنا ڪتاب اڄ ہہ ماڻھو پڑھن ٿا. ائين ھي ڪتاب حيدرآباد مان موھن مدھوش کان ونڊي پڑھڻ لڳس....

ھاڻي اچون ٿا ڪتاب طرف تہ ڪتاب جو ٽائيٽل ہہ اندر ۽ لھي ويندڙ آھي جيڪو نعيم خان ديسوالي ڊزائين ڪيو آھي ان خوبصورت تصوير سان جيڪا سائين حفيظ ڪنير جي آرٽسٽڪ اک جو ڪمال آھي، نريڙي جي ادس ڏنڊ مٽان لھندڙ سج.....

پياري موھن مدھوش جي ڪويتا پبليڪيشن پاران ڇپايل، موھن جي ٻين ڇپايل ڪتابن وانگر ھي ڪتاب ہہ انتھائي خوبصورت آھي. ھن ڪتاب ۽ دلفريب غزل، نظم، ترائيل، ھائيڪا، گيت، لولي، وايون ۽ بيت شامل آھن. سرواڻ جي لکيل انھن سمورن صنفن ۽ مون کي سنڌ جي مٽي جي خوشبوء ۽ محبوبا جي مرڪ جي ڪوملتا محسوس ٿي....

ھن سھٽي ڪتاب جو مھاڳ نالياري شاعر نقاش علواڻي لکيو آھي. سندس لکيل مھاڳ روايتي مھاڳن کان بلڪل مختلف آھي جن ۽ رڳو شاعرن ۽ ليکڪن جي واکاڻ ٽيل ھوندي آھي تہ بس علم ۽ عقل تہ اڇي اتي ڇيھ ٿو ڪري. اھڙو غير جانبدار، ھن وقت اسان جي شاعرن ۽ شاعري جي حالت، ڪيترائي سوال اڻاريندڙ، سوچڻ ۽ ڪجھ ڪرڻ لاء اتساھيندڙ مھاڳ نقاش جھڙو گھڻ پڑھيو ماڻھو ئي لکي سگھي ٿو.....

نقاش لکي ٿو تہ "اسان اڄ ہہ اتي ٻينا آھيون جتي ڪابہ ڳالھ ڪلي نموني نہ ٿي ڪري سگھجي، جتي اظھار جي آزادي جا

علمبردار پنھنجي موقف جي عملي نفي ڪندي نظر ايندا آھن. جتي عورتن جي حقن جا علمبردار اڳواڻ ٻين کي عورتن جا حق ڏيڻ جي ڳالھ ڪندا پر پنھنجي گھر جي نہ! ھتي ڪنھن بہ معاملي تي کلي ڳالھائي نٿو سگھجي نہ سماج تي، نہ قوم تي، نہ مذھب تي، نہ رياست تي، نہ سياست تي..... نہ ئي وري زندگي تي، زندگي رڳو ساھ کڻڻ جو نالو تہ ناھي....."

سرواڻ جي شاعري بابت نقاش لکي ٿو تہ "بجاءِ ان جي آڻ روايتي انداز ۾ سرواڻ جي شاعري بابت پڙھندڙن جي راءِ ناھڻ يا پڙھندڙن تي پنھنجي راءِ مڙھڻ جي ڪوشش ڪريان ۽ نہ ئي وري ڪو سندس تعارف ڪرائڻ جي ضرورت آھي سو ھاڻ اھو پڙھندڙ تي ئي ڇڏيون ٿا تہ ھو سندس ذات کي ڪتابي صورت ۾ ھئين سان ڪيئن ٿا ھنڌائين؟؟!!!"

سو ھڪ پڙھندڙ جي ناتي مون کي تہ سندس سموري شاعري قھر جي لڳي. خدا جو شڪر آھي جو سنڌ شاعرن جي حوالي سان پاڻيري آھي، سو پاڻ وٽ ھر ماڻھو شاعر ٿيو پيو ھلي، پر اڪثر شاعرن وٽ خيالن جو ورجاءُ، مطالعي ۽ مشاھدي جي ڪوٽ محسوس ٿيندي اٿم. اڪثر يارن وٽ رڳو عورت جي چولي، چپن، چاڪن، چڱن، چوٽي ۽ چال ڪانسواءِ ڪجھ بہ ناھي ھوندو ۽ گھٽن لاءِ وري سموري دنيا محبوبا جي زلفن ۽ بوتل ۾ سمايل ھوندي آھي بس..... باقي دنيا ڏوڙ ٿي وڃي تہ پلي وڃي سندن چا.....!!!!!

سو سرواڻ وٽ سنڌ جي رڳو سورن جو ذڪر ناھي پر سنڌ جي سونھن جو بہ ذڪر آ، جيڪو اتساھيندڙ آھي. سرواڻ ٻين وانگر مٿو نٿو پٽي تہ فلاڻا اسان جي تباھي جا ذميوار آھن پر

سرواڻ تہ پنھنجي شاعري ۾ انھن دشمنن کي وڏي بي باکي سان للڪار ٻہ ڪري ٿو.

سنڌ تہ ڪائي سرتي ناھي جيڪا ڪنھن وٽ سام ڪندا
ڪانئر ماڻھو ڪيسين تائين ڌرتي کي نيلام ڪندا؟

سنڌ سان محبت جو اظھار ھن طرح ڪري ٿو

ملڻو تہ آ مٽي سان، ڪھڙي گھرون حياتي
سنڌڙي اڳيان سدائين پنھنجو آ سر نوايو.

يا وري سندس ھي ستون جن ۾ ٻہ ظالم جي ظلم جو ذڪر آ

جنھن ديس ۾ حسين سان جھيڙو رڳو ھجي
تنھن ديس جو يزيد ئي سمجھو سفير ھو.

سندس رومانٽڪ انداز ٻہ غضب جو آھي

ھن کي پريون ٽا پاڪر، ڪڙڪا جسم ڪري ٿو
شيشي جيئان پڄي پئي پنھنجي ھٿن سان ميڙيون.

ور جي اوسيڙڙي ۾ بينل وني جي درد کي لفظن ۾ ھن ريت اوتيو اٿس

نمورين کي پٽي گھوٽي، چڳن مان چيڙھ ڇاڻي ٿي
پڄي ٿي ھر مسافر کان ڪٽي آ ور ٻڌائي ڪو.

سندس رواني جو ھي انداز ٻہ نرالو آ

ھر ھر گھٽي ۾ پاڻ ٻئي اڪثر مليو وجون
توکي ڏسان، پاسو ڪيان ۽ گُھت ھٽي وڃان!!

ٻين جي احساسن جي قدر جي ڳالھ ڪجھ ھن طرح ڪري ٿو

تون پلي ڪنهن لاءِ ڪو اوڇڻ نہ ٿي
پر پکين جو درد، داڻو ٿي ميان.

طبقاتي نظام جي ظلم جي عڪاسي سندس هنن ستن ۾

شريفن جون ڪافر نياڻيون ڏنيون
اميرن جا قاتل نياڻا بہ واھ

پکين جھڙي معصوم مخلوق جو خون ڪندڙن کي هن طرح لکي ٿو

پکين کي پليتن، بندوقون هنيون
بکيا سي اويلا اڏاڻا بہ واھ

بک، بحالي ۽ غربت جي گھاڻي ۾ پيڙھنجندڙ سماج جي هڪ فرد جي پنھنجي خدا کان گھرجندڙ هڪ انوکي دعا ، جنهن ۾ هڪ لاچار پيءُ جو درد اوڙڪُون ڏيئي وسندي نظر اچي ٿو

مالڪ ٿورو ٻار وڏا ڪر وقفي سان
هڪڙي ڪالھ اڻاري، ٻي سامائي آ

پنھنجي رمز ۾ رھڻ واري ڪيفيت تي لکي ٿو

مان ٻني بنجر نہ مون کي ڪيڙ تون
بس فقيرن کي نہ ھاڻي چيڙ تون.

ٿر جي سونھن لاءِ لکي ٿو جنهن مان سندس سنڌ سان پيار صاف نظر اچي ٿو

ڪيتريون ڪونڊيون ڪنون ٻڪراس تي
چڏ ڪٽي ڪاغان پوڏيسر هلون

رات کان بادل صفا ناھن ستا
ھل ۽لا اڏري ٿا ھاٽي ٿر ھلون
سنڌو جي سڪل پيٽ تي لکي ٿو
ھيل اڏامي واري ڪيڏي
ٻوڏ ھُئي پرسال نديءَ ۾
سھاڳڻ جي اندر جي آنڌ مانڌ ۽ جذبن کي ھن طرح لفظن جو روپ ڏنو اٿس
ڏينھن جو تارو چڙھيو ۽ رات جي چوري ٿئي
ڪنھن سھاڳڻ چيچ لوڏي ڪانڌ جاڳايو پئي
گندي تي پرت پرڻ جي سندرتا بابت
گھٽن جي دلين کي ليائي ويو
گندي تي پڪو پرت تنھنجو پرڻ
چنڊ کي گرھڻ ڪيئن لڳي اھو ھن طرح،
رڃ ناھي، رڃ ناھي، وار کولي آ ستي
چنڊ کي گرھڻ لڳي وئي ڪيترو آ بيقرار
چوڪرين جي ڇيڙگرائي تي لکي ٿو
ٻيل گاڏي ڇڇوريون وڏيون چوڪريون
دانھن ڪيڏي ڪيائون ٿي ڇيڪاٽ تي
بي حيائي جي انتھا تي پڳل معاشري لاءِ لکي ٿو
ارھ کي اکين سان پٽي ٿو ونڻي
اڇي چوڪريون راڄ مان ڇو مُنيون؟؟
سنڌ لاءِ اميد جو احساس

هر روز سنڌ کيئي ڏاهر ايا ڄڻي ٿي
دودا ۽ کوڙ آهن ٻاگهل ايا ۽ آهي.

بي ترتيبي جو ذکر کجهه هن طرح
پاڻ اڻيا وار آهيون، کيترو ترتيب ڏيندين؟
رول ۽ بيڪار آهيون، کيترو ترتيب ڏيندين؟

سنڌ جي غدارن لاءِ لکي ٿو:

هي ٻيٽ نہ آ پر سنڌڙي آ
غدار سدائين پڌرو آ
پوءِ مير هجي يا پير هجي

ٻيٽ ڏٺي جو ذکر کجهه هن طرح کري ٿو
پوري قوم سڏڻ ۾ پوري
کنهن جا کنهن جا سڏ ٻڌي؟
کنهن لاءِ کنهن لاءِ لڏ کڻي
ٻيٽ ڏٺي پي ڦاٽو آهي

قبلا سائين لاءِ لکي ٿو

قبلا سائين!!
تنهنجو گهر آ شيشي جهڙو
تون ڇا بک پرم جي ڄاڻي ؟
ٽاڏل تنهنجي اڄ اجهائي
مون سان منهنجو پيٽ بکيو آ
کتي کاڻيم چيٽ ڏکيو آ.....

لولي ۾ ماءُ جي ممتا ڏسو!!

ماڻڪ آھين، موتي آھين، منھنجو سپ ڪِي تون
سانول آھين، سويو آھين، روز ڪريان باسون
تون جو ڪيڏي ميرو ٿين ٿو ڪپڑا کوڙ مٽيان
اولڙ گھولڙ ٿيان ٻچي تان اولڙ گھولڙ ٿيان

جند جھڙي سنڌ لاءِ
پھرين پنھنجو پاڻ کي مون ھُئي ارپي سنڌ
تنھن کان پوءِ جند، سندر لڳي ڪيتري

سو دل تہ چوي ٿي تہ سرواڻ جي ڪتاب جي سموري شاعري توھان سان وندِ ڪندو وڃان پر اھو ٻہ احساس اٿم تہ ھر ھڪ پڑھندڙ ڪيس پنھنجي اندر جي اک سان پڑھي تہ بھتر آ. منھنجي اھا خواھش ۽ اميد آھي تہ سرواڻ جا ڪتاب اڳتي ٻہ ايندا رھندا ۽ نيڪ تمنائون تہ سدائين اھڙي بي باڪي ۽ رواني سان لکندو رھي ۽ اسان جي دلين جي ترجماني ڪندو رھي.

**

سنڌي سماج جي عڪاسي ڪندڙ بلاگز

ڪجھ ماڻھو پيشي جي لحاظ کان ڪنھن ھڪ شعبي سان لاڳاپيل ھوندا آھن پر ھو پنھنجي وسيع مطالعي ۽ مشاھدي ذريعي گھڻن ئي شعبن تي نہ رڳو نظر رکندا آھن پر انھن ۾ ڪافي معلومات ۽ مھارت بہ رکندا آھن. اسان جو محترم عبدالرحمان پيرزادو صاحب بہ انھن ماڻھن مان ئي آھي. پاڻ پيشي جي لحاظ کان تہ پبلڪ ھيلٿ جا ماھر ڊاڪٽر آھن پر پاڻ ھن ٽوڙ ڦوڙ جي شڪار ٽيل ڪيترين ئي بيمارين جي ور چڙھيل سماج تي ھر پاسي کان نظر رکن ٿا، نہ رڳو نظر رکن ٿا پر پنھنجي اندر جي احساسن کي لفظن جي روپ ۾ ٻين ماڻھن تائين بہ پھچائين ٿا. منھنجي سامھون ھن وقت سندن ڪتاب "ڳالھيون پيٽ ورن ۾" آھي. جنھن ۾ پيرزادي جا مختلف وقتن تي سوشل ميڊيا ذريعي لکيل بلاگز شامل آھن

عبدالرحمان پيرزادو مونکي جھڙي طرح پنھنجي عملن مان بيباڪ لڳندو آھي بلڪل ساڳي طرح پاڻ مونکي پنھنجي لکڻين ۾ بہ بيباڪ لڳي ٿو. بغير ڪنھن رک رکان جي يا انھيءَ سوچ جي تہ سامھون وارو ناراض ٿي پوندو پاڻ پنھنجي دل جي ڳالھ لکي ڇڏي ٿو.

عبدالرحمٰن پيرزادي صاحب جي بلاگز کي جڏھن پڙھجي ٿو تہ انھيءَ ۾ اسان کي تمام گھڻا موضوع بحث ھيٺ ايندي نظر اچن ٿا جنھن ۾ مذھب، سياست، سائنس، تعليم، صحت، زراعت، ادب، آرٽ، محبت، ماحوليات، نفسيات ۽ تاريخ سميت ٻيا بہ ڪجھ موضوع شامل آھن .

سندن زراعت جي حوالي سان بلاگز پڙھجن ٿا تہ انھن ۾ پاڻ پورھيت ڪلاس جو نمائندو ٿيندي، سندن جائز حقن جي ڳالھ ڪري ۽

ساڻن ٿيندي ظلم ۽ ناانصافين کي پرپور انداز ۾ نندي ٿو. پورهيت جو استحصال ڪندڙ ڏرين تي ٻہ بي خوف ٿي لکي ٿو. هن جاگيرداري ۽ سرمائيداري جي ور چڙهيل سماج ۾ عورتن سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ ڏاڍ تي ٻہ لکي ٿو. انهي حوالي سان پاڻ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ سنڌي سماج عورت دوست ڪيئن ٿيندو؟ جڏهن نالي چڙهيا ترقي پسند سمجهيا ويندڙ اديب ٻہ جيڪڏهن عورت دشمن هوندا تہ بنياد پرستن مان ڪهڙي اميد؟ هاڻي سوچجي تہ پيرزادي صاحب جو اهو سوال تمام وڏي معنيٰ ۽ گهرائي رکي ٿو. اسان وٽ هر ماڻهو جي اها رڙ آهي تہ سماج ۾ ڪرپشن آهي. پيرزادو صاحب انهيءَ ڪرپشن جو بنياد سرمائيداراڻي نظام کي سمجهي ٿو. پاڻ لکي تو تہ سرمائيداراڻي سماج سماج ۾ معاشي سرشتي جو بنياد ئي ڪرپشن تي ٻڌل آهي انهيءَ مان سماجي، معاشي يا طبقاتي انصاف جي اميد رکڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي. پاڻ زرعي سماج ۽ جاگيرداراڻي سماج جي فرق کي ٻہ بيان ڪري ٿو. صحت جو موضوع ٻہ انتهائي اهم آهي. انهيءَ تي ٻہ هن جي ڪتاب ۾ ڪافي بلاگز موجود آهن. جن ۾ پوليو، ٻکين جي پيوند، غذائي کوٽ، مدي جي بخار، عالمي وبا ڪرونا ۽ ٻارن جي مختلف بيمارين جي علاج ۽ احتياط بابت ڪافي ڪارائتيون صلاحون موجود آهن. پيرزادو صاحب پاڻ هڪ نظر و ضبط وارو ماڻهو آهي سو پاڻ صحت ڪارڪن جي ڊريس ڪوڊ تي ٻہ لکي ٿو ۽ سندس خيال آهي تہ اسپتال ۾ موجود عملي کي مخصوص پوشاڪ ۾ هجڻ گهرجي، پاڻ صحت ۽ فاصلاتي تعليم جي موضوع تي واقعاتي تعليم، مراسلاتي تعليم۽ تعليم جي عنوانن سان لکي ٿو. اهي بلاگز پڙهڻ سان اسان کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويندي تہ اسان وٽ آن لائين تعليمي نظام ڪيڏو ڏکيو آهي؟ انهيءَ ۾ ڪهڙا مسئلا سامهون اچن ٿا؟ جڏهن تہ اسان وٽ هرڪو بغير سوچڻ سمجهڻ جي انهيءَ ڳالهہ تي زور پيو ڏي تہ تعليم آن لائين هجي جديد دور آهي. پاڻ مجموعي طور تي سنڌ جي تعليمي معيار تي ٻہ لکي ٿو. پاڻ صحتمند سنڌ جو

خواهشمند آهي. منهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ سنڌ جو تعليمي معيار هٿ وٺي خراب ڪيو پيو وڃي، انهن سببن. کان پيرزادو صاحب بخوبي واقف آهي پوءِ بہ اها سندن سوچ آهي جو پاڻ انهيءَ معيار کي وقت سان بهتر ٽيندي ڏسي ٿو جنهن جي مثال ۾ هو پنهنجي تعليم کي اولاد جي تعليم سان پيٽي ٿو. پان اظهار جي آزادي جي اهميت کي سمجهندي چوي ٿو تہ ماڻهن کي سوال ڪرڻ ڏيو. اچو تہ سوال ڪريون. يا وري موجوده ٽيندڙ جڳاڙي صحافت تي بہ لکي ٿو. سندس موقف آهي تہ تنقيد بہ ڪا برائي ناهي. موسمي تبديلين ۽ انهن جو ماحول تي پوندڙ اثر بہ هڪ اهم موضوع آهي جنهن تي "چيٽ چمڪيو نہ پلو" ۽ جي مينهن وسي چيٽ تہ ان نہ ماپي کيت جي نالي سان بلاگز لکيل آهن.

مان جڏهن هي بلاگز پڙهندو ٿو وڃان تہ سچ پچو تہ مونکي هي شاعراڻو نثر ٿو لڳي. ٻولي جي خوبصورتي کي بہ ڪمال سان برقرار رکيو ويو آهي. اسان جي لوڪ ڏاهپ، صحتمند روايتون ۽ انهن جا حوالا بہ هنن بلاگز ۾ ملن ٿيون.

هنن بلاگز ۾ ٻڌائي جي سرن ۽ سورمين جو ذکر بہ آهي ۽ هڪ اهم سوال بہ بحث هيٺ آيل آهي عبدالطيف ٻڌائي کي سرڪار ڇو چوندا آهن انهيءَ حوالي سان ليڪڪ لکي ٿو، منهنجي ذاتي راءِ ۾ لطيف ان وقت جي حڪمرانن سرڪار سان برسريبڪار هيو، پٽ واري علائقي ۾ سندس قيادت ۾ هڪ متوازي سراڪر هئي. ان مزاحمت دوران سندن مزاحمت جي ساٿين کي فقير خطرناڪ مهم تي ويندڙ کي گهوٽ ۽ پنهن جي اڳواڻ لاءِ سرڪار جو محقق استعمال ڪندا هئا. ان ڪري لطيف سرڪار جو استعمال لطيف جي فقيرن ۾ هيو جيڪو بعد ۾ ادب ۾ آيو آهي هي اهڙا سوال آهن جن تي سائنسي انداز ۾ تحقيق جي ضرورت آهي سڀ کان اهم ڳالهہ تہ اسان جي سماج ۾ اهو مرض عام آهي تہ هر بن مهينن کان پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن اشو کي کڻي ماڻهن جو اصل مسئلن

تان ڏيان ھٽايو ويندو آھي. پيرزادي صاحب انھي تي ڏاڍو پلو لکيو آھي تہ ھروپرو ڇو ٿا پنھنجو وقت بي مقصد بحثن ۾ وڃايو سنڌ جو ورھاڱو ممکن ئي ڪونھي.

معروضي حالتون ۽ اھڙي ڪم لاءِ مناسب ڪونھن مھرباني ڪري ماڻھن کي حقيقي مسئلن کان آگاھ ڪريو جن ۾ سڀ کان وڏو مسئلو پانت پانت جي شڪلين جي بنياد پرست سياسي جماعتن جو پيدا ٿيڻ جو آھي.

زرعي سڌارا_ جاگيرداري جو خاتمو
رياست طرفان تعليم جا موقف
رياست طرفان صحت جون سھولتون
پاڻي خاص ڪري پيئڻ جو پاڻي
وڏندڙ آبادي جو مناسب تدارڪ
وڃڻندڙ بيمارين کان اڳوات بچاءَ
ماحول جي حفاظت
سنڌو درياءَ جو جياپو
ٻيلن جي زندگي
شاگرد، ھاري، مزدور کي تنظيم سازي جو حق

ياد رکجو طبقاتي سماجن ۾ جيڪڏھن وڌيڪ صوبا ناھڻ يا موجوده وحدتن کي ٽوڙڻ جھڙو ڪو قدم کڄي ۽ ٿو تہ اھو صرف ۽ صرف عالمي ۽ ملکي مراعت يافتہ طبقي جي حق ۾ ھوندو. ھاڻي ڏسو تہ ھي ڪيڏو نہ اھم بلاگ آھي ھن وقت جڏھن ھي شيون لکي رھيو آھيان انھيءَ وقت ۽ اسان جي چوڌاري اھڙا ڪٽراڱ جاري آھن

پيرزادو صاحب ترقي پسند سوچ رکندڙ شخص آھي سو پاڻ اليڪشن ذريعي ايندڙ عوامي حڪومتن جو حامي آھي ۽ انھن ۾ سڌارن جي حوالي سان صلاحون ۽ ڏي ٿو. پاڻ آزاد اميدوار جي خلاف آھي.

جيڪو سرسي ڏسي عوام جي ووٽن جو سودو ڪري ٿو ڇڏي. پيرزادو صاحب چوي ٿو ته ووٽ شخص کي نہ پر پارٽي کي ڏيو.

اسان جڏهن هي بلاگز پڙهون ٿا ته اسان کي اهو احساس ٻہ ٿئي ٿو ته سوشل ميڊيا جو درست استعمال ڪيئن ڪجي؟ پيرزادي صاحب انهيءَ جو پرپور استعمال ڪندي هن بلاگز ذريعي عوام ۾ شعور ۽ آگاهي جي عمل کي جاري رکيو آهي جاڪا ڏاڍي ڀلي ڳالھ آهي.

هاڻي ايترن سارن موضوعن تي لکڻ سان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته عبدالرحمان پيرزادو صاحب انتهائي حساس ماڻهو آهي جنهن کي ٿوري ٻہ بي ترتيبي نٿي وڻي ۽ پاڻ ان خلاف پرپور احتجاج ڪري ٿو. جنهن جو مثال هي بلاگز آهن. پيرزادي صاحب اهو ڏاڍو ڀلو ڪم ڪيو آهي جو پنهنجي هنن ڇڙوڇڙ بلاگز کي هڪ هنڌ جمع ڪري ڪتابي شڪل ڏني آهي انهيءَ سان اهو فائدو ٿيندو جو اسان سنڌي سماج جي موجوده اصل چهري کي ڏسي سگهنداسين. ڇو ته هي سنڌي سماج جي عڪاسي ڪندڙ بلاگز آهن مان ونهنجي اها خوشنصيبي ٿو سمجهان جو پيرزادو صاحب مختلف وقتن تي منهنجي ٻہ ترتيب ڪندو رهيو آهي سو پنهنجي محسن جي ڪتاب تي ٻہ اکر لکڻ کنهن اعزاز کان گهٽ ناهن مون کي اميد آهي ته هي بلاگز هر باشعور پڙهندڙ کي سندس دل جي ڳالھ لڳندي ۽ ڪجھ پڙهندڙن کان شايد هضم ٻہ نہ ٿين.

**

جي تو اڃا نہ ڄاتو

محترم نور احمد جنجهي صاحب مسلسل ۽ ڪارائتو لکندڙ ادبي ماڻهو آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ سندس ڪتاب "جي تو اڃا نہ ڄاتو" ڇپيو آهي. جنهن جو موضوع عالمگيريت آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ 27 مضمون شامل آهن. جن ۾ عالمگيريت جي وصف ۽ ان جي مختصر تاريخ، عالمگيريت جا اوزار، انهيءَ جا اثر، انهيءَ سموري پس منظر ۾ اسان جي سماج جي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ تعليمي صورتحال جهڙن اهم موضوعن تي مضمون پڙهڻ لاءِ ملن ٿا.

عالمي وبا ڪورونا جو ذڪر بہ اثرائتي انداز ۾ ڪيل آهي. جنهن کي ليکڪ "ڪورونا جو ڪوڪڙ" جو نالو ڏنو آهي.

نور احمد جنجهي صاحب عالمگيريت جا جيڪي روپ بيان ڪري ٿو، انهي ۾ سڀ کان خطرناڪ روپ "ڪارپوريٽ عالمگيريت" کي سمجهي ٿو. هاڻي اسان جڏهن پنهنجي چوڌاري مشاهدو ڪيون ٿا تہ، واقعي ائين ئي آهي. ترقي جي نالي ۾ هر قسم جي تباهيءَ جاري ۽ ساري آهي. اسان جي سماج جي ويتر حالت خراب آهي. نور احمد صاحب جا هي ليک پڙهندي سوچيندو رهيس تہ، ڪاپوريٽ مافيا ڪيئن نہ ماڻهن کي سبز باغ ڏسي، پنهنجي وکر جو عادي ڪري فطرت کان نہ رڳو پري ڪري رهي آهي پر فطرت دشمن ڪري رهي آهي. ڪهڙو بہ شعبو کڻو، سو انهي مرض ۾ ورتل آهي. اسان جو سماج زرعي سماج آهي، جنهن جي گهڻي آبادي جو گذران زراعت تي آهي. هاڻي انهيءَ زراعت جي شعبي ۾ هائبرڊ بج، ڪيميائي پاڻ ۽ دوائون، جنسن جو

وقتائتو، جائز ۽ مناسب اڳھ نہ ملڻ، پاڻي جي ھٿرادو کوٽ سميت انيڪ مسئلا پيدا ڪري آبادگار ۽ پورھيت کي پنڊ تي مجبور ڪري ڇڏيو آھي. ٿورو سوچيو تہ، سموريون زرعي دوائن ۽ پاڻن جو ڪمپنيون، ملز مالڪ، وڏا سيٺيا ۽ انھي وکر جي پروموشن ۽ مشھوري ڪندڙ مخلوق ڏينھون ڏينھن مچي مواڙ ٿي رھي آھي، ٻاھرين ملڪن جا دورا ڪري رھي آھي، بنگلا نھرائي رھي آھي، وڏين گاڏين ۾ گھمي رھي آھي ۽ ٻئي پاسي جيڪو ھاري آھي، اُھو اٽي لپ لاءِ پريشان آھي. ھاڻي ھن ماڻھن کي رڳو ڪپي چمڪ ڏمڪ ۽ ڏيکاءَ! نتيجي ۾ اسان جي جيڪا ماحولياتي، سماجي ۽ اقتصادي تباھي ٿي آھي. انھي تي ڪنھن جي بہ ڪن تي جونءِ نٿي سُري. اھي ھائبرڊ ٻج جا اناج ۽ پاڃيون ڪائي ماڻھو مختلف بيمارين ۾ ورتل آھن. جيڪي جانور وري اھي گاھ ڪائين ٿا، سي بہ بيمار ۽ پوءِ وري انسان انھن جو ڪير ۽ گوشت استعمال ڪري ٿو. اھڙي طرح سڄي food chain مرضن ۾ ونجي ٿي وڃي.

ھاڻي وري بيمارين جو ذڪر ٿيو آھي تہ ياد آئي ھتي جي اڃوڪي ميڊيڪل سائنس. جنھن ۾ ھڪ ڊاڪٽر جي اخلاقيات اِھا آھي جو پھرين اسپتال ۾ فيس جمع ڪرائبي پوءِ علاج ٿيندو. مريض مري ٿو تہ پليئن مري وڃي، اِھو آھي عالمگيريت جو عڪس. جنھن ۾ عوام کي ڏسڻ لاءِ عوام جي خدمت جو slogan استعمال ٿئي ٿو پر ان جي برعڪس عوام کي ڪاسائي وانگر ڪُھجي ٿو. ھاڻي اِھو درد جو داستان بہ ڏِگھو آھي. جنھن ۾ نقلي دوائون، مھانگيون دوائون، ٻار جي نارمل جم کي آپريشن ۾ تبديل ڪرڻ سميت انيڪ ڳالھيون اچي وڃن ٿيون. ظاھر آھي جيڪي ماڻھو ڪروڙين روپيا لڳائي وڏا ميڊيڪل ڪامپليڪس نھرائين ٿا. انھن

۾ مقصد رڳو مال ڪمائڻ آھي. مريض سان ڪين ڪا بہ همدردي ناھي.

مٿي ذڪر ٿيو اخلاقيات جو، سو اخلاقيات تہ ايندي بھتر تعليم سان. وري ڏسون ٿا، اسان جي تعليمي حال کي تہ، اندر سڙي ٿو وڃي. نور احمد جنجھي جنھن ڪارپوريٽ عالمگيريت جو ذڪر ڪري ٿو، انھي جو مثال اِھو ٿي سگھي ٿو تہ، ھڪ غريب جو ٻار جنھن جي مادري زبان سنڌي آھي پر ان کي بہ ھڪ ڪُڌي جھڙي ٻارن سان ستيل خانگي اسڪول ۾ آڪسفورڊ جو syllabus خريد ڪرڻ لاءِ چيو ٿو وڃي. ھاڻي اسان جو ماڻھو انھيءَ ۾ خوش تہ منھنجو ٻچو آڪسفورڊ جا ڪتاب پيو پڙھي. حقيقت ۾ جيڪي نہ اسان جي سماجي حالت سان نھڪن ٿا ۽ نہ ئي اُتي موجود ويچاري استاد کي پڙھائڻ اچن ٿا. ان ۾ استاد جو ڏوھہ ناھي، جڏھن تعليم ڪاروبار ٿي وڃي تہ پوءِ اُھو ويچارو رڳو پنھنجو پيٽ گذر ڪندو، ٻيو ڇا ڪندو! ھاڻي انھي منظر ۾ اسان جي جيڪا ثقافتي، سماجي ۽ تعليمي پينگ ٿي آھي، ان جو ڪاٽو لڳائڻ سان زمين پيرن ھينان نڪري ٿي وڃي. ٻار نہ پنھنجي ٻولي ٿو سکي سگھي ۽ نہ ئي ڪا ٻي ٻولي سکي سگھي ٿو.

عالمگيريت جو ھڪ ٻيو پيانڪ پاسو آھي صنعتڪاري. جنھن کي ترقي جو تہ نالو ڏنو ٿو وڃي پر انھي ذريعي سرمائيدار ھڪ طرف پورھيت جو استحصال ٿو ڪري تہ ٻئي طرف ماحولياتي تباھي جو وڏو ڪارڻ ٿو ٿئي. نتيجي ۾ ھاڻي مشين ماڻھو کي replace پئي ڪري. ھاڻي ڳوٺن ۾ بہ ڪيڙي ڪان ويندي لاباري تائين، لاباري ڪان ويندي جنس مارڪيٽ تائين پھچائڻ سميت سڀ ڪم مشين ٿي ڪري. ھاڻي في الحال تہ ماڻھن کي

سبز باغ ڏسي خوش ڪيو پيو وڃي تہ جلدي ڪم پيا ٿين. اسان جو عام ماڻھو ٻہ مشين کي لابارو ڪندي ڏسي گد گد پيو ٿئي پر ڪيس خبر ئي ناھي تہ سندس روزي تي لت پئي اچي. اِھي آھن خوفناڪ ڪارپوريٽ عالمگيريت جا رنگ، جيڪي انسان جي زندگيءَ کي بي رنگ ڪرڻ جي ھر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا. جنجھي صاحب عالمگيريت جا اثر بيان ڪندي لکي ٿو تہ عالمگيريت انھي ڇڪر ۾ آھي تہ دنيا ثقافتي طور ھڪ ٿئي تہ جيئن شيون ناھڻ ۽ وکٽڻ آسان ٿين. بلڪل انھي جو ئي نتيجو آھي جو اسان وٽ ثقافتي تضاد جنم ورتو آھي. جيڪي شيون اسان لاءِ آھن ئي ڪونہ، سي ٻہ اسان جي ڪچي ۾ وجھي، اسان کي انھن جو عادي ڪري ۽ پوءِ دنيا ناٽو ڪمائڻ ۾ پوري آھي. نالو اھو ٿو ڏنو وڃي تہ، دنيا سُسي ھڪ ننڍڙو ڳونڙو ٿي وئي آھي. پر اھو ڪير ٻہ نٿو سوچي تہ، انسان انسان کان ڪير ڏور ھليو ويو آھي. انسان ڪيئن فطرت دشمن ٿي پيو. انسان ڪيئن تيزي سان پنھنجا سماجي قدر وڃائي چڪو آھي. نتيجي ۾ انسان جي زندگي مان ھر ڀُسناڪي موڪلائي پئي ۽ رڳو نراسائي ۽ مايوسي جنم وٺي پئي. صفا ننڍڙو مثال ٿا ونون تہ، اڄ جي ماڻھو لاءِ موبائيل فون رشتن ناتن کان مٿي ٿي پيو آھي. ماڻھو وٽ پنھنجي اولاد، دوستن يا ٻين ماڻھن جي ڀَالھ کي ڏيان سان ٻُڌڻ جو وقت ناھي. ڏاڍي ڏک جي ڀَالھ آھي جو ماڻھو کان وڌيڪ مشين پياري ٿي پئي آھي. اِھا ڀَالھ اِھو ظاھر پئي ڪري تہ اڄ جو انسان ماده پرست ٿي بيحس ٿي چڪو آھي.

جنجھي سائين تہ پنھنجي سيني مضمونن ۾ عالمگيريت بجاءِ عالم پسندي جي پرچار ڪندي نظر اچي ٿو. اسان جي فڪري

رھبر ٻڌائي سائين جو ٻہ اھو ئي ٿہ فلسفو آھي ٿہ سمورو عالم آباد ھجي. اِھا ڳالھہ بلڪل درست آھي ٿہ عالم پسندي ئي اڄ جي انسان ۽ فطرت جي ٻلي ۾ آھي.

نظرين کان پڃائڻ جي عنوان سان ھڪ مضمون ۾ ليکڪ لکي ٿو ٿہ "نظرين کان پڃاڻان واري دنيا ۾ انسان ڏينھون ڏينھن جانورن جھڙي زندگي واري سماج ڈانھن ڈکجندا پيا وڃن جو وٽن نہ گھر گھاٽ آھي نہ پيٽ پري کائڻ جيتري ماني، نہ ئي مناسب علاج تائين پھچ. اھي سڀ ڳالھيون چڏيو کين پيئڻ جو صاف پاڻي ٻہ نصيب ناھي. ائين سڌرندڙ دنيا جي نالي ۾ نھال اھا غريب دنيا شاھوڪار دنيا جي ھڪ وڏي تجربيگاھ آھي، جنھن ۾ دوا، ٽِڪي گوري کان وٺي ھٿيار تائين ھر شيء آزمائي ٿي وڃي ."

جڏھن ھر شيء بازاري ٿي وڃي، ماڻھو ٻہ وکجڻ لڳن ٿہ پوءِ ڇا جا نظريا. نظرياتي ماڻھو ئي مري ويا ۽ ھاڻي رھجي ويا آھن لوڀي ۽ ٺوڳي. سو پيا دنيا کي ٺڳين. افسوس جھڙي ڳالھہ آھي جو انسان پنھنجو پاڻ کي سجاڻڻ چڏي ڏنو آھي. انھي ڪري دنيا جو امن ۽ سکون تباھہ ٿي چکو آھي. نور احمد جنجھي صاحب ڏاڍي ڏڪ سان اھو لکي ٿو ٿہ، انسان جا پنھنجا ڪرتوت ئي کيس تباھہ ڪن پيا. پاڻ لکي ٿو ٿہ "موچي جا گھڙيل موچي جي مٿي ۾ ٽا لڳن. انساني تاريخ رت سان رنگيل آھي. درندن ۽ سرٽن انسان جو ايترو رت نہ وھايوم ھوندو جيترو انسان پاڻ ھٿن سان منھن سائو ڪيو آھي."

ھي ڪتاب پڙھندي اِھڙا ڪيترائي جملا ملن ٿا، جيڪي لکڻ لاءِ دل چوي ٿي. جيئن "اھڙي ھيڃي اقتصادي سرشتي انسان مان

ماڻھپو ۽ فطرت سان پيار کيي منجھس مال ميڙڻ جي اُلي وجھي ڇڏي آھي .“

کورونا واري صورتحال کي ب سائين نور احمد نھايت ئي شاندار انداز ۾ بيان کيو آھي. انھي ۾ ب ليکڪ انساني اوٽاين جو ذکر کندي وري ب کيس حوصلي ۽ ھمٽ جو درس ڏئي ٿو. جيکا ڏاڍي پلي ڳالھ آھي. ھاڻي عالمگيريت جي تناظر ۾ کورونا کي ٿو ڏسجي تہ، اِتي ب سرمائيدار حاوي آھي. جيکو عام واھپي جي شين تي ب بي انتھا ۽ ناجائز منافعو ونڻ کان نٽو مُڙي. ماڻھو ايڏو وحشي ٿي پيو آھي جو کورونا جي نالي ۾ ملندڙ امداد جا پئسا يا سامان غريبن يا ضرورتمندن کي ڏيڻ بجاءِ پاڻ کائي ٿو وڃي. ان کان وڏي کا بي بيحسي ٿيندي جو دنيا کي سِر جي لڳل آھي پر سرمائيدار کي بس اھو فکر آھي تہ پنھنجي دولت کي کيئن وڌايان. پر منھنجي خيال ۾ ھي تہ دولت جي ڳالھ ناھي پر ھي ھر قسم جي دھشتگردي آھي. جنھن ۾ بغير کنھن محنت جي، پورھيتن جو رت چوسي مال گڏ کرڻ جي لوڙ لڳل آھي.

کورونا جي کري تمام گھٽا مسئلا پيدا ٿيا آھن. انھن ۾ تعليمي عمل جو جاري رھڻ ب وڏو مسئلو آھي. ھن وقت جڏھن ھي سِٽون لکان پيو ان وقت ب اسان وٽ تعليمي ادارا بند کرڻ جو فيصلو کيو پيو وڃي. ھاڻي فاصلاتي تعليم جي ڳالھ ٿئي ٿي پر اِھو اسان جي سماج ۾ ممکن نٽو لڳي. اسان جي اکثر اسکولن ۾ واش روم ناھي، پيئڻ جو پاڻي ناھي، ويھڻ لاءِ کا بينچ ناھي، بجلي ناھي. اُتي آن لائن فاصلاتي تعليم جي ڳالھ کرڻ مذاق ناھي تہ ٻيو ڇا آھي؟ اسان وٽ تہ تعليم مکمل طور تي تباھ ٿي چکي آھي. جنھن جو وڏو سبب اھو آھي جو اھڙا ماڻھو پاليسي

ناھڻ تي ويھن ٿا. جن کي تعليم جي ھڪ اکر جي بہ خبر ناھي. ھاڻي انٽرنيٽ، مختلف ڊوائيس ۽ لاڳاپيل ڪورس ھڪ غريب جي ٻار لاءِ ڪٿان اچي؟ ھتي جا حاڪم تہ اھا ڳالھ ڪندي ٽڪجن ئي نٿا تہ تعليم ھر ٻار جو حق آھي. ھاڻي اھو حق ڪيئن پيو ملي سان ڳالھ ڪرڻ ۾ ڪونھي. سچ تہ دل رت جا ڳوڙھا ٽي روئي.

نور احمد جنجھي صاحب ھن ڪتاب ذريعي ماڻھو کي ماڻھپي، فطرت دوستي، انسان دوستي، ڪتاب دوستي، شعور، فضيلت، اعلي انساني قدرن جو سبق ڏيندي نظر اچي ٿو. ڪتاب ۾ شامل مضمون پڙھندي اِھو بہ محسوس ڪري سگھجي ٿو تہ سائين جي مشاھدي جي اک ڪمال جي آھي. پاڻ پورھيت تي ٿيندڙ ظلم، ثقافت جي زوال، فطرت جي تباھي، انسانيت جي موڪلائڻ سميت انيڪ اھم ڳالھين جي نشاندھي ڪري ٿو.

ڪتاب جي ھڪ اھم ڳالھ اھا بہ آھي تہ ھن ۾ استعمال ٿيل ٻولي عام فھم، آسان ۽ رواني واري آھي. سائين نور احمد ھن ھيڏي وڏي موضوع تي دنيا جي ٻين ليکڪن جا حوالا ڏيڻ بجاءِ پنھنجا مشاھدا نھايت ئي شاندار انداز ۾ بيان ڪري ٿو. جنھن ذريعي ھو پڙھندڙ کي پڙھڻ تي مجبور ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو. مضمون ايترا وڌا بہ ناھن جو پڙھندڙ لاءِ بوريت جو سبب بڻجن. مناسب لفظن ۾ مناسب ڳالھ ٿيل ملي ٿي، جيڪا پڙھندي سُڻي لڳي ٿي.

نور احمد جنجھي صاحب ھميشہ نوجوانن کي ھمٿائيندو رھي ٿو ۽ کيس نوجوانن مان وڏيون اميدون آھن. تڏھن تہ ھن ڪتاب جي ارپنا بہ نوجوانن کي ڪندي لکي ٿو تہ "انھن نوجوانن

جي نالي جيڪي ڄاڻ جي عشق کي نہ رڳو ڄاڻن ٿا پر ڄاڻ کي سڪارج بہ ڪرڻ ڄاڻن ٿا.“

ڪتاب جو مھاڳ ”گلوبلائيزيشن جي بند گھٽي ۾ قاتل دنيا کي سجاڳ ڪندڙ سچ“ جي عنوان سان مير منصور مگريي لکيو آھي.

نور احمد جنجھي صاحب کي ھڻڙي شاندار ڪتاب جي شايع ٿيڻ تي واڌايون ھجن.

**

مٹل جسڪاڻي جو ڪتاب
"برسات ۽ ٻوڏ"

محترم مٹل جسڪاڻي صاحب جي ڪتاب جو ٽائٽل جڏھن منھنجي سامھون آيو تہ، مختلف برساتن سان وابستہ يادون، مشاھدا ۽ تجربا ذھن تي تري آيا. ٻُڌندا اچون تہ، "برسات رحمت آھي"، "ٻڏي جا ٻيڙا". ھر ڪنھن وٽ انھي حوالي سان پنھنجا پنھنجا دليل ۽ فلسفن جا حوالا آھن. پر سچي ڳالھ اھا آھي تہ، آئون اڄ تائين ناھيان سمجھي سگھيو تہ ٻڏي جا ٻيڙا ڪيئن آھن؟ ٻيڙن يا ٽيڙن ۽ چوڙن ٽيڙ جون ڳالھيون تہ ڏاولن جي واتان ٻُڌيون رھيون آھن. ھونئن بہ انھي مخلوق جا واقعي ٻيڙا جو آھن. چو تہ انھي آڙ ۾ سندن پيڙ پربا، امدادون ۽ فنڊ ملندا، خيراتون ملنديون. غريبن جي غريبي جي نمائش ڪبي. باقي جن جا اجھا جھرن ٿا، انھن واتان تہ اھو ٻُڌو اٿم تہ، خدا ڪٽي برسات ڪي، اسان توبھ ڪئي.

ڳالھ نڪتي آھي برسات ۽ ٻوڏ جي تھ، ڪجھ برساتن جو بہ ذڪر ڪجي. مون جڏھن کان ھوش سنياليو آھي، انھي وقت کان ونڊي ھن وقت تائين ڪنھن ايڪڙ ٻيڪڙ برسات کي چڏي، باقي تہ مون برساتن کي تباھيون ڪندي ڏٺو آھي. پوءِ اُھا 1994ع واري ٻُوڏ ھجي، 1999ع وارو ساموندي طوفان ھجي، 2003ع واريون خوفناڪ برساتون ھجن، 2010ع، 2011ع واريون ٻوڏون ھجن يا وري ھن سال واري برسات ۽ ٻوڏ ھجي. انھن سمورين برساتن جي تباھين جا جيڪي منظر منھنجي ذھن تي نقش ٿيل آھن، سي سڄي ڄمار نہ وسرندا ۽ انھي ڪري مون کي برسات سُٺي ناھي لڳندي. ھاڻي انھي تي سيڪو پنھنجا پنھنجا حوال ڪندو تہ، برساتن جي ڪري

پاڻي وڏي ٿو، فصل ٽين ٽا. يا وري برسات رحمت آهي پر اسان جي انتظامي ناڪامين جي ڪري ائين ٿئي ٿو يا وري گلوبل وارمنگ آهي، سڄي دنيا ۾ ماحوليات ۾ وڏي تبديلي آئي آهي، وڻ وڍجي ويا آهن، ماڻهن پاڻي جي قدرتي لنگهن تي قبضا ڪيا آهن وغيره وغيره.... ڪوڙ ڳالهيون آهن، گهٽي ڏيگهه ۾ نٽا پئون. اهي سيني ڪي خبر آهن پر هاڻي ڳالهه اها آهي ته، جنهن غريب جو الهه تلهه چڻ ٽي ويو، ڪا ٻکري نڪري هئس سا مري وئي، فصل ٻُڏي ويو... انهي تي ڇا ٽي گذري، ٿورو سوچي ڏسجو!....

محترم منل جسڪاٽي ٻه ته انهن تباهين جي ڳالهه ڪئي آهي. ڇو ته منل جسڪاٽي بنگلن ۾ ويهي اِهو چوندڙن مان ناهي ته، برسات جي ڪري موسم خوشگوار ٽي وئي آهي. جيئن هتان جا ٽي وي چينل ڪندا آهن ته، برسات جي ڪري موسم خوشگوار ٽي وئي. بجلي جو نظام درهم برهم ٽي ويو. مختلف حادثن ۾ 15 ماڻهو اجل جو شڪار ٽي ويا. منل ته جهر جهنگ گهُمي حقيقي مشاهدن کي انهي درد ڪٿا ۾ لکيو آهي ۽ پنهنجي پڙهندڙن تائين پهچايو آهي.

هاڻي نقادن جي مرضي پيا حساب ڪتاب ڪن ته، هي ڪهڙيون ڪهاڻيون آهن، هي ڪهڙا نظم آهن. پر مون ته اهو محسوس آهي ته، هن ڪتاب ۾ موجود هر هڪ ڪهاڻي يا نظم ڪهاڻي درد جو احساس آهي، احتجاج آهي، بيوسي جو اظهار آهي، نصيحت آهي، زرعي ۽ سماجي جاڻ آهي.

انهن برساتن ۽ ٻوڏ جي ڪري تقريبن هر ماڻهو متاثر ٽئي ٿو. جيئڻ عذاب ٽيو پوي. هاڻي مهرباني ڪري رحمت وارا داستان نه ٻُڌائجو. ڪتاب تي نظر وجهجي ٽي ته، انهي جو تائيٽل اهڙو

appealing آھي، جو ماڻھو سوچن ۾ گم ٿيو وڃي. جيئن آئون مٿي لکي آيو آھيان. ھي ستون لکڻ دوران ۾ برسات سان وابستہ يادون ذھن ۾ ھلن پيون. پر سڀ ھتي لکي نٿيون سگھجن. پر ھن ڪتاب پڙھڻ کان پوءِ اھو خيال آيو اٿم تہ، برسات سان وابستہ يادون لکجن.

ڪتاب ۾ن حصن تي مشتمل آھي. ھڪ حصو ڪھاڻين جو آھي ۽ ٻيو نثري نظمن جو، جن جو موضوع برسات ۽ ٻوڏ جون تباھيون آھي.

ڪتاب جي شروعات ۾ ئي ليکڪ ھي ستون لکي ٿو، جيڪي پڙھڻ کان پوءِ انھي درد کي بخوبي محسوس ڪري سگھجي ٿو.

"امداد جي آسري ۾ ماڻھن،
پنھنجا گھر پاڻ نہ ٻوڙيا آھن،
پنھنجي سوچ بدلايو،
يا ھڪ ڏينھن جي لاءِ،
پنھنجي ڪٽنب سميت،
ڪنھن ڪيمپ ۾ گذاريو....."

ھي پڙھڻ کان پوءِ مون تصور ۾ ئي پاڻ کي انھي جڳھ تي رکي ڏٺو تہ، پيرن ھيٺان زمين نڪرندي محسوس ڪيم. ھاڻي اھي جيڪي فوٽو سيشن ڪري، متاثرين جي نالي ۾ پنھنجي مشھوري ڪندا پنھنجو پنھنجو دڪان چمڪائيندا وتن، سي ۾ اکيون پٽين ۽ ماڻھو ٽين.

ڪتاب ۾ موجود ھر ڪھاڻي موضوع سان ڀرپور نياھ ڪري پئي. ھڪ ڪھاڻي "وس ۾" ۾ ھمراھ برسات جي اڳڪٿين بابت

ڳالھائيندي چون ٿا تہ، اھڙيون برساتون اسان جي وس ۾ ناھن يا وري کھاٽي "نٽو مُڙين نہ...." ۾ ليکڪ سنڌي ٽي وي چينل تي برساتن بابت خبرون ٻُڌي گھر ويھي ٿو رھي ۽ سندس پاڻُ گھمي ڦِري اچي ٿو. ھاٽي اِھي ٻئي کھاٽيون پڑھڻ سان ذھن ۾ اڃوڪا موسميات جا ماھر ٿا اچن. جن کي نہ جن نہ ڪن، وتن ڏيون ڏينديا ۽ خلق جو ساھ مُڻ ۾ ڪندا. اڄ ھيترا ملي ميٽر برسات پوندي.....، اڄ ھي سلسلو پيو اچي وغيرہ وغيرہ..... اسان جي ڳوٺ ۾ ٻہ اھڙا ٻہ چار موسميات جا ماھر آھن، جيڪي انھي موسم ۾ رڙ ٻاريو ڏين. ھنن برساتن دوران ھڪڙو ڪورونا جي مصيبت ۽ ٻيون اِھي برساتون، اسان ٻہ گھر ۾ ئي ھئاسين. ھمراھ صبح شام برسات بابت تبصرا ڪري پيا مٿو کائيندا ھئا... ڇا ڪجي ڪيڏانھن وڃجي. اسان وٽ تہ ھڪ ظلم اھو ٻہ آھي تہ، ھر ماڻھو ھر علم ۽ فن جو ماھر آھي. جيڪو نہ رڳو پنھنجي راءِ ڏي ٿو پر راءِ مڙھي ٿو. سو، اھي سورن پچارون ڪنھن ٻئي پيري ڪبيون.

ھي کھاٽيون پڑھندي مون کي اِھو ٻہ محسوس ٿيو ڇڙ ليکڪ سامھون ويھي ڪچھري ڪري رھيو آھي. ھونئن محترم منل جسکاڻي صاحب قرب ۽ محبتون وندينڈڙ ماڻھو آھي. پاڙ دوستن سان ڏاڪ سڪ ۾ گڏ ٻہ ھوندو آھي ۽ رھاٽيون ٻہ رچائيندو رھندو آھي.

منل جسکاڻي صاحب سان روبرو منھنجون ٻہ مختصر ملاقاتون آھن. پر فيس بوڪ ذريعي ساڻس روز ملاقات ٿئي ٿي. انھي مان مون منل کي کيئن ڏٺو، اِھو ٻہ ڪنھن ٻئي پيري، سائين تي تفصيلي خاڪو لکي بيان ڪبو.

برسات ۽ ٻوڏ جي عنوان سان ڪهاڻي ۾ ته منهنجي دل جي ڳالهه (لک جي ڳالهه) ڪيل آهي. "برسات کي رحمت بدران زحمت بڻائيندڙ سبب، ڳجهه ۾ نه رکڻ گهرجن. بلڪ برسات کي زحمت ڪندڙ سبب ظاهر ڪجن ۽ انهن جو ازالو به ٿيڻ گهرجي".

"ملاقات" ڪهاڻي ۾ ليکڪ برسات دوران ملاقات جون ساروٽيون ساري ٿو. بلڪل ائين ئي آهي برسات يادون ئي ته ڪٽي ٽي اچي. تڏهن ته سائينداد ساند چيو آهي ته، "ڪٽي آئي برسات يادون اوهان جون، ڪنوڻ رنگ لايا ته ڳوڙها ڳڙي پيا ....."

برسات دوران ليکڪ سموسي ڪائڻ جو مزو به لکي ٿو پر ساڳي وقت ڪيس انهن جي به سار اچي ٽي، جيڪا بکئي پيٽ هوندا. "ٻنو ٻار هڪ" ڪهاڻي ۾ شاندار منظر ڪشي ڪئي وئي آهي ته، برسات ڪيئن ٽي پينگون ڪري !

نظم ڪهاڻين واري حصي ۾ ليکڪ لکي ٿو بلڪ نصيحت ٿو ڪري ته:

"خيال ڪجو،
جيڪي برسات ۾ نه ٻُڏا،
اُهي هاڻ،
برسات ڪانپوءِ
ٻُڏڻ نه گهرجن".

يا وري "متاثر" نالي نظم ۾

"برسات ۾ پاڻ سان گڏ،
ٻين جو به خيال ڪريو،
اوهان جي ڪري،
ٻيو متاثر نه ٿيڻ گهرجي."

نظم "ڪيئن ٿو پائنئين" ۾ اِها پيٽ ڪيل آهي تہ، اڳي وارين برساتن ۽ هاڻي وارين برساتن ۾ فرق ڪهڙو آهي؟

ڪتاب جي آخري نظم" اڳارو" ۾ ليکڪ برسات دوران دل پشوري ڪندي، چمبڙ جي پڙي گهمندي خريداري ڪري ٿو. سنگت سان ملي ٿو، گلن ۽ موتين وارا آڳڻ ونڻي ٿو. لالڙي ۽ سوکڙي طور ونڻي ٿو. آخر ۾ موجون ڪندي بريانيءَ ۾ ڪائي ٿو. جيئن اسان وٽ اڪثر همراھ مال پڙي تي ويندا آهن. پُڇنداسين تہ ادا ڇا وڪڙڻ ٿو وڃين يا ڇا خريد ڪرڻ ٿو وڃين؟ تہ جواب ۾ چوندو تہ ادا نہ ڪجھ وڪڙان ٿو ۽ نہ ئي خريد ٿو ڪريان، بس آئون تہ بريانيءَ ڪائڻ ٿو وڃان.

باقي ڪهاڻيون ۽ نظم پڙهندڙ پاڻ پڙهن. مون هڪ پڙهندڙ طور پنهنجو رايو لکڻ ضروري سمجهيو. ڇو تہ هر ليکڪ اهو ڇاهيندو آهي تہ، منهنجي تخليق تي ماڻهو تبصرو ڪن. تہ جيئن گهڻا پڙهندڙ ڪتاب پڙهي سگهن. انهي ڪري هڪ پڙهندڙ ۽ ليکڪ جي صورت ۾ اِهو منهنجو فرض آهي تہ، جيڪو ڪتاب پڙهان، اُن بابت ٻہ اکر ضرور لکان .

محترم منل جسڪاڻي جا قرب، جنهن محبتن مان ڪتاب اماڻي محبتن جو قرضي ٻہ ڪيو تہ هڪ املهہ تحفي سان ٻہ نوازيو. ڇو تہ منهنجي نظر ۾ ڪتاب ڪان بهترين ٻيو ڪو ٻہ تحفو نٿو ڏي سگهي.

**

ابوبکر شیخ جو نئون کتاب
"تاریخ کي مسافر"

اسان کي اکثر اھڙا سفرنامہ پڑھڻ لاءِ ملن ٿا، جن ۾ ليکڪ پنھنجي گذاريل وقت، موج مستي ۽ تفريح بابت ئي لکي ٿو. پر ڪجھ اھڙا منفرد ليکڪ ب آھن، جيڪي پنھنجي سفر سان گڏ تحقيق ب ڪندا ھلندا آھن. سُڻي ڳالھ ته وري اِھا ب آھي جو اُھي ليکڪ انھي تحقيق کي رُکي انداز ۾ يا رڳو انگ اکر ڏيڻ بجاءِ انھي تحقيق کي افسانوي ۽ دلچسپ انداز ۾ لکن ٿا ته پوءِ پڑھندڙ جو چاھ ويتر وڌي ٿو وڃي. اُنھن ليکڪن ۾ محترم ابوبکر شيخ جو شمار ب ٿئي ٿو. ابوبکر شيخ کي گھمڻ ڦرڻ جو شوق سنڌ جي تاريخ پيو لکرائي. اُھا تحرير رڳو لفظن تائين محدود ناھي پر اُن کي ابوبکر شيخ خوبصورت تصويرن ذريعي ب محفوظ ڪندو رھي ٿو. سندس تحريرن ۽ تصويرن جو حسين سنگم سندس اُھي بلاگز آھن، جيڪي مختلف وقتن تي ڏان ڏاڻ ڪام تي شايع ٿيندا رھندا آھن.

اڄ ايڪيھين صدي ۾ ب ڪافي پڑھندڙ انٽرنيٽ استعمال نٿا ڪن پر انھن لاءِ اڄ ب پڑھڻ جو ذريعو ھارڊ ڪاپي ۾ ڪتاب آھي. سو ابوبکر شيخ صاحب جا اھي دلفريب بلاگز سنگ ميل پبليڪشن لاھور پاران ڪتابن جي صورت ۾ شايع ڪيا پيا وڃن. انھي سلسلي ۾ سندس نئون ڪتاب "تاریخ کے مسافر" شايع ٿيو آھي. جنھن ۾ 25 بلاگز شامل آھن. ابوبکر شيخ جي بقول ته ڪيس آرٽ فلمون وڻن ٿيون. جڏھن سندس بلاگز پڑھجن ٿا ته انھن مان ب آرٽ

فلمن وارو چس اچي ٿو. هن ڪتاب ۾ درياءَ جي بيوفائي، سنڌ جي خوشحال ماضي، تاريخي ماڳ مڪانن، ميلن، ڪلانڪر ڏنڊ، مڪلي، چوڪنڊي جو قبرستان، ڪراچي سميت ٻين موضوعن تي ٻہ بلاگز موجود آهن.

ابوبڪر شيخ جڏهن سنڌ جي خوشحال ماضي کي اتي رهندڙ ماڻهن جي واتان ٻُڌي، جڏهن انهن کي لفظن جو روپ ٿو ڏئي تہ حساس دل ماڻهو روئي ٿو پوي. سندس لکڻين جي ٻي خوبي اها آهي جو پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ ونڊي ٿو هلي.

هن ڪتاب ۾ مون کي هڪ ڪوٽ محسوس ٿي سا اِها تہ هن ڪتاب ۾ تصويرون شامل ناهن. ڇو تہ هي بلاگز آهن، تصويرون انهن جو حصو آهن. خاص طور تي اُتي تہ تصوير جو هجڻ ضروري آهي، جتي ليڪڪ لکي ٿو تہ، فلاڻي جڳهہ يا ماڳ مڪان جي حالت توهان هن تصوير ۾ ڏسي سگهو ٿا. سو، جيڪڏهن تصويرن کي ٻہ شامل ڪيو وڃي ها تہ ڪتاب جي سونهن ۾ اڃا ٻہ اضافو ٿئي ها.

ابوبڪر شيخ صاحب کي جس هجي، هن انهي وقت ۾ تاريخ جي موضوع کي کنيو آهي. جڏهن اڪثر ماڻهو اِهو چوندي ٻُڌجن تہ، جيڪو وقت گذري ويو، سو گذري ويو. هاڻي ماضي تي روئڻ بجاءِ اڳتي جو سوچجي. پر اِها ٻہ حقيقت آهي تہ، خوشحال مستقبل لاءِ ماضي جا پيرا ضرور کٽڻا پونداٿ تاريخ جو مطالعو ڪرڻو پوندو. سو، ابوبڪر شيخ صاحب اسان جي انهي اهم ڪم ۾ ڀرپور مدد ڪري رهيو آهي.

**

صبح ٿيندو

(سياست جي موضوع تي ھڪ دلچسپ ڪتاب)

رسول بخش پليجي صاحب کي پڙھڻ سان ھميشہ ذھن ۾ نوان خيال ۽ نئون جذبو جنم وٺندو آھي. پاڻ جيڏو ڪمال جو مقرر ھو، ايڏو ئي ڪمال جو ليکڪ ۽ گھڻ رخي شخصيت جو مالڪ ھو. 'صبح ٿيندو'، سندس پوليٽيڪل سائنس جي موضوع تي لکيل مضمونن جو ڪتاب آھي، جنھن ۾ پليجي صاحب انتھائي شاندار انداز ۾ مختلف مضمون خاص طور تي بنيادي سياسي تعليم، وڏيرا شاھي خلاف جدوجھد، قومي جدوجھد جا نظريا، عوامي جمھوري اتحاد جي اھميت سميت ٻين سياسي موضوعن تي مضمون شامل آھن.

پليجو صاحب انھي ڳالھ تي زور ڏئي ٿو، سنڌي عوام کي بنيادي سياسي تعليم جي تمام گھڻي ضرورت آھي. اِھا ڳالھ بلڪل صحيح آھي پر اسان جو عوام تہ عام رواجي تعليم کان بہ محروم آھي. جنھن ذريعي ھو رڳو لکڻ پڙھڻ جي قابل ٿي سگھي. ماضي ۾ تہ وري بہ مختلف سياسي جدوجھدون ٿينديون رھيون، جنھن ذريعي عام ماڻھو جي تربيت ٿيندي رھي، جنھن جو وڏو مثال پليجو صاحب پاڻ آھي. پر اڄ جي صورتحال تمام گھڻي مختلف آھي. خير، ڪتاب جي شروعات ۾ ئي پليجو صاحب سياسي جدوجھد جا بنيادي چار اصول ٿو ٻُڌائي، جيڪي سياسي

جدوجهد سان گڏ ڪنهن به جدوجهد لاءِ لازمي آهن. 1: مقصد 2: جذبو 3: واٽ 4: ڪم جو ڍنگ هئڻ.

انقلابي سائنس جو سنجيده ۽ گهرو مطالعو هجڻ واري ڳالهه تي زور ڏيندي پاڻ انهي ڪم لاءِ جيڪا صلاح ڏني ٿو، سا ڏاڍي ڪمال جي آهي ته، انهي لاء مختلف قسمن جا ڪتابڙا شايع ڪرائي ماڻهن ۾ ورهايا وڃن ته جيئن انهن ۾ اهو شعور پيدا ٿئي. انهن ۾ پهريون درجو: انقلابي سائنس ۽ تاريخ جي تعليم تي دلچسپ ڪهاڻي، ٻيو درجو: انقلابي تاريخ جي ڊرامائي تاريخي واقعن جو داستان پيش ڪجي. ٽيون درجو: سائنسي سوشلزم جي ڪهاڻي، جدلي مادييت، تاريخي مادييت، عوامي انقلابي وطن دوست جدوجهد، قومي ۽ طبقاتي جدوجهد پاڻ ۾ ساڻي آهن نه مخالف، سوشلزم ڇا آهي، سوشلزم بابت ڦهلايل ڪوڙا افسانا، ڏند ڪٿائون ۽ ڏکيڙڙا مضمون تمام دلچسپ انداز ۾ ڏنا وڃن ته جيئن عام ماڻهو بائيولاجي، ڪيميسٽري، رياضي ۽ فزڪس جي نظرين کي سولائي سان سمجهي سگهن.

مون جيئن ئي هي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو ته پليجي صاحب جا لکيل دلچسپ پيش لفظ پاڻ ڏانهن ڇڪي ويا ۽ ائين هي ڪتاب پڙهجي ويو. ٻين پڙهندڙ دوستن لاءِ ڪتاب جا پيش لفظ هتي ڏيان ٿو.

"درويش ۽ الله لوڪ ماڻهو سيني ڏنا ۽ ٻڌا آهن. نه ڪنهن جي هنئي ۾ نه ڪنئي ۾. پرايا ٽپڙ ۽ ملڪيت ته نهيو، پر پچار کان به پري، پنهنجا ڪن جهليو پيا هلندا آهي. نه دين جي خبر، نه دنيا جي. پنهنجو پاڻ ۾ گم. بک به تهڙي، ڏؤ به تهڙو. نفعي نقصان، هوند اٺهوند جي ڇڪر کان پري، جيڪي قسمت ۾ هوندو سو

ملندو. ڪو ڦري تہ ڃا، جي ماري ويو تہ ڃا، جي 'سڀ ڪنهن جي نيت' وڃي ڃائي پائي. اکين جو ڏو، پيٽ جي بک، پاڻيهي ڪيتو ڏيندو، اسان جو الله اسان سان، جيئن ڇهنب ڏني اٽس، تيئن ڇوٽو بہ ڏيندو."

ڪي قومون بہ درويش ۽ الله لوڪ ٿيندیون آهن، جيئن اسين سنڌي ماڻهو. اسين پنهنجي هزار سالن جي تاريخ ۾، دنيا جي هڪڙي ڪنڊ ونيو، پنهنجا ڪن جهليو، منهن ويڙهيو لڪا پيا آهيون.

هر دور ۾ گهر توڙي ٻاهر جي چورن، پاڌاريدارن ۽ ڏاڙيلن ڦريو، ماريو، پر پاڻ ڪنهن جو نالو بہ ڪو نہ ورتو. گهڻو گهڻو ٿيو تہ ڪنهن مهل ڪنهن کي لٽ ڪٽي گهر مان تڙي ڪڍيوسون، ٻيو ٿيو خير. سڀ ڪنهن جي نيت!

انسان ذات جي لکن سالن جي ڏاڙن جو ڦاٽ نيٽ ڦاٽي پيو. دنيا ۾ انقلابي طوفان اُٿيا، ڦريل ماريل ماڻهن لکين سال کورن ۾ پچي، ڪڙهي ٻَري، جهُري مَري، رُجن ۾ ٽٽڪي ٽٽڪي، نيٽ اصل ڏاڙيلن جا ڏس پتا هٿ ڪري ورتا ۽ پيرا ڪٽي وڃي سڳ سوڏو ڪين سندن ٿم ۾ جهليو ۽ سندن چيلهن ۾ ٽوڙها وڌا، پر اسان جي دل ۾ خير!

ايراني ماڻهن ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، لاچار منگول وحشي چاڙهي، عرب خليفي سڳوري ۽ سندس رهزن لوڌ جي گهر تي ڏاندا رکائي ڇڏيا. جرمني، چين، روس ۽ ٻين ملڪن جي هارين پنهنجون فوجون ناهي، سلطنتون زير زبر ڪري ڇڏيون. يورپ جي واڻين، وڪالن ۽ شهرين، وڏا وڏا ڏڳ، نواب ۽ بادشاهہ ڪُهي ڇڏيا. روس، چين ۽ ويٽنام، ڪوريا، يمن ۽ ٻين ملڪن جي ماڻهن ظالمن کي

ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا. سڃيءَ دنيا جا عوام موذين تي مارا ٻڌيو ٻينا آهن، پر اسان دوريش سنڌين جي دل ۾ خير، 'سيکو پنهنجي نيت لوڙيندو-'...

الله ڏسندن'!

ذري گھٽ هزار سوا سال اسين درويش رهيا آهيون. اهو عرصو گھٽ ڪونهي، بهتر آهي تہ هاڻي ڪجھ اکيون کوليون، ڪجھ ڏسون وائسون، ڪجھ ويچار ڪريون، ڪجھ ڳولا ڪريون.

جيئن چوندا آهن تہ ديون جو ساھ ڪنهن طوطي وغيره ۾ هوندو هو، تيئن سماج جو ساھ ان جي گذر جي وسيلن ۾ هوندو آهي. گذر جي وسيلن لاءِ جيڪا لٹ لڳندي رهي آهي، ان جو نچوڙ سڏجي ٿي سياست. اهڙيءَ ريت سنڌي عوام جي ساھ جون نسون، سياسي اقتدار لاءِ هلندڙ جدوجهد ۾ اٽڪيل آهن.

اهو ڪيئن هٹ ٿئي؟ ٻليءَ جي ڳچيءَ ۾ گھنڊڻي ڪير ٻڌي؟ اهو هيستائين عوام کي هٹ ڇو ڪو نہ آيو آهي؟ هيتريون ڪوششون ناڪام ڇو ٿيون آهن؟ هاڻ ڇا ڪجي؟ هن ڪتاب ۾ ڏنل مضمونن ۾ انهن سوالن مان ڪن اهم سوالن جا ٿلهي ليکي جواب، قومن جي تقدير بدلائڻ جي سائنس جي روشنيءَ ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

ڪنهن زماني ۾ ماڻهو بيمارين جو علاج رڳو جنترن منترن، ڦيٹن ڦوڪارن، ڏمالن ۽ پلتين سان ڪندا هئا. ايا ۽ اڪثر ماڻهو انهيءَ 'علاج' جو شڪار آهن، پر هاڻي روز بروز ماڻهو باقاعدي ڊاڪٹري علاج ڏانهن لاڙو رکندا وڃن، ڪيترا ماڻهو آپريشن لاءِ ۽ تيار ٿين ٿا.

ساڳيءَ طرح قومون ۽ هزارين سالن کان بيمارين ۾ ورتل ٽين ٽيون. انهن تي ۽ جنائي ۽ پوپا تجربا ڪندا، يا پنهنجون ڪرامتون ڏيکاريندا رهيا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ قومن جي مرضن سڃاڻپ ۽ انهن کي دور ڪرڻ جا ۽ پڪا پختا طريقا نڪتا آهن ۽ ڪيتريون قومون پنهنجو علاج انهن جي مدد سان ڪري رهيون آهن. ڪيترين کي فائدو پهتو آهي، ڪيتريون اڃي ڇڙهيون آهن، ڪيترين هاڻ مس علاج شروع ڪيو آهي، اهي ۽ ڃاڻ ڇڙهيون. وقت آيو آهي تہ اسين ۽ پنهنجي 'لا علاج' مرض سان باقاعدي مقابلو شروع ڪريون، دنيا جي آزمايل نسخن جو فائدو وٺون، نوان تجربا ڪريون، ڪڙين دوائن کان نہ ڊجون، آپريشن لاءِ تيار ٽيون، ۽ مرضن مان جند ڇڏايون.

**

اندر مُلھ امُلھ

ڪجھ ڪتاب وري وري پڙھڻ جھڙا ھوندا آھن. انھن جي نرالي ڳالھ اِھا ھوندي آھي جو اُھي ھر پيري نوان لڳندا آھن. ھر پيري ڪنھن نئين فھم ۽ فڪر سان روشناس ڪرائي ويندا آھن. جيئن شاعري ۾ پٽائي کي جڏھن بہ پڙھجي ٿو تہ ھر پيري نئين ٿي لڳي.

نثر جو ھڪ اھڙو ئي ناياب ڪتاب "اندر مُلھ اَمُلھ" منھنجي مطالعي مان وري وري گذريو آھي، جنھن جو ليکڪ سائين حيدر علي لغاري صاحب آھي .

سنڌي نثر ۽ شاعري ۾ ڪيترائي ليکڪ لکندا رھيا آھن ۽ لکن پيا جيڪي پيشي جي لحاظ کان استاد آھن. سي سڀ پنھنجي مشاھدي، علم ۽ عقل مطابق لکن پيا پر مون کي ھن وقت تائين انھن ۾ بہ نالا نمايان لڳن ٿا. ھڪ سائين محمد ابراھيم جويو صاحب ۽ ٻيو سائين حيدر علي لغاري صاحب. جن جي تحرير پڙھڻ سان سُرت ۽ ساجاھ ۾ تہ اضافو ٿئي ٿو پر ان سان گڏوگڏ پڙھندڙ جي تربيت بہ ٿيندي رھي ٿي.

ھن ڪتاب جو تعارف ڪرائيندي سائين ابراھيم جويو صاحب پنھنجي خيالن جو اظھار ڪجھ ھن ريت ڪري ٿو .

"ڏھن بہ آءٌ سچ پچ کو سنو ڪتاب پڙھندو آھيان، تہ پڙھي پوري ڪرڻ کان پوءِ اِئين محسوس ٿيندو اٿم، جڙ کو نئون ساھ مون ۾ پئجي ويو ھجي! آءٌ مجان ٿو تہ اھڙا نئين ساھ ڏيڻ وارا

ڪتاب نڪرندا ۽ ڪڏھن ڪڏھن آھن، تہ ملندا ۽ ڪڏھن ڪڏھن آھن، ۽ ملڻ کان پوءِ انھن جو پڙھڻ ۽ ڪڏھن ڪڏھن ڪن ياڳ وارن جي ياڳي ۾ ايندو آھي. زندگيءَ ۾ مشاھدن ۽ تجربن جي ڪوٽ ڪانھي، شخصن سان ملاقاتون ۽ روز پيون ٿين، ڪتاب ۽ اکين ڪيئي پيا ڏسجن، پر جيئن ڪي ڪي ماڻھو سچ پچ موتيءَ داڻا ھوندا آھن، تہ ڪي ڪي ڪتاب ۽ اِئين ھوندا آھن، بلڪ ڏُرلپ شين جو، شخصن جو ۽ ڪتابن جو ھيءُ ورليپَڻو ئي آھي، جو ماڻھوءَ کي پَلان پلي جي تلاش لاءِ اُتساھي ٿو ۽ انھن لاءِ در در پٽڪائي ٿو.منھنجي عزيز دوست نواب حيدر علي لغاريءَ جو ھيءُ ڪتاب،"اندر مُلھ اَمُلھ"، جنھن جو نالو پنھنجيءَ پَرِ ۾ مون "اَملھ زندگين جا اَڪٽ ڪم" ۽ سوچيو ھو، سچ پچ تہ ھڪ اھڙو ئي نئون ساھ ڏيندڙ ۽ ھِينئين سان لائي رکڻ جھڙو ڪتاب آھي.

پاڻ پنھنجن احساسن ۽ خيالن جي اظھار جا ڪجھ عنوان گڏ ڪري. ھن ڪتاب ۾ اسان جي آڏو آندا اٽن، جن جي نفاست، عظمت ۽ اڏام بابت آڌ ايترو ئي چئي سگھان ٿو تہ "عطر اھو، جو پاڻ ٻولي. اوھين ان کي رڳو کوليو!" ھيءُ ڪتاب ۽ کولڻ ۽ پڙھڻ لاءِ آھي. اوھين پاڻ ئي ڏسندا تہ ھيءُ اوھان سان ڪھڙيون ٿو روحَ رُڇنديون ڳالھيون ڪري ۽ اوھان جي مَن کي ڪيئن ٿو پريائي ۽ پنھنجو ڪري، وڏائي ۽ اُياري وڏو ڪري!

ھيءُ ڪتاب ٻنھ ھڪ يگاني عالم، مُفڪر، اديب، صاحب نظر ۽ حساس شخص جي مطالعي ۽ ذھني ڪاوش جو اھڙو ھڪ ڇڻو ۽ پُرڪشش آئينو آھي، جنھن جي پڙھندي، ماڻھوءَ جي جذبي جي تربيت ۽ ڏاھپ جي اوسر لاءِ، خبر ۽ اُتساھَ جو عڪس تي عڪس اوتجندي محسوس ٿيندو. مصنف جي ٻوليءَ جي صورت

عربي، فارسيءَ جي اصطلاح آميز رنگ سبب اڄ جي نيم خوانده سنڌي پڙھندڙ کي ڪجھ اوپري ضرور لڳندي، پر جيڪي سنڌي تحرير جي اِن استائيل سان مانوس آھن، سي اِن جي سحر بيانيءَ جو پورو لطف ۽ ساڻ وڃندا ۽ ان جي علمي ۽ فڪري سربلنديءَ جو فائدو بہ ضرور ماڻيندا.

مضمونن جي ھن مجموعي کي پاڻ چئن حصن ۾ ورڇيو اٿن: پھرئين حصي ۾ سندن ٻي 'منظوم عڪس' آھن، جن ۾ سندن تخليقي جذبي جي پالوٽ آھي، ٻئي حصي ۾ 'شخصيات' جي عنوان ھيٺ ڪامل شخصن جي فڪر ۽ عمل جا دل افروز بيان آھن، ٽئي حصي ۾ 'ادب ۽ تنقيد' جي حوالي سان شاھ لطيف، سچل سرمست، استاد بخاريءَ جي شعري فن ۽ سندن نياپي جي اپٽار آھي، ۽ چوٿين ۾ پنھنجي 'زاويہ نگاھ' جا اٺ مضمون ڏنا اٿن. ٽي ڪتابن تي تبصرا ۽ پنج مضمون ٻيا، جن مان ھڪ ۾ "وتائي فقير جي ٻولن ۾ حقيقت نگاريءَ" جي ڳالھ ڪيل آھي.

انساني سماج ۾ شخصن، عزت ۽ اعتبار جوڳن شخصن جو وجود ڃا آھي، انھن جو درجو ڪھڙو آھي ۽ ڪردار ۽ ڪارج ڃا آھي- ھيءُ ڪتاب، ڪن خاص شخصن- والٽيئر، ٽامس پين، سارتري، علامہ آءِ. آءِ. قاضي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ عزيز سلام بخاري، مڊر ٽريسيا، مولانا گرامي ۽ دوست مشتاق کوکر ۽ سنڌ جي عظيم شاعرن مان ٽن- شاھ لطيف، سچل سرمست ۽ استاد بخاريءَ- ۽ ھڪ الستي ڏاھي، وتائي فقير جي فڪر ۽ عمل جون ڳالھيون، سندن قربانين جون، ٻين لاءِ جيئڻ جون ۽ ٻين لاءِ سوچ ۽ لوچ جون ٻڌائيندي، پڙھندڙن جي ذھن تي انساني سماج جي ھيڪڙائيءَ، ان جي يَڪ وجودگيءَ کي واضح

ڪري ٿو، جنهن جا اهڙا باشعور ۽ ڪامل شخص هرگز تنها فرد يا ڪو اَنبوهه نه هوندا آهن، بلڪ اُهي، پنهنجي ذات ۾ به، جاڳيل راڄ سمان هجن ٿا- جذبن، يادگيرين جي خزانن ۽ باهمي لاڳاپن جا جيئرا نظام. انهن ۾ جيتوڻيڪ هر هڪ نرالو ۽ بي مثال ضرور رهي ٿو، پر هرگز اڪيلو ڪونهي، ڪوبه هنن مان تنها، پنهنجي آسپاس کان، قوم کان، بلڪ سڃيءَ انسان ذات کان آراڌوعلحدو (Alienated) ٿي، اُسري، ميويدار وڻ نٿي ٿي سگهيو، ۽ نٿو ٿي سگهي. انهن منجهان هر هڪ ٻين سان شامل حال آهي ۽ ٻيا سيئي به هنن سان شامل حال آهن، ۽ انهيءَ هر- پاسائين ڳانڍاپي کان سواءِ. يعني، پنهنجي سماجي وحدت کان سواءِ، ڪنهن جند جي ذاتي حقيقت يا سچ، سڃي جو سڃو، بي معنيٰ ٿلهو جسم، بيجان بوتو ئي هجي ٿو.

انساني سماج جي آدرشي صورت ۽، صفت، نظرياتي طور، ان جي قومي وحدت، وحدت انساني ۽ وحدت ڪائنات جي منزلن جي نشاندهيءَ ۾ واضح آهي، پر عملي طور سماج جي انهن منزلن تائين پهچ اِئين آهي جيئن فرهاد جو خالي هٿين ڪوهه قاف جيڏو ڪو ٽڪر ڪاٽي، پنهنجي دل جي ديوي، شيرين، کٽ! بهرحال، انسان جي حوصلي ۽ شعور کي آفرين هجي، جو هو آدرشي سماج جي قومي وحدت جي منزل تائين ڪاهي ڪجهه رسي چڪو آهي، ۽ ان کي سياسي ۽ سماجي طور عملي حقيقت جي صورت ۾ ڏيئي چڪو آهي. وڌيڪ، اڄ اها به صورت آهي، جو انساني سماج وحدت انسانيءَ ڏانهن پنهنجا پهريان قدم به کنيا آهن، ۽ وحدت ڪائنات جي تمام ڏورانهينءَ منزل تي هُن جي نظر ته بهرحال آهي ئي، ورنه پنهنجي هن نديڪڙيءَ ڏرتيءَ تي ويٺي، سوين هزارين نُوري سالن

جي فاصلي تي هلندڙ تارن ۽ نِکتن جي چڪاس، تمام مختصر ئي سهي، ڪيئن ٿي ڪري سگھيو!

انگريزي ٻوليءَ جي قول Life is short, Art is long, مطابق، تحقيق زندگي ٿوري آهي ۽ ڪم گھڻو، بلڪ سچ پچ اڪٿ آهي. پر انساني سماج جا عزت ۽ اعتبار جوڳا باشعور شخص، جيترو ڪم ان طويل ۽ ڏکيءَ راھ سان سفر دوران کانئن پُڄي سگھي ٿو، بلڪ اڪثر پنھنجي وس کان ٻاھر ٻ، ڪندا ئي رھن ٿا. دراصل انھن جو اِنھيءَ اڪٿ ڪم سان اِئين لڳو رھڻ ئي انساني سماج ۾ سنڊن باشعور، معتبر ۽ معزز ھجڻ جو شرط ٻ آهي ۽ ثبوت ٻ آهي.لائق مصنف، ھن ڪتاب ۾ انقلاب فرانس جي ھڪ بانيءَ، والٽيئر تي لکيل پنھنجي بيان ۾، انھيءَ ئي انداز سان ڳالھ ڪندي، سوال اُٽاريو آهي تہ، "اھو اعليٰ سطحي انساني اخلاق ۽ شعور جي اِھا آفاقي بُلندي پيدا ڪيئن ٿئي، جو فردُ (يا شخصُ) پنھنجي غرض جي انڊا ڏنڊ ترجيحي بدمستيءَ ۽ ھٺ ڏرميءَ مان پاڻ کي آجو ڪري سگھي؟ ۽ پنھنجي ذات جي ڪٽرپڻي ۽ اَنا جي خسيسپڻي مان نجات حاصل ڪري، پوري (يعني قومي/ انساني) معاشري جي درد، الم ۽ احتياج جي ڪرب ۾ پاڻ کي، رضاڪارانہ طور تي شريڪ ڪري سگھي (ڪم ڪندي، جيئندو رھي، جيترو جي سگھي)! سوال جو جواب ڏيندي، پاڻ ئي لکن ٿا.

"آءٌ سمجھان ٿو تہ جيستائين اسان جي تعليم ۽ تبليغ جي نظام ۾ بنيادي مقصدي تبديليون پيدا نہ ٿيندیون، تيستائين ماڻھو پنھنجي ذات ۽ ڏات جي تعصبات مان ۽ ان جي غير منصفانہ ترجيحات مان پنھنجي مزاج کي چوٽڪارو ڏياري نہ سگھندو. تعليم ۽ تبليغ سان لاڳاپيل پورو نظام ۽ اُن جا ادارا اسان جي

سماج ۾، تحقيق ۽ تنقيد جي بجاءِ انڌيءَ تقليد جو شڪار آھن. تنقيدي شعور کان سواءِ ڪوبہ تحقيقي ۽ تخليقي عمل سِرجي ئي ڪونہ ٿو سگھي".

بس، ھن ڪتاب جو سڄو ٿَتُ، سڄي اُتل يا دليل ۽ سڄو زور اھو آھي، سماج ۾ مثالي شخص يا شخصن جو باشعور ۽ اعتبار ۽ عزت جوڳو ٿي رھڻ، ۽ ان لاءِ انڌيءَ تقليد کي ڇڏي، کين تنقيدي سوچ ۽ تخليقي عمل اختيار ڪرڻ ڪپي. تعليم ۽ تبليغ بہ ان عمل جي ۽ پيروي ۽ اڳواڻي بہ ان عمل جي، تہ جيئن سماج جو قدم لاڳيتو ۽ سدائين پنھنجي اعليٰ اخلاقي مقصد. يعني، قومي، انساني ۽ آفاقي/ ڪائناتي منزلن ماڻڻ ڏانھن وڌندو رھي.

آءٌ دعاگو آھيان تہ پڑھندڙ ھن "اَندر مُلھہ، اَمُلھہ" ڪتاب کي اِئين ئي پڑھي، ۽ ان مان اھو ئي سبق سکي سگھي.

انھي شاندار تعارف پڑھڻ سان ئي ماڻھو کي اندازو ٿئي ٿو تہ، ھي ڪيڏو نہ ڪارائتو ڪتاب آھي. جڏھن ھي ڪتاب پڑھڻ شروع ڪجي ٿو تہ، ھن ۾ موجود شروع وارو منظوم عڪس ئي دل سان لڳي ٿو. جيڪو ڪجھہ ھن طرح آھي.

"ماڻھو چون ٿا تہ اڄ عيد آھي
اسان وٽ تہ نہ ڪو آيو آھي ۽ نہ ئي اچڻ جي ڪا اميد آھي
گل، گلدان بجاءِ آتشدان ۾ آھن
مون ۽ ھن ۾ صدين جا فاصلا آھن.
ھو دل جي مام نٿو سمجھي
پوءِ بہ چون ٿا تہ اڄ عيد آھي"!

انھي کان پوءِ بلڪل ٻيو منظوم عڪس "لڳي ماڻ مِرن کي" بہ ڪمال جو آھي. جنھن ۾ سائين حيدر سيني دقيانوسي ۽

مدي خارج روايتن کان بغاوت جو اعلان ڪندي نظر اچي ٿو ۽ ڪجھ اھڙيون نصيحتون ڪري ٿو وڃي جو جيڪڏھن انھن تي عمل ڪجي تہ، ھي سماج واقعي سُک ماڻي. سائين ڀھروپيت، سڪڻن لفظن، خودفريبين، علم ۽ فضيلتن جي بي حرمتين، ڪوڙ، وحشتي وجودن، ٻوساٽيل ماحول سميت ھر بُرائي کي الوداع ڪرڻ جي تلقين ڪندي چوي ٿو تہ: "اچو تہ اڃي اجڙي من جي ميراث جو در ڪڙڪايون ۽ اٽڪل سٽڪل، لوڪ رياءَ ۽ پاڻ پڏاءِ جي بي پاڙي وڻ ويڙھي مان پاڻ ڇڏايون.

اچو تہ خسيس کي تياڳيون،

اچو تہ پاڻ سنپاريون.

اچو تہ ڳُنيير ٿيون.

اچو تہ مٺانھان ٿيون.

اچو تہ آڳاھان ٿيون.

اچو تہ آجا ٿيون.

اچو، اچو تہ آجا ٿيون.

اچو تہ نرواڻ ماڻيون.

ڪيڏيون نہ فڪر انگيز ڳالھيون آھن ۽ ڪيڏو نہ ڪمال جو مشاھدو آھي. ھاڻي چوڌاري نظر ڦيرائي ڏسو تہ، اسان وٽ اڪثريت انھي ڪم سان لڳل آھي تہ، اٽڪل سٽڪل ڪجي، جڳاڙ ڪجي، پاڻ پڏائجي تہ مون جھڙو نہ جيڏو، دنيا مون تي دنگ آھي. ھن قسم جو فڪر ئي اندر روشن ڪري اھڙين برائين مان جان ڇڏائي سگھي ٿو.

ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ سائين مختلف شخصيتن تي مضمون لکيا آھن. جن ۾ والٽيئر، سارتر، ٽامس پين، گرامي

صاحب، شاھ لطيف، حيدر بخش جتوئي، سچل، استاد بخاري، علامہ آءِ آءِ قاضي، وتايو فقير ۽ ٻين تي مضمون شامل آھن. اِھي فڪر انگيز مضمون پڑھڻ سان اِھو احساس ٿئي ٿو تہ، وڏن ماڻھن جي زندگي کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪجي، انھن جي پيغام کي عام ڪري ٻين ماڻھن تائين پُھچائجي. ھي مضمون پڑھڻ سان انھن شخصيتن تي لکيل روايتي خاڪن بجاءِ اھو تاثر اچي ٿو تہ سندن شخصيت جي ھر پاسي جو تنقيدي ڇيد ڪيل آھي. جنھن ۾ گھٽو ذڪر سندن عظيم ڪم ۽ جاکوڙ تي آھي.

ڪتاب جي مقالات واري حصي ۾ "لطيف جي حيات بخش جماليت" ۽ "لطيف جي ڪلام ۾ وجود جو حوالو" جي عنوانن سان ٻئي مضمون شاھڪار آھي. جيڪي وري وري پڑھڻ جھڙا آھن.

ڪتاب جي آخري حصي ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي جي ڪتاب "پوري ڇوڪري حق جي ڳولا ۾، او ڪو ٻيو فھم" سميت ڪجھ ٻين ڪتابن تي تبصرا ۽ ليکڪن جي باري ۾ مضمون آھن. عبدالقادر جوٽيجي ڏانھن سائين جو لکيل خط بہ ھن حصي ۾ شامل آھي.

ھن ڪتاب ۾ ٻولي جو ميناج ۽ لکڻ جو نرالو انداز تہ آھي ئي آھي. ان سان گڏ فلسفو، روشن خيالي، شعور، فڪر، ساجاھ ۽ سچائي جي پرچار بہ نمايان آھي. ھن قسم جا ڪتاب اڄ جي نوجوانن کي پڑھڻ گھرجن تہ جيئن سندن ذھن کي وسعت ملي ۽ سندن زندگيءَ ۾ نيون راھون پيدا ٿين. جيڪي يقينن ھن سماج جي بھتر ۽ صحتمند اڏاوت ۾ پنھنجو ڪردار ادا ڪندیون.

**

وبا کان چورايل پَل

(موت جي موسم ۾ زندگيءَ جون ڳالهيون)

جڏهن هر طرف مايوس، ڏُک، ڊپ ۽ پيڙاءُ هُجي، تڏهن هڪ ليکڪ، شاعر، کاڻيڪار، موسيقار ۽ هر قسم جو آرٽسٽ ئي سماج کي انهيءَ مايوسين مان ڪڍي، هڪ تازي هوادار ماحول ۾ وٺي ٿو اچي ۽ ڪيس زندگيءَ جون وجايل راهون ٿو ڏسي. زندگيءَ جي وجايل راهن کي ڳولڻ جي جُستجو ئي آهي، جيڪا هِن کاڻين جي مجموعي 'وبا کان چورايل پَل' ۾ آهي. جنهن جو ليکڪ انور ابڙو آهي. هي کاڻيون پڙهي ائين ٿو لڳي ته، موت جي موسم ۾ زندگيءَ جون ڳالهيون ٿيل آهن.

انور ابڙي جي هن کاڻين جي خوبصورتي اِها آهي جو هي کاڻيون خاص طور تي پورهيت طبقي جي ماڻهو جون کاڻيون آهن. جن ۾ پيار، پنهنجائپ، وفا، ڏڪ، بک، بيروزگاري، ورتاء، روين سميت انيڪ موضوع شامل آهن. جيئن ته هي کاڻيون عالمي وبا ڪورونا جي پس منظر ۾ لکيل آهن. انهيءَ ڪري هر کاڻي ۾ ڪورونا جو ذڪر آهي يا ائين چئجي ته هر کاڻي جو مرڪزي موضوع ڪورونا آهي. کاڻين جا ڪردار ۽ کي افسانوي ڪردار ناهن پر سچا پچا اسان جي چوڌاري رهندڙ ماڻهو آهن. جن ۾ اسان جا پاڙيسري، رازا، رکشا وارا، استاد،

مائٽ، شاگرد، آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻھو، هاري ۽ پورهيت شامل آهن.

هي ڪھاڻيون پڙھندي مون اِهو به محسوس ڪيو ته هر ڪھاڻي ۾ موجود پيغام مثبت آهي. جيئن مثال طور گھٽين ڪھاڻين ۾ هن عالمي وبا کان بچاء جو پيغام ملي ٿو. جنھن ۾ صفائي رکڻ، وٽي رکڻ، هٿ نہ ملائڻ، پاڪر نہ پائڻ، پنھنجو ۽ پنھنجي پيارن، پاڙيوارن ۽ سمورن انسانن جو خيال رکڻو آهي. ٻي مثبت ڳالھ اِها ته هر ڪھاڻي ۾ ڪھاڻيڪار رشتن کي جوڙيندي نظر اچي ٿو. جيڪا تمام وڏي ڳالھ ۽ وقت جي ضرورت آهي. ڪھاڻين ۾ ياءَ ياءَ جو سھارو ٽيندي نظر اچي پيو، پاڙيسري جو احساس به ملي پيو، ٻارن جي تعليم جو ذڪر به آهي، زال مڙس جو ڏکين حالتن ۾ به پيار محبت سان رھڻ وارو موضوع به آهي.

هنن سمورين ڪھاڻين جو مرڪزي ڪردار به ڪھاڻيڪار پاڻ ئي آهي. هُن وبا دوران پيار جون ڳالھيون به ڪيون آهن، ڳٽتي جو اظھار به ڪيو آهي، پاڙيسري رکشي واري جي درد کي به محسوس ڪيو آهي، رازي جي روزگار لاءِ به پريشان لڳي ٿو، استاد جي عظمت کي به سلام پيش ڪيو اٿس، ٻارن سان پيار جو درس به ڏيندي ڏسجي پيو، پوڙھن ماڻھن جي پراڻن قصن ۽ وبائن بابت تبصرن کي به قلمبند ڪري ٿو، نشي جي ماريل وادِي جي درد ڪٿا به بيان ڪري ٿو، ماسڪ پائڻ ۽ وٽي رکڻ جي التجا به ڪري ٿو. ھاڻي هي سڀ موضوع ۽ ڪھاڻيون ذاتي مشاھدن جو نتيجو آهن. آئون ته هيئن چوندس ته هي ڪھاڻيون ته اسان جي سماج جي استبدي آهن. جن ۾ وبا دوران پورهيت ڪلاس جي نفسيات جي عڪاسي ڪئي وئي آهي.

ڪتاب ۾ 21 ئي ڪهاڻيون پيار، وفا، محبت ۽ زندگيءَ جون ڳالهيون آهن. جيڪي پڙهي رشتن ناتن يا ائين چئجي ته انسانيت ۾ ويساھ پختو ٿئي ٿو. هي انفراديت نہ پر اجتماعيت جون ڳالهيون آهن ۽ اسان سيئي اجتماعي ٻلائي جا حامي آهيون.

هن خوبصورت ڪتاب جو مهاڳ نالياري اسڪالر ڊاڪٽر غفور ميمڻ صاحب لکيو آهي. جنهن ۾ هُو دنيا جي بيحسيءَ تي ڪجھ هن طرح خيالن جو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو "توهان ڏسو هڪ طرف دنيا مٿان موت لامارا پيو ڏئي، ته ٻئي طرف سرمائيدارن ڪورونا وائرس جا راندیڪا ناهيا آهن، ڪورونا تي سوين گانا اچي ويا آهن، جيڪي ڪروڙين ڊالر پيا ڪمائين، ڪورونا تي ڪارٽون ٺهي چڪا آهن....."

ڪتاب جي فليپ تي نياز پنهور ۽ امر اقبال جا رايا ڏنل آهن. جڏهن ته ٻئڪ ٽائيٽل تي انگريزي ۾ احمد سلطان ڪوسي، مسرت خواجہ، رزاق ابڙي ۽ هاشم ابڙي جا ڪمينٽس ڏنل آهن. انهيءَ سان گڏ ڪتاب جي آخري صفحن ۾ هن ڪهاڻين بابت مختلف ليکڪن، شاعرن ۽ پڙهندڙن جا رايا بہ ڏنل آهن. هي لائبريري ۾ رکڻ ۽ پڙهڻ جهڙو ڪتاب پيڪاڪ پبلشر ڪراچي شايع ڪيو آهي.

**

ڪاغذي ڳالھيون تي تبصرو

ڪتاب جي نالي مان ائين ٿي لڳو تہ، هن ڪتاب ۾ volatile ڳالھيون آھن. جيڪي ڪجھ گھڙين ۾ ھوائن ۾ اُڏري ويندیون پر ڪتاب پڙھڻ سان ائين لڳي ٿو جڻ اِھي ڳالھيون دل ۾ گھر جوڙين ٿيون ۽ سوچڻ جو سامان food for thought مھيا ڪن ٿيون. هن ڪتاب جا پنج پاڳا آھن. جنھن ۾ پھريون پاڳو اھڙن مضمونن تي مشتمل آھي، جنھن ۾ ليکڪ پنھنجي اندر جي احساسن emotions کي اظھاريو آھي. جنھن ۾ انساني ورتاء جو بہ ذڪر آھي تہ، romantic touchبہ آھي. ڪٽي ڪٽي تہ شاعراڻو نٽر لڳي ٿو. ٻئي پاڳي ۾ ٽيسٽ ۽ انٽرويو جي حوالي سان tips آھن. جنھن کي career counseling & trainingچئي سگھجي ٿو. ڪتاب جي ٽئين پاڳي ۾ book reviews آھن. جنھن ۾ ليکڪ پنھنجي مطالعي ۾ آيل مختلف ڪتابن تي پنھنجي خيالن جو اظھار ڪيو آھي. ڪتاب جي ليکڪ يوسف جميل جي مھرباني، جنھن منھنجي ڪتاب "تنين کي تعليم جي" تي لکيل سندس تبصرو بہ ڪتاب ۾ شامل ڪيو آھي. ڪتاب جو چوٽون پاڳو بہ ڪتابن تي لکيل تاثرات تي مشتمل آھي. جڏھن تہ پنجين پاڳي ۾ ترجمو ٽيل مضمون آھن. هن ڪتاب کي ڏسي ائين ٿو لڳي تہ هي ھڪ گلدستو آھي، جنھن ۾ ھر رنگ جو گُل آھي، جنھن جي پنھنجي پنھنجي خوشبوءِ آھي.

ڪتاب پڙھندي اِھو بہ محسوس ٿيو تہ، ليکڪ جيڪي مضمون ترجمو ڪيا آھن، انھن ۾ نفسيات ۽ صلاحيتن کي سُڌارڻ جي حوالي سان مضمون شامل آھن. انھيءَ موضوع تي ايا بہ

تفصيل سان لکي ڪتاب ڇپائي ھا! اھڙي طرح career counseling تي بہ الڳ ڪتاب ھجڻ گھرجي. جو پڑھندڙ ڪنھن نتيجي تي پُھچي. ساڳي طرح ڪتابن تي تبصرن جو بہ الڳ ڪتاب ھجڻ گھرجي ھا! ڪتاب جي پھرين پاڳي ۾ جيڪي احساساتي ليک آھن، سي وري الڳ ڪتابي صورت ۾ ھجڻ گھرجن ھا! خير، اِھا منھنجي ذاتي راءِ آھي، ليکڪ کي جيئن بھتر لڳو، تيئن ھن ڪيو. وري ليکڪ پڑھندڙن جو مختلف موضوعن ڏانھن ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪندي نظر اچي ٿو. ھڪ ٻي گذارش تہ، ليکڪ جيڪي مضمون ترجمو ڪيا آھن، انھن جا حوالا ڏئي ھا تہ بھتر ھو، جيئن اصل مضمون لاڀاپيل ڪتاب يا ويب سائيٽ تان پڑھي سگھجي ھا! يوسف جميل لغاري کي مبارڪون ۽ شاباسون، جو پاڻ پنھنجي لکڻين کي محفوظ ڪري، ڪتابي شڪل ڏئي پڑھندڙن تائين پُھچائي پيو.

**

ڪتاب تحفي ۾ ملي ته ٻيو ڇا ڪپي؟

فيس بڪ ذريعي جُڙيل دوست سرفراز علي پنهور ڪجھ ڏينھن اڳ مون کي ميسيج ڪيو تہ، سائين مون اوھان لاءِ ھڪ ڪتاب تحفي طور ھڪ دوست ذريعي موڪليو آھي. مون سندس ٿورا مڃيا. سرفراز سان منھنجي ڪا بہ روبرو ملاقات ناھي پر سرفراز پاڻ پڙھڻ لکڻ وارو ماڻھو آھي، ڪيس ڪتابن سان پيار آھي. سو، ساڃي ٻاري جا ماڻھو ھئڻ ڪري، ھن مون ڏانھن ڪتاب تحفي طور موڪليو. اڄ جي ھن وٺ پکڙ جي وقت ۾ جيڪڏھن ڪو ماڻھو اوھان کي خلوص مان ياد ڪري ۽ ڪتاب تحفي طور موڪلي تہ، سچ پچ اُھو نھايت ئي نفيس ماڻھو آھي. سرفراز ڪتاب جنھن دوست (رجب علي قنبراڻي) ذريعي موڪليو، سو منھنجو شاگرد آھي ۽ اُھو ھن وقت سرفراز سان گڏ يونيورسٽي ۾ پڙھي ٿو. سو انھي ٻھاني سان سرفراز، رجب سان سالن ڪانپوءِ ملڻ جو موقعو ٻہ فراھم ڪيو. آئون ٻنھي نوجوانن جو ٿورائتو آھيان، جو انھن جي ٿورن سان ڊاڪٽر شاھمراد چانڊيي صاحب جو ڪتاب منھنجي مطالعي جي ميز تائين پُھتو.

ڊاڪٽر شاھمراد چانڊيو صاحب يونيورسٽي ۾ پروفيسر آھي. مون کي روايتي پروفيسرن کان مختلف لڳي ٿو، ڇو تہ ھي شاگردن ۽ تعليم جي بنيادي مسئلن تي ڳالھائي ٿو، لکي ٿو ۽ سوچي ٿو. نہ تہ مون اڪثر پروفيسرن کي شاگردن سان ڳالھائيندي يا سندن مسئلن تي ڳالھائيندي عار محسوس ڪندي ڏٺو آھي. مٿان وري پروفيسر ڊاڪٽر ٿي پوي تہ عام خلق ويتر آزار ۾ پئجو

وڃي. بهرحال شاهمراد صاحب جي هن ڪارائتي ڪم کي ساراهيندي، سندن هن تازو شايع ٿيل ڪتاب "ڪامياب شاگرد" کي ڏسون ٿا ته، هن ۾ شاگردن جي رهنمائي لاءِ تمام گهڻا موضوع شامل آهن. جن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ سان شاگردن جي اندر اعتماد پيدا ٿيندو. مثال طور پنهنجي اندر لڪل ذات کي دريافت ڪريو، پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري، رٿابندي ڪريو، وڏا خواب ڏسو، گڏجي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪريو، ٻُڌڻ سِکو، رڳو پنهنجو پاڻ سان مقابلو ڪريو وغيره.

ڪتاب ۾ ليکڪ شاگردن جي پلائي لاءِ 72 موضوعن تي ننڍا ننڍا، عام فهم ٻولي ۾ نهايت ئي ڪارائتا ليک شامل ڪيا آهن. جيڪي خاص طور تي هاءِ اسڪول جي شاگرد کان ويندي يونيورسٽي جي شاگرد لاءِ ڪارائتا آهن. اِهو هڪ ڪڙو سچ آهي ته، اسان جي شاگرد جي رهنمائي صحيح طرح سان نٿي ٿئي، جنهن جي ڪري هُو انيڪ مسئلن جو شڪار آهن. سو، ان قسم جي رهنمائي لاءِ هي ڪتاب نہ رڳو شاگردن کي پر استادن ۽ والدين کي بہ پڙهڻ گهرجي. ڪتاب جي آخري حصي ۾ ليکڪ شاگردن کي پنهنجي شخصيت جو جائزو ونڻ لاءِ نهايت ئي زبردست سوالن جي هڪ فهرست ڏئي ٿو. جيئن.

- توهان ۾ موجود ڪي ڏهه خوبيون
- توهان ۾ موجود ڏهه خاميون
- توهان جون پسنديده عادتون
- توهان جي پسند جا پنج ڪتاب
- توهان جون رول ماڊل شخصيتون

انهن سميت ٻيا ڪيترائي اهڙا سوال هن ڪتاب ۾ آهن، جن تي سوچڻ ۽ انهن جا جواب ڳولڻ سان راهون آسان ۽ واضح

ٽين ٽيون. اِهي سوال ورڪ شيٽ جي صورت ۾ ڏنل آهن. اُنهن جا جواب لکڻ سان اوهان کي پنهنجي شخصيت جي لکل پاسن جي خبر پوڻ شروع ٽيندي ۽ اوهان اُن تي سوچڻ شروع ڪندا. آئون پنهنجي شاگردن ۽ دوستن کي ٻه هن ڪتاب بابت معلومات ڏيندس تہ جيئن هُو، هي ڪتاب پڙهي، هِن ۾ موجود موضوعن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.آئون ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو صاحب کي هن شاندار ڪتاب جون واڌايون ڏيان ٿو ۽ ٿورا مجان ٿو، پياري دوست سرفراز علي پنهور جا، جنهن هي ڪتاب مون ڏانهن موڪليو.

درد پاڻئي همدرد آهي...!

هر پڑهندڙ لاءِ وٽندڙ ليکڪ يا شاعر اُهو هوندو آهي، جنهن کي پڑهڻ کانپوءِ پڑهندڙ اِهو محسوس ڪري تہ، منهنجي خيالن ۽ احساسن جي ترجماني پئي ٿئي. "آءُ تہ سُندرتا ڳوليون" بہ هڪ اهڙو ئي شعري مجموعو آهي، جنهن کي پڑهڻ سان گهڻ ۾ گهڻ مون کي تہ، اِهو محسوس ٿيو آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو اٿم.

هي شاعري جو ڪتاب تہ ڪجهہ وقت اڳ ڇپيو پر منهنجي هٿن تائين دير پُهتو. گذريل هفتي هن ڪتاب جي مهورتي تقريب ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ، اُتي موجود ڪتابن جي اسٽال تان هن کي خريد ڪيم. واپسي ڳوٺ ڏانهن هُئي، رات ٿي چُڪي هُئي. ڊرائيور گاڏي هلائيندو رهيو، مون گاڏي ۾ لائيٽ آن ڪري ڪتاب پڑهڻ شروع ڪيو. مهاڳ ۽ پنهنجي پاران پڑهڻ بغير شروعات شاعريءَ کان ئي ڪيم. ڪجهہ نظم پڑهيم تہ، ائين محسوس ٿيو تہ هي نظم تصور جي خوبصورت وادين جو سير پيا ڪرائين. انهن نظمن ۾ هر بدصورتي ۾ خوبصورتي ڳولڻ، هر فرق ۾ برابري ڳولڻ، هر ڏک ۾ سُک ڳولڻ، هر ناانصافي ۾ انصاف کي ڳولڻ، هر بيوفائي ۾ وفا کي ڳولڻ، هر موت ۾ زندگيءَ ڳولڻ، هر ناڪامي ۾ ڪاميابي ڳولڻ، هر لاتعلقي ۾ تعلق ڳولڻ، هر خوف ۾ بهادري ڳولڻ، ڪيترن ئي چهرن ۾ لڪل اصل چهرن کي ڳولڻ سميت هر خوبصورتي کي ڳولڻ جي نيندِ ڏنل آهي. تڏهن ئي تہ ڪتاب جو نالو ئي "آءُ تہ سُندرتا ڳوليون" آهي.

هن ڪتاب ۾ موجود نظمن ۾ اڪثر نظمن اسان جي سماج جي سوشل اسٽڊي آهن. جن ۾ هِن سماج جي هر فرسوده نظام کي نندیو ویو آهي. جنهن ۾ طبقاتي فرق، جنسي فرق، رنگ نسل جي فرق سميت هر قسم ٻيائي ۽ ٻهروپيت تي دل کولي لکيو آهي. شاعره ايڏي حساس آهي جو کيس پنهنجي ڏرتيءَ سان ٻه ٻيپناھ پيار آهي، کيس پنهنجي ماڻُ ٻوليءَ سان ٻه اُنسيت آهي، معصوميت سان ٻه پنهنجائپ اٿس. هُو ايڏي نفيس آهي، جو کيس لفظ پوپٽن جهڙا خوبصورت ۽ رنگين لڳن ٿا.

وري جڏهن ڪتاب ۾ موجود ڪجهه رومانٽڪ نظم پڙهجن ٿا تہ گلزار جون آرٽ موويز ذهن تي تري ٽيون اچن. جيئن "ساڻ" جي عنوان سان هن نظم جون ڪجهه سِٽون اوهان پڙهي ڏسو.

"پنهنجو ساڻ،
ٽرين ۾ ويٺل،
ٻن مسافرن جهڙو رهيو...
نہ تو ڄاتو تہ منهنجي منزل ڪٽي هئي!
نہ مون کي پتو هو تہ تون ڪٽي لهندين....
پر هن مختصر سفر ۾،
اسان هڪٻئي جي اکين ۾ سفر ڪندا رهياسين....."

زاهده ابڙو هن سماجي بُرائي تي ٻه لکي ٽي تہ، جتي پُٺ ڄمي... سارو لوڪ نچي!ڏيءَ ڄمي تہ ماڻُ ڪُسي!پنهنجو پاڻ سان ملاقات جو ٻه عجيب ئي سُرور آهي، جيڪو هر ڪو محسوس ٻه نٿو ڪري سگهي. شاعره اهڙن احساسن ۾ هن طرح رنگ پريو آهي.

" مڪمل وجود آهي اڄ منهنجو ٽيو،
پاڻ سان ڄڻ پهرين ملاقات هُئي."

مان چوندو آھيان تہ، خاموشي لفظن کان وڌيڪ موسيقيت رکي ٿي. رڳو اُن کي دل جي ڪنن سان ٻُڌو وڃي. ھن ڪتاب ۾ ب "خاموشي ڳالھائي ٿي" جي عنوان سان ھڪ نظم آھي.

شاعره پنھنجي سوچ ۾ ترقي پسند آھي، تڏھن تہ عورتن کي پاتل ڳھ ڳڻا ب غلامي جو تسلسل ئي لڳن ٿا. پاڻ لکي ٿي تہ،

"نٽ جيڪا اڄ مان،
تو لئہ ٿي پايان....
سا ڪلھوڪي ناڪيل آھي
ڳلي ۾ ٿي پايان،
ڪيئي اڄ مان زيور،
صدين جا سي سوين
ڏنل تنھنجا ڳٽ آھن....."

لفظن جي سندرتا جو ب ذڪر آھي پر لفظن جي ڏنل ڳھائن ۽ پيڙا جو ب قصو آھي. تڏھن ئي تہ پاڻ ھڪ نظم لکيو اٿس تہ، "لفظ ب لباس پھرن ٿا". ھي منھنجو ذاتي مشاھدو آھي تہ، اڄ جو اڪثر ھر ماڻھو لفظن ۽ روين ذريعي ھر ڪنھن کي ايذائڻ جو ڇڻ نيڪو ڪٽيو ھلي. جنھن کي ڇِتي ٿو وجھ ملي، اُتي لفظن جا تير سامھون واري جي سيني مان پار ڪري ٿو ڇڏي ۽ ان تي وري خوش ٿئي ٿو. اِھو نٽو سوچي تہ مون سامھون واري جي انھن لفظن ذريعي زندگيءَ زھر ڪري ڇڏي. اڄ جو ماڻھو ويچارو اندر ۾ ڪيترائي سُور لڪائي پيو ھلي. انھيءَ تي لکي ٿي تہ،

"ايندو آ ٿرٿلو اندر ۾،
پوءِ ب ڏار نظر نہ ايندا آھن."

سماجي اٽبرابري ۽ طبقاتي فرق کي گاڏين جي برانڊ ۽ ماڊل سان ڪيڏي نہ خوبصورت تشبيھ ڏني اٿس....

"ٽريفڪ جيم ۾ گاڏيون،
هجومن ۾ حيران انسان.
ڏسڻ ۾ سڀ آهن گاڏيون
برانڊ ۽ ماڊل جو فرق آهي،
انسان تہ سڀ انسان،
طبقن جو تفاوت آ!
انهيءَ فرق تي ڪجھ طرح بہ لکي ٿي.
"تنهنجو گرھ آ سٽيو سٽيو،
مون وٽ پور نہ اٽيو ..."

ماڻھو جي زندگيءَ ڪيڏي بہ طويل ڇو نہ ھُجي پر اُن ۾ ھڪ مخصوص لمحو ئي ھوندو آهي، جنھن ۾ ماڻھو سموري زندگيءَ جيءِ وڃندو آهي.

"چوڻ کان تہ زندگيءَ سالن جي آ،
پر ٿا سڀ لمحي ۾!"

حساس ماڻھو کي ٻھروپيت کان سخت نفرت ھوندي آهي. اھا ئي ٻھروپيت اڄ اسان وٽ ھر ھنڌ موجود آهي. شاعره انھن ناٽڪن تي بہ لکڻ ٿي چاھي. زندگيءَ جي سفر ۾ ماڻھو جو واسطو ڪيترن ئي ٻھروپين سان پوي ٿو.

"ھي سفر ڪيڏو نہ آ
دلچسپ رھيو!!
چھرن تي پُلجندي زندگيءَ آ رھي....
ھڪ ئي چھري تي ڪيترائي چھرا رھيا!!

ڪتاب ۾ موجود ڪافي نظمن ۾ شاعره جا وطن دوستي ۽ پنھنجي ٻوليءَ سان پيار وارا احساس بہ پَسي سگھجن ٿا.

ڪتاب ۾ موجود ھر نظم جو انگريزيءَ ۾ شاعراڻو ترجمو ٿيل آھي. جيڪو محترم اعجاز منگي انتھائي خوبصورتي سان ڪيو آھي. اُن جو ذڪر نہ ڪرڻ بہ ناانصافي ھوندي. نظم جڏھن انگريزيءَ ۾ ٿا پڙھجن تہ،اُھي اصل انگريزيءَ جا ئي لڳن ٿا. شاعره جو پنھنجو اندر اُجرو آھي تڏھن ئي ھُو لقاءَ ۾ سندرتا ڳولي ٿي....

"ھُو ڪيڏي نہ چري ھُئي!!
دل جي بُت خاني ۾،
انسان رکي وينِي ھُئي."

مون ھي نظم پڙھڻ سان اِھو بہ محسوس ڪيو تہ شاعره ھنن سيني خوبصورتين جي تلاش ۾ اڪيلي نٹي نڪري پر اسان سيني کي تلاش ۾ گڏجي پنڌ ڪرڻ جو وڙول بہ ڏيئي ٿي! جيڪا سندس وسيع سوچ جو مظھر آھي.

27مارچ، 2021ع تي ھن ڪتاب جي مھورت حيدرآباد ۾ ٿي. ميڊم مون کي پروگرام ۾ اچڻ جي دل سان دعوت ڏني. پاڻ واٽس ايپ تي دعوت جو ڪارڊ موڪليائين تہ مون سندس مھرباني مجي ۽ سوچيم تہ پروگرام ۾ وڃان يا نہ؟ عام طور آئون پروگرامن ۾ ناھيان ويندو پر ڪيترن ئي سالن کان دل چيو تہ پروگرام ۾ وڃجي، سو ھليو ويس. وڃڻ سجايو بہ ٿيو. ھڪ بہ دوست بہ مليا، ھڪ بن دوستن کي پري کان ڏٺو، ھڪ بن دوستن سان چاھڻ باوجود نہ ملي سگھيس، ڪتاب تي سُٹي گفتگو ٻُڌم ۽ پياري ثاقب ابڙي جي ميزباني جو مزو بہ ورتم. اھڙي طرح سندرتا جي ڳولا ۾ ويندي، پاڻ سان سندرتا کڻي واپس ٿيس!.....

گامون جي ڳولھا

گامون جي ڳولھا مون کي اسان جي سماجي، سياسي، زرعي، تعليمي ۽ ٻين اھم موضوعن جي نشاندھي ڪندڙ ۽ اُنھن جا حل ڏسيندڙ بلاگن جو مجموعو لڳو. جنھن ۾ عبدالرحمان پيرزادو بيمار معاشري جي ڪيترن ئي بيمارين جو ذڪر ڪندي نظر اچي ٿو.

ھن بلاگن ۾ ليکڪ اھڙا سوال اُٺاري ٿو، جيڪي عام طور تي اسان وٽ اٺارڻ جي روايت ناھي. عبدالرحمان پيرزادو اِھا روايت ٽوڙيندي نظر اچي ٿو. ھُو صنفي بيحسيءَ ۽ جھالت جھڙن موضوعن سان گڏ پاڳين جي دنيا، سماج ۾ سائنس جي اھميت ۽ انڌا اونڌا ويڃ جھڙن عنوانن ھيٺ نھايت ئي اھم ڳالھين طرف ڌيان ڇڪائيندي نظر اچي ٿو.

ھن بلاگن ۾ ليکڪ جي آتم ڪٿا جي جھلڪ ٻہ نظر اچي ٿي. خاص طور تي ليکڪ جڏھن موسيقيءَ جي حوالي سان ذڪر ڪندي نظر اچي ٿو. سو ھي اھم بلاگ لکي، انھن کي سھيڙڻ تي پيرزادي صاحب کي واڌايون ھجن.

اندر ۾ لهي ويندڙ درد

ڪتابن کي ڏسڻ، ڇُهڻ ۽ پڙهڻ کان سواءِ مون کي سُکون ناهي ايندو. ڪٿي به، ڪو به ڪتاب هٿ اچي ويندو آهي ته، انهي سان ڪچهري ضرور ڪبي آهي. ڪورونا وبا جي ڪري ٽيل لاڪڈائون سبب تقريبن هر ماڻهو جي زندگي ۾ بوريت ۽ بيزاري جنم ونڻ شروع ڪيو هو. هروپرو گهر کان ٻاهر نڪرڻ ممڪن نه هو، سو پاڻ ڪتابن سان ئي ڪچهريون ڪري انهي بوريت کي ڪنهن حد تائين ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي. انهي دوران هڪ ڪتاب مليو. جنهن جو نالو هو "درد جو البم". موسم ۽ فضا ئي درد جي هُئي. حساس ماڻهن جي اندر ۾ درد ئي درد هو. اُتي درد جو البم اِهو سيڪاري ويو ته، درد کي ڪيئن پيئجي؟ درد کي ڪيئن اندر ۾ اوتجي؟ درد کي ڪيئن سگهه ٻڌائجي؟ ڪتاب جو بليڪ ٽائيٽل ئي ويڑي جي عڪاسي ڪري رهيو هو.

هن ڪتاب جي ٽائيٽل هڪ خوبصورت نوجوان جي تصوير آهي، جنهن جي اٽمدائتي ويڑي سبب سندس والد کيس پيار ۽ ڏڪ جي گڏيل احساس مان هن ڪتاب جي صورت ۾ پيٽا ڏني آهي. هن درد سان پرپور نثري نظمن جو شاعر محترم آصف جمالي آهي. جيتوڻيڪ آصف جمالي سان منهنجي ملاقات ناهي پر پوءِ مون خبر ناهي ڇو اِهو محسوس ڪيو ته آصف بيحد حساس ماڻهو آهي، هو روايتي ماڻهو ناهي. هُن کي دنياداري به نٿي اچي. تڏهن ئي پنهنجي پياري کي ڪتاب جي صورت ۾ پيٽا ڏني اٿس. نه ته

اکثر ماڻھو پنھنجي ويجھن عزيزن جي وچوڑي جي کجھ ڏينھن کانپوءِ دنيا جي ھڻ وٺ ۾ لڳي ويندا آھن پر آصف جي اندر اِھو درد گھر ڪري ويھي رھيو آھي. جنھن جا شاھد سندس ھي نظم آھن. درد جي گھرائي جو وڏو سبب ب اِھو آھي جو ھي نوجوان پنھنجي ٻن ٻين دوستن سميت ھن رھزن سماج جي بيحس ۽ مردار ڪرتوتن جي زد ۾ اچي پنھنجي زندگي وڃائي وينو.

زندگي ب ت ھڪ حادثو ئي آھي. ڪن پل ۾ ئي سڃي تبديل ٿيو وڃي. گھٽو کجھ ھوندي ب کجھ نٿو رھي ۽ کجھ نہ ھوندي ب گھٽو کجھ رھجي ٿو وڃي. ھِن قسم جي حادثن ۽ وچوڙن ۾ درد ئي ت رھجي ٿو وڃي.

ھن ڪتاب ۾ موجود نظم جڏھن پڙھجن ٿا ت، ائين ٿو محسوس ٿئي ت "ڪئلينڈر" ۾ تاريخ تبديل ٿيڻ ڇڏي ڏنو آھي. آسمان مان ڪا "وڃ" ڪري پئي آھي. "وقت" بيھي رھيو آھي. ماڻھو "بيوسي" جو شڪار ٿي "آئسوليشن" ۾ ھليو ويو آھي. زندگي جي ترتيب بگڙي وئي آھي. "دوست" رُسي ويا آھن. "ھٿ" ٻَڌجي چڪا آھن. "سمنڊ" اداس آھي. "درد" دل ۾ ديرو جمائي ويھي رھيو آھي. سپ کجھ ڄاڻندي ب انسان بيخبر ٿي ويو آھي. "ڪرونا" ويتر ڏکن ۾ اضافو ڪري وئي آھي. "ھُو" پري وڃي چڪو آھي. "خواب" اکين جي پنبڻين ۾ اٽڪي پيا آھن. "بارش ۾" اندر جو آسمان روئي رھيو آھي. تصويرون خاموش آھن، جو ت "تصويرون ڳالھائيندیون ناھن". درد "تعارف" بڻجي ويو آھي. "بي جواز مصروفيت" وڏي وئي آھي. "خوشين جا ڏڻ پوڙھا" ٿيندي محسوس ٿين ٿا. اکين ۾ "ڳوڙھو" ئي رھجي ويو آھي. ھر پاسي "موت" جا واڪا آھن. خوابن جا پکي آکين جي آکيرن مان ھليا ويا

آھن. درد جا "رشتا" پکا ٿي ويا آھن. "نند" نيٽن کان ڏور آھي. "ماٺھو پٿر ٿي ويا آھن". "زندگي اتي ئي بيٺي آھي."

مٿين پيراگراف ۾ انورٽيڊ کاماز ۾ آصف جي نظمن جا عنوان آھن. انھن عنوانن مان ئي درد جي شدت کي محسوس ڪري سگھجي ٿو. ھڪ ھڪ نظم اندر ۾ درد ساڻ لھي ٿو وڃي. ماٺھو ھي نظم پڙھندي پڙھندي روئي ٿو پئي. ھي لفظ لکندي ۽ ڪجھ اھڙي ئي ڪيفيت آھي.

ھن بيحس ۽ بيرحم سماج ۾ حساس دل ھجڻ ئي ڏوھ آھي. جنھن جي سزا درد آھي. ھي بيدرد سماج ٻيو ڏيندو ۽ ڇا؟ حساس دل ماٺھو وٺ پنھنجي قسمت تي روئڻ سواءِ ٻيو ڪجھ ۽ نٿو ٻچي.

ھن ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ اردو نثري نظم آھن، جن جو محور ۽ درد ئي آھي. درد کي ۽ حساس دل ئي پيار ڪري ٿي. تڏھن ته بيرحم انھي دل ۾ گھر ڪري ويھي ٿو رھي ۽ زندگي ۾ تڙپائيندو ٿو رھي.

درد جون ڳالھيون لکڻ جي سگھ نہ سارينديءَ آلين اکين سان ھن ليک کي اتي ختم ٿو ڪريان.

بس دعا آھي ته اھڙو درد ڪنھن کي ۽ نہ ملي ۽ اھا ۽ دعا آھي ته پالڻھار، محترم آصف کي ھمٽ ڏيندو آمين.

***

رايا

سرمد کوسو سيبتو، فهم فضيلت وارو خوش خلق نؤجوان آهي، جنهن جي ڪرت پڙهڻ آهي، پڙهائڻ آهي ۽ لکڻ آهي. سرمد جهڙن نؤجوانن جي سنجيدگي، اسان جي سماج جي زنده هجڻ جي نہ رڳو نشاني آهي، پر سنڌي سماج جي ڪاميابيءَ ڏانهن وک جي ضمانت پڻ آهي. سرمد جي لکڻين جي خوبي اها آهي تہ سندس ٻولي ۽ اُسلوب تمام دلچسپ آهن. سرمد لاءِ دُعا آهي تہ سندس قلم انهيءَ ئي رفتار سان هلندو رهي ۽ پنهنجي احساس ۽ مشاهدي جي دنيا کي، همعصر دنيا سان وندبيندو ورڇيندو رهي.

نور احمد جنجهي

سرمد کوسو هڪ باصلاحيت نؤجوان آهي. جيڪو نه رڳو هڪ بهترين استاد آهي، پر ان سان گڏ سماج جو هڪ سڃاڻ فرد بہ آهي. هُو تسلسل سان تعليم ۽ سماج سان جڙيل ٻين موضوعن تي لکي رهيو آهي. هن ڪتاب کان اڳ بہ سندس ٻئي ڪتاب مختلف موضوعن تي لکيل سندس مضمونن جا مجموعا آهن. سندس لکڻيون انتهائي منفرد ۽ ڪارائتيون آهن، جيڪي هر ڪنهن کي پڙهڻ گهرجن.

منوج ڪمار

بئڪ ٽائيٽل پيج

اسان وٽ ادب ۾ اھو ئي ماڻھوءَ هلي سگھي ٿو جيڪو گھڻ ڀڳالھائو هُجي، تيز هُجي ۽ ٻيو ڪجھ هُجي يا نہ هُجي پر اھڙي ڪنھن لابي جو حصو ضرور هُجي جيڪا جنھن وقت چاھي پنھنجي لابي جي ڪنھن بہ ادیب کي وڏي ادیب هُجڻ جي پڳ ٻڌرائي يا وري ڪنھن هلڪي قلڪي شيءَ تي بہ اھڙي وھ واھ ڪري جو ھمراھ رات پيٽ ۾ وڏو ادیب بڻجي اسان تي مڙھجي وڃي، پر هي سرمد! نہ تہ ڪنھن لابي جو حصو آھي، نہ گھڻ ڀڳالھائو آھي ۽ نہ وري ڪو تيز آھي، پر هي پنھنجي ڪم سان ڪم رکندڙ آھي ۽ اھڙو ڪم جنھن کي پڙھڻ سان ھن سان ڪچھري ڪرڻ جي دل ٿي چوي، ھن جو ڏس پتو پيڃجي ٿو ۽ اھائي سندس ڪاميابي آھي، سرمد نالي وانگر لکڻ ۽ پڙھڻ سان وڏو عشق ڪري ٿو، ھن جو اپيچند ھن جُون لکٹيُون آھن، هي ڪنھن جا ڪپڑا لاھي نٽو پر لفظن سان گھٽن جي اوگھڙ ڊِکي ٿو، ھن جو مزاج اٽيو نہ پر سٽيو آھي، هي پنھنجي پيشي سان پيار ڪري ٿو، هي ڀارن کي نئين راھ ڏسي ٿو ۽ نہ رڳو راھ ڏسي ٿو پر ڳچ پنڌ تائين انھن جي چيچ جھلي اڳتي بہ ڪري ايندو آھي، اسان وٽ جڏي تعليم جي ميدان ۾ خدمتُون سرانجام ڏيڻ کي آخري آپشن طور ورتو ويندو آھي تہ اتي سرمد جھڙن نوجوانن پاران ان پيشي کي پھرئين آپشن طور اختيار ڪرڻ خوشي کان گھٽ ناھي ۽ اسان جو معاشرو ۽ آئيندو تڏھن ئي ترقي جي منزل ماڻي سگھندو جڏھن ان ۾ سرمد جھڙا نوجوان پنھنجُون خدمتُون سرانجام ڏيندا ۽ وڏي ڀگالھ تہ سرمد جو پھريُون ڪتاب بہ تعليم جي حوالي سان آيل آھي ۽ هي ڪتاب جيڪو مختلف ڪتابن تي تجزين ۽ مضمونن تي ٻڌل آھي اھو سندس ادبي حيثيت جي ڪٽ ڪري ٿو ۽ اميد آھي تہ سنڌ جي نصيب ۾ سرمد جھڙا ڪوڙ نوجوان ايندا!!

سرواڻ سنڌي، اسلام آباد

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي طرفان ڇپيل ڪجھ ڪتاب

- جيجل منھنجي قسمت (ڪھاڻيون) دلبر چانڊيو
- ساڃاھ جا سرچشما (پٽائي جي بيتن جي چونڊ ۽ تشريح) سعيد احمد چانڊيو
- ڏرتيءَ جو پُٽ (ڪھاڻيون) عبدالواحد سومرو
- پيئي جن پرک (ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو علمي ۽ ادبي شخصيت) ترتيب: مرتضيٰ لغاري
- ڪلجُگ جا رنگ (ڪھاڻيون) ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو
- نينھن جو نوحو (شاعري) فرزانا شاھين
- ٻالڪ ڏرتيءَ ٽاندا ٽاڪا (ٻارڙن لاءِ شاعري) وحيد محسن
- ھوا جو رنگ ناسي آ (شاعري) رحمت پيرزادو

روشني جا رنگ: "شھدادڪوٽ جا شاعر" (گڏيل شاعري) مرتب: سڪندر ھاڙھو

- ڏُک کي ڏُک آ (شاعري) وسيم گبول
- پيار جي ڏرتي دل جو ديس (ڪھاڻيون) منل چانڊيو
- ڪوءِ ڳڏيبندڙ ھوءِ (ڪھاڻيون) ھوش محمد پٽي
- جيءَ جيارو (پيغمبرِ خدا جي زندگي تي نظر) اويس پٽو
- نيل نديءَ تي رولاکي (ناول: "نجيب محفوظ") ترجمو: ايار پٽو
- عشق عبادت (ڪھاڻيون) اندرا شبنم پونا والا
- متي ماڻي لايان (ڪھاڻيون) فرزانہ شاھين
- پيڙا جي پاتار ۾ (شاعري) خالده نسرين
- ڪونج قطارون ڏات جون (گڏيل شاعري) ڪونج بلوچ
- نظم جدائي جا (اڪبر ڪرل جي شاعري) مرتب: نادر دايو
- سماج ۾ سياست جو گرائمر (مضمون) ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري
- شاھ جو رسالو سور ڪيڏارو (ڪربلا جو قصو) ڊاڪٽر علي اڪبر ڊڪڻ
- شاھ جو رسالو جا سُر ڊاڪٽر علي اڪبر ڊڪڻ
- سنڌي ٻوليءَ ۾ ثقافت (مضمون) ڊاڪٽر ڪمال جامڙو
- در جو ڪڙڪو (ڪھاڻيون) شفيع ٻڪ
- ريڑا ريڑا روح اسان جو (شاعري) بشير سيتائي
- نت نت آھ نئون (لطيفيات) لطف پيرزادو
- عشق جي عنايت (سگھڑ علي گوھر وڳڙ جو ڪلام) مرتب: ڊاڪمال جامڙو
- ڪرنل ڪي ڪير ۽ خط نہ ٿو لکي (ناول: گارشيا مارڪئيز) ترجمو: رحمت سومرو
- ساروٽيون ساٽيھ جون (يادگيريون) خير محمد ڪولاچي
- ڪجلا سر (ناول) اجمير پُٽو
- سامي سھاڳي (خاڪا) اقرار پيرزادو
- نندڙي پري (ٻارن لاءِ ڪھاڻيون) وحيد محسن
- خوابن جو سفر (سنڌ جو سفر نامو) سلطانہ وقاصي
- ڳولا (شاعري ۽ ڪالم) منور سلطانہ
- سيد پير علي شاھ شيرازي جو ڪلام مرتب ۽ مقدمو: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو
- چوٽين مارچ ۽ سنڌي شاگرد جدوجھد سھيڑيندڙ: پروفيسر اعجاز احمد قريشي

- ماڻھو پاڻ امُلھ (سوانحي خاڪا) محمد هنگورجو
- تون ئي منھنجو محور آن (شاعري) بينا مسرور
- واپسي (ناول) انور ڪليم
- Bequest of the Bhittai Dr Sher mihrani
- ايلسا (ناوليٽ) عبدالواحد سومرو
- آءِ لوَ يو (ناوليٽ) بيدل مسرور
- مان بہ تخليقيان ٿو ڪجھ وينو (نثر) آڇم ناٿن شاهي
- ڏرتي ڏڻي شاعر، استاد بخاري (مقالا) سھيڙ: سجاد يوسف سومرو ۽ تابش بخاري
- شاھ لطيف ھڪ ڪامل انسان (لطيفيات) فدا حسين شيخ
- من من مور ٿھوڪا (خاڪا ۽ مضمون) علي نواز ڏاهري
- ڪجلي (ڪھاڻيون) جھانگير عباسي
- آزاديءَ جي عشق ۾ (شاعري) "ناشاد" رشيد سنڌي
- سنڌ جو ابنِ بطوط (حجاز نامو) سھيڙيندڙ: ماڻڪ ملاح
- وِيا اُت وهي (سوانح/شخصيت/ساروٽيون) سھيڙيندڙ: شمس راهمون
- چنڊ متي آڪاس (شاعري) خالده نسرين
- ڳالھيون پيٽ ورن ۾ (ڪالم) سلطانہ وقاصي
- سڳنڌ (سلطانہ وقاصيءَ تي لکيل مضمون) سھيڙ: مرتضيٰ لغاري
- پنج آگريون (ڪھاڻيون) سڪندر هاڙهو
- پوڻءِ نہ آياس پانءِ (ڊاڪٽر ڪمال جي وچوڙي تي آيل تاثراتي نثر) سھيڙ: ڊاڪٽر عابده گھانگھرو
- ڏونگر ڏاري ويندا سين (عبدالحڪيم "ارشد" جا ڪالم) مرتب: مرتضيٰ لغاري
- ڪاغذي ڳالھيون (ڪالم ۽ مضمون) يوسف جميل لغاري
- ھولي ۾جھارت (لطيفيات) مينھون خان "سوز" بلوچ
- ٻوءِ (ڪھاڻيون) انور ڪليم
- قدر منجھ ڪِنار (پروفائيل انترويو) علي محمد "درد" سولنگي
- الف الڪ من ۾ (شاعري) عبد سنڌي
- ڪُلھي ڪانڌي ڪير؟ (ڪھاڻيون) سيما عباسي
- لاحاصل Love (ڪھاڻيون) جاويد شيخ
- سڙيا متي سچ (مضمون) سرمد کوسو
- سپنا منھنجي ساھ جا (آڇم ناٿن شاهيءَ جي شاعري) سھيڙ: ذوالفقار گاڏهي
- تاريخ جي تھ خاني مان (ڪالم مضمون) سڪندر عباسي
- سنڌوءِ ڪناري ساروٽيون (يادگيريون) ڊاڪٽر غلام رسول سومرو
- تقدير جو احوال ترجمو: فقير علي ڏنو نظاماڻي
- شاھ جي رسالي جي سنڌي انگلش لغت ڊاڪٽر علي اڪبر ڊڪڻ
- عالم برزخ (ناول) ترجمو: قربان چنا
- سنڌي شاعريءَ جو فن ۽ گھاڙيٽا (تحقيق) عزيز قاسماڻي
- ڏورينديون ڏُسن (لطيفيات) محمد هنگورجو
- سنڌ جو امداد "جيئن مون ڏٺو" (شخصيت) فدا حسين شيخ
- ستون پڑھ ساڃاھ جُون (مضمون) سرمد کوسو

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڙ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڙ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابر ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙھي سگھجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگھيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف پرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساڻ نياڻيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


انسان وٽ ادب ۾ اهو ئي مائُهو، هلي سگهي ٿو جيڪو گهڻ ڀاڱهائو هُجي، تيز هُجي
۽ ٻيو ڪجهه هُجي يا نه هُجي پر اهڙي ڪنهن لاءِ جو حصو ضرور هُجي جيڪا جنهن
وقت چاهي پنهنجي لاءِ جي ڪنهن به اديب کي وڏي اديب هُجڻ جي پڳ ٻڌرائي يا
وري ڪنهن هلڪي ڦلڪي شيءَ تي به اهڙي وهه واهه ڪري جو همراهه رات پيٽ ۾
وڏو اديب ٿيڻ جي مڙهجي ويجي. پر هي سرمدا نه ته ڪنهن لاءِ جو حصو آهي،
نه گهڻ ڀاڱهائو آهي ۽ نه وري ڪو تيز آهي. پر هي پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ آهي
۽ اهڙو ڪم جنهن کي پڙهڻ سان هن سان ڪچهري ڪرڻ جي دل ٿي چوي. هن جو
ڏس پتو پڇجي ٿو ۽ اهائي سندس ڪاميابي آهي. سرمد نالي وانگر لکڻ ۽ پڙهڻ سان
وڏو عشق ڪري ٿو هن جو اپيچند هن جُون لکڻيُون آهن. هي ڪنهن جا ڪيڙا لاهي نٿو
پر لفظن سان گهٽن جي اوگهڙ ڪئي ٿو هن جو مزاج اڇيو نه پر سڌيو آهي. هي پنهنجي
پيشي سان پيار ڪري ٿو هي پارن کي نئين راهه ڏسي ٿو ۽ رڳو راهه ڏسي ٿو پر ڇڄ پنڌ
ٽائين انهن جي ڇيڇ جهلي اڳتي به ڪري ايندو آهي. انسان وٽ جتي تعليم جي ميدان ۾
خدمتُون سرانجام ڏيڻ کي آخري آپشن طور ورتو ويندو آهي ته اتي سرمد جهڙن نوجوانن
ياران ان پيشي کي پهرئين آپشن طور اختيار ڪرڻ خوشي کان گهٽ نامي ۽ انسان جو
معاشرو ۽ آئيندو تڏهن ئي ترقي جي منزل ماڻي سگهندو جڏهن اُن ۾ سرمد جهڙا نوجوان
پنهنجُون خدمتُون سرانجام ڏيندا ۽ وڏي ڀاڱهه ته سرمد جو پهريُون ڪتاب به تعليم جي
حوالي سان آيل آهي ۽ هي ڪتاب جيڪو مختلف ڪتابن تي تجزين ۽ مضمونن تي
ٻڌل آهي اهو سندس ادبي حيثيت جي ڪٽ ڪري ٿو ۽ اميد آهي ته سڌ جي نصيب ۾
سرمد جهڙا ڪوڙ نوجوان ايندا!!!
سروائ سندي- اسلام آباد
a Murk Book - Prose (Essays)
ISBN: 978-969-7958-47-4
Price: PKR 400/-